تي شيوڪ کي هلڻ گهرجي. [جوليڻ = هلڻ گهرجي - سنڌي ۾ جُل = هل.]

(٤) چئلَ لنگهندي پارِ، گورَي مَنُ ڌيرِئا
ڪنچن ونّي پاسي، ڪلوَت چيرِئا

ارٿ :- سنتن کي پار لنگهندو ڏسي جگياسين جي من ۾ ڌيرج اچي ٿو ته اسين به لنگهي پار ٿينداسين. مايا، جنهن جو رنگ سون جهڙو آهي، سا جنهنجي پاسي آهي، تنهنکي ڪات سان چيريندا. [چئل = گڀرو، سهڻو جوان، عاشق، برهمي، سنت، ڀڳت. گوري = جوان استري، جگياسو. ڪنچن = سون. ونّي = رنگ. ڪلوت = ڪات، ڪارائي.]

(٥) شيخ حياتي جگِ نه ڪوئي ٿِرُ رهِئا
جِسُ آسڻِ هم بئٺي، ڪيتي بئسِ گئِئا

ارٿ :- اي شيخ! ڪنهن جيو جي حياتي هن دنيا ۾ ٿر (قائم) نه آهي. جنهن آسڻ تي اسين ويٺا آهيون، تنهن تي ڪيترائي ويهي ويا آهن. [بئس گيا = ويهي ويا.]

(٦ ۽ ٧) ڪتڪ ڪونجان چيتِ ڏَوَ، ساوڻِ بجليان
سيئالي سوهنديان، پر گلِ باهڙيئا
چلي چلڻ هارَ، وچارا ليئ مني
گنديدان ڇئ ماهَ، تُڙنديئان ڇِنُ کني

ارٿ :- جيئن ڪتيءَ جي مهيني ۾ ڪونجون ڏسڻ ۾ اينديون آهن، چيٽ جي مهيني ۾ باهيون لڳنديون آهن، ساوڻ جي مهيني ۾ وجليون چمڪنديون آهن ۽ سياري ۾ پتيءَ جي گهچيءَ ۾ ٻانهون سونهنديون آهن (جي سڀ ڳالهيون جڳن ڀنگر آهن)، تيئن من ۾ ويچار ڪري ڏسو ته هلڻ وارو جيو

آسا شيخ فريد جي ڪي باڻي شبد (۲)

(اُپديش.)

(۱) ٻولي شيخ فريدُ پياري آلهُ لڳي
اِهُ تنُ هوسي خاڪُ، نماڻي گورُ گهري

ارٿ:- شيخ فريد صاحب جن فرمائين ٿا، ته اي پيارا الله کي ياد ڪريو. هي تن نيٺ خاڪ ٿيندو ۽ نماڻي اوس گور آهي. [گهري = گهر]

آجُ ملاوا شيخ فريد، ٽاڪمُ ڪونڄڙيان منهُ مچيندڙيان (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي شيخ فريدا اڄ ئي يعني هن ديهي ۾ ئي تون پرماتما سان ملاپ سگهين ٿو، بشرطيڪ تون پنهنجي ڪونڄن روپي اندرين کي روڪين، جي من ۾ گهڻو هل مچائيندڙ آهن. (ٽاڪم = روڪ. ڪونڄڙيا = ڪونڄون (اندرين روپي). مچندڙيان = هل مچائيندڙ.]

(۲) جي جاڻان مرِ جائيئي، گهمِ نه آئيئي
جهوٺي دُنيا لڳِ، نه آپُ وڃائيئي

ارٿ:- جي جاڻان ها ته مونکي مري وڃڻو آهي ۽ وري موٽي نه اچڻو آدي ته جيڪر مان جهوٺي دنيا کي لڳي پاڻکي ناس نه ڪريان ها. [گهم = وري، موٽي.]

(۳) ٻوليئي سچُ ڌرمُ، جهوٺُ نه ٻوليئي
جو گورُ دسي واٽ، مريدا جوليئي

ارٿ:- سچ ۽ ڌرم جي ڳالهه ڪرڻ گهرجي ۽ ڪ... ته اصل نه ڳالهائڻ گهرجي. جيڪا واٽ ستگورو ٻڌائي، اُها...

جنهن تو سچ سروپ کي سڃاتو آهي، تنهنجا شل مان پير چمان! [اگم = جنهنجي ڄاڻ نه پئي سگهي. مون = مان.]

(٣) تيري پنه خُداء تُون بخشندگي
شيخ فريدي خير ڏيجي بندگي.

ارٿ:- هي نرنڪار! مونکي تنهنجي ئي پناه آهي. تون بخشڻ هار آهين. تون مونکي بندگيءَ جو دان ڏي. (مطلب ته مونکي خيرات اها ڏي، جو مان سديو تنهنجي ڀڳتي ڀيو ڪريان.) [خير = خيرات.]

ਆਸਾ

ਬੋਲੈ ਸੇਖ ਫਰੀਦੁ ਪਿਆਰੇ ਅਲਹ ਲਗੇ ॥ ਇਹੁ ਤਨੁ ਹੋਸੀ ਖਾਕ ਨਿਮਾਣੀ ਗੋਰ ਘਰੇ ॥ ੧ ॥ ਆਜੁ ਮਿਲਾਵਾ ਸੇਖ ਫਰੀਦ ਟਾਕਿਮ ਕੂੰਜੜੀਆ ਮਨਹੁ ਮਚਿੰਦੜੀਆ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜੇ ਜਾਣਾ ਮਰਿ ਜਾਈਐ ਘੁਮਿ ਨ ਆਈਐ ॥ ਝੂਠੀ ਦੁਨੀਆ ਲਗਿ ਨ ਆਪੁ ਵਞਾਈਐ ॥ ੨ ॥ ਬੋਲੀਐ ਸਚੁ ਧਰਮੁ ਝੂਠੁ ਨ ਬੋਲੀਐ ॥ ਜੋ ਗੁਰ ਦਸੈ ਵਾਟ ਮੁਰੀਦਾ ਜੋਲੀਐ ॥ ੩ ॥ ਛੈਲ ਲੰਘੰਦੇ ਪਾਰਿ ਗੋਰੀ ਮਨੁ ਧੀਰਿਆ ॥ ਕੰਚਨ ਵੰਨੇ ਪਾਸੇ ਕਲਵਤਿ ਚੀਰਿਆ ॥ ਸੇਖ ਹਯਾਤੀ ਜਗਿ ਨ ਕੋਈ ਥਿਰੁ ਰਹਿਆ ॥ ਜਿਸੁ ਆਸਣਿ ਹਮ ਬੈਠੇ ਕੇਤੇ ਬੈਸਿ ਗਇਆ ॥ ੫ ॥ ਕਤਿਕ ਕੂੰਜਾਂ ਚੇਤਿ ਡਉ ਸਾਵਣਿ ਬਿਜੁਲੀਆਂ ॥ ਸੀਆਲੇ ਸੋਹੰਦੀਆਂ ਪਿਰ ਗਲਿ ਬਾਹੜੀਆਂ ॥ ੬ ॥ ਚਲੇ ਚਲਣਹਾਰ ਵਿਚਾਰਾ ਲੇਇ ਮਨੋ ॥ ਗੰਢੇਦਿਆਂ ਛਿਅ ਮਾਹ ਤੁੜੰਦਿਆ ਹਿਕੁ ਖਿਨੋ ॥ ੭ ॥ ਜਿਮੀ ਪੁਛੈ ਅਸਮਾਨ ਫਰੀਦਾ ਖੇਵਟ ਕਿੰਨਿ ਗਏ ॥ ਜਾਲਣ ਗੋਰਾਂ ਨਾਲਿ ਉਲਾਮੇ ਜੀਅ ਸਹੇ ॥ ੮ ॥ ੨ ॥

آسا شيخ فريد جي کي باڻي شبد (۱)

(جن جي دل صاحب سان آهي، سيئي سچا آهن.)

اِڪ اونڪار ست گور پرساد

(۱) دِلهُ مُحَبَتِ جِن، سيئي سَچِئا
جِن مَنِ هو رُمکِ هوُر، سِ ڪاچي ڪچِئا

ارت:- جنهجي دل ۾ پريم آهي، سي ئي سچا آهن؛ پر جن جي من ۾ ٻي (يعني دنيا جي خواهش) آهي ۽ مکر ۾ وري ٻي (پرماتما جي خواهش) آهي، سي ڪچا ڪوليا وڃن ٿا. [ڪاچي=ڪوليا وڃن ٿا.]

رَتي عِشق خُداءِ رَنگِ ديدارَ ڪي
وِسَرِئا جِن نامُ تي بُهِ بارُ ٿيئي (اِڪ رهاءِ)

ارت:- سچا تہ پرماتما جي پريم ۽ ايشور جي درشن جي رنگ ۾ رتا پيا آهن، پر جن کان نام وسري ويو آهي، سي پرٿوي تي بار آهن. [ڀُءِ=پرٿوي، زمين.]

(۲) آپِ ليئي لَڙ لاءِ، دَرِ دَرويش سي
تِن ڌَنُ جڻيدي ماءِ، آئي سَڦَلُ سي

ارت:- نرنڪار جي درجا فقير اهي آهن، جن کي پنهن جي اڄوي هيٺ رکيو اٿس. ڌن آهي انهنجي ماءُ، جنهن کين ڄڻيو ۽ انهن جو هن دنيا ۾ اچڻ سڦل ٿيو. [لڙ=اڄوي، پاءُ.]

(۳) پَرو دگارَ اپارَ اَگمَ بي انتَ تون
جِنا پڇاتا سچُ چُمان پير مُون

ارت:- هي پروردگارا تون اپار، اگم ۽ بي انت آهين.

اڄي لنگهيا. ڏنائون تہ اُتس هڪ شخص ٻي ڏڪ هڻيا تنهن
تي هي سلوڪ چيائون) تہ دروازي وٽ وڃي توهان گهڙيال
(گهنٽ) جو ڪهڙو حال ڏٺو؟ هن ٻي ڏوهي‍ءَ کي مار ٻيٺي ملي،
ٻر اسين جو ڏوهي آهيون، تن جو الاجي ڪهڙو حال ٿيندو؟
[در=وٽ، ٻر. ندوسا=ٻي ڏوهي.]

(٤٠) گهڙيئي گهڙيئي مارئيئي، پهري لهي سزاء
سو هيڙا گهڙيئال جئن، ڪُي رئڻ وهاء.

ارٿ:- فريد صاحب جن فرمائين ٿا تہ گهڙيءَ گهڙيءَ
جي گذرڻ ڪان پوءِ گهڙيال (گهنٽ) مار پيو کائي ۽ پهر پهر کان
پوءِ وڏي سزا پائي ٿو، اهڙيءَ طرح ٻرن ڪرمن ڪرڻ واري
جيو جو اهو حال آهي، جو گهنٽ وانگي سندس دکي رات
(حياتي) گذري ٿي. [سو=اهو. هيڙا=سرير، جيو. وهاء=
گذري ٿي.]

نوٽ:- هي شيخ فريد صاحب جن جا ٻہ سندر شبد
جي سچي پاتشاه سري گورو ارجن ديو جن راڳ آسا ۾ سري
گورو گرنٿ صاحب تي چاڙهيا آهن، تنهنجو ارٿ ڏجي ٿو.

ਆਸਾ ਸੇਖ ਫਰੀਦ ਜੀਉ ਕੀ ਬਾਣੀ

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਦਿਲਹੁ ਮੁਹਬਤਿ ਜਿਨ ਸੇਈ ਸਚਿਆ ॥ ਜਿਨ ਮਨਿ ਹੋਰੁ ਮੁਖਿ
ਹੋਰੁ ਸਿ ਕਾਂਢੇ ਕਚਿਆ ॥੧॥ ਰਤੇ ਇਸਕ ਖੁਦਾਇ ਰੰਗਿ ਦੀਦਾਰ
ਕੇ ॥ ਵਿਸਰਿਆ ਜਿਨ ਨਾਮੁ ਤੇ ਭੁਇ ਭਾਰੁ ਥੀਏ ॥੧॥ ਰਹਾਉ॥
ਆਪਿ ਲੀਏ ਲੜਿ ਲਾਇ ਦਰਿ ਦਰਵੇਸ ਸੇ ॥ ਤਿਨ ਧੰਨੁ ਜਣੇਦੀ
ਮਾਉ ਆਏ ਸਫਲੁ ਸੇ ॥੨॥ ਪਰਵਦਗਾਰ ਅਪਾਰ ਅਗਮ ਬੇਅੰਤ
ਤੂ ॥ ਜਿਨਾ ਪਛਾਤਾ ਸਚੁ ਚੁੰਮਾ ਪੈਰ ਮੂੰ ॥੩॥ ਤੇਰੀ ਪਨਹ
ਖੁਦਾਇ ਤੂ ਬਖਸੰਦਗੀ ॥ ਸੇਖ ਫਰੀਦੈ ਖੈਰੁ ਦੀਜੈ ਬੰਦਗੀ॥੪॥੧॥

(۱۲) فريدا ڪالي جني نہ راويا، ڌولي راوي ڪوءِ
ڪر سائين سڻ ٻرڏي، رنگ نويلا هوءِ.

هي پيارا، متان ٻرا ڪرم ڪرين. جو جو ڪرم تون ڪرين ٿو، تنهنجو حساب تو کي ڏيڻو پوندو. تنهنڪري دوراانديشي ڪري ٻچڙن ڪمن کان پرهيز ڪر. هن لاءِ ڏسو فريد صاحب جا سلوڪ ۴۹، ۵۹، ۳۹ ۽ ۴۰.

(۴۹) فريدا ويکر ڪپاهه جي ليڙا، جي سر ليڙا تلاهه
ڪماندي اڳڪا ڪڏي، ڪني ڪوئليڙاهه
مندي عمل ڪريندڙا، ايهه سزاءِ تناهه.

ارٿ:- فريد صاحب جن فرمائين ٿا تہ ڏسو تہ ڪمن سان جا تو ٿئي ٿي: تِرن، ڪمند، ڪاغذن، مٽيءَ جي ٿانون، ۽ اگرن سان ڪهڙي ويڌن ٿئي ٿي؛ جڪي ٻچڙا ڪم ڪن ٿا تن کي بہ اُنهن جهڙي سزا ملي ٿي. [تلاهه = تر. ڪوئلياهه = اگر. عمل = ڪم.]

(۵۹) فريدا جني ڪمي ناهه گڻ، تي ڪمڙي وسار
مت شرمندا ٿيوهي، سائين دي دربار.

ارٿ:- فريد صاحب جن فرمائين ٿا تہ جن ڪمن ڪرڻ کان ڪو فائدو نہ آهي، سي ڪم وسار، متان صاحب جي دربار ۾ شرمندو ٿئين. [ڪمي = ڪم. گڻ = فائدو.]

(۳۹) فريدا در دروازي جائڪي، ڪيتر ڏٺو گهڙيال
ايهه نردوسا ماريئي، هم دوسان داڪيا حال.

ارٿ:- (هڪ پيري فريد صاحب "گهڙتا گهر" (ناڪي) ڏٺان

نِندين ٿا. هو فرمائين ٿا تہ جنکي اندر ۾ سچي سائين سان محبت آهي، سي ئي سچيار آهن، پر جنکي اندر ۾ ڪُوڙ ۽ ٻاهر ٻي آهي، سي ڪچا ڪوٺيا وڃن ٿا.

"دِلهُ مُحَبَّتِ سي ئي سَچيا، جِنَ مَنِ هورُ مُکهِ هورُ،
سي ڪاڍي ڪَچِيا."

پاکنڊ کي هو سلوڪ (٥٠) ۾ نِندين ٿا.

(٥٠) فريدا ڪَنِ مُصَلاءِ صُوفُ گلِ، دِلِ ڪاتي گُڙُ واتِ
ٻاهرِ دِسئي چانڻا، دِلِ انڌياري راتِ.

ارٿ:- فريد صاحب جن فرمائين ٿا تہ (پاکنڊي شخص) جي ڪُلهي تي آسن آهي ۽ سندن ڳچيءَ ۾ صُوفين جي ڪفني آهي. هو وات جا مٺا آهن، پر دل ۾ اٿن ڇريون؛ ٻاهران گيان روپي سوجهرو اٿن، پر سندن دل ۾ اگيان روپي رات آهي. [ڪن = ڪلهو. مصلاءِ = آسن. صوف = ڪفني.]

هي ڀائي، جي توکي ڪو عقل آهي تہ ٻين جا ڇِت نہ ويچار. اندر ۾ جهاتي پائي ڏس تہ تو ۾ ڪيترا نہ عيب آهن. پوءِ جي پاڻ عيبن ۾ رنگيا پيا آهن، سي ٻين مان عيب ڪڍيندا تہ پاڻ ڪلائيندا. اِنهيءَ لاءِ پڙهو سلوڪ (٦)

(٦) فريدا جي تون عقل لطيفُ، ڪالي لِکُ نہ ليکُ
آپنڙي گريوان مهِ، سِرُ نيوان ڪر ديکُ.

هي پيارا، متان ڀانئين تہ مان پيريءَ ۾ سائين کي ياد ڪندس. جن جوانيءَ ۾ کيس نہ ڄاتو، سي پيريءَ ۾ هُنکي ڪيئن ڄاڻي سگهندا؟ هي مِٺا، سائين سان پريت ڪر تہ رچي لعل ٿي پوين. اِنهيءَ لاءِ پڙهو سلوڪ (١٢)

ڏسي مان نہ ٿو ڏجان، بشرطيڪ مالڪ جي برڪت نہ وجهي؛ جو تہ ڪيترئون جواڻيون بنا برڪت سُڪي ڪومائجي وڃن آهن. (مطلب تہ جواني سدائين نيمہ نہ آهي؛ انجي وڃڻ تي شوڪ ڪرڻ نہ گهرجي، پر مالڪ لاءِ سديو پريم ڪرڻ گهرجي).
[شهہ = پتي پرميشور. ڪني = ڪيترا.]

شيخ فريد صاحب جن پنهنجي امولڪ واڻيءَ ۾ فرمائين ٿا تہ ڪنهنکي رنجائڻ چڱو نہ آهي. پرماتما سيني جي دل ۾ وسي ٿو. تنهنڪري ڪنهنکي بہ ڪُونءِ جي رنجائڻ وڏو پاپ آهي. انهيءَ لاءِ ڏسو سلوڪ ۱۲۹ ۽ ۱۳۰.

(۱۲۹) اِڪُ ڦِڪا نا ڳالهاءِ، سَڀنا مَي سَچا ڌَڻي
هِئياءُ نہ ڪئهي ٺاهِ، مانڪَ سَڀ امولوي.

ارت:- فريد صاحب جن فرمائين ٿا تہ هڪڙو بہ ڪوڙو لفظ ڪنهن سان نہ ڳالهاءِ؛ ڇاڪاڻ تہ سيني ۾ سچو ڌڻي وسي ٿو. ڪنهنجو هئياءُ نہ رنجاءِ؛ ڇاڪاڻ تہ سڀ مردا جهڙا امولڪ مالڪ آهن. [ڦڪا = ڪوڙو، اڻلڳو. ٺاهہ = رنجاءِ. امولوي = امولڪ يا بي بها.]

(۱۳۰) سَڀنا مَنَ مانِڪَ، ٺاهڻُ مُولِ مَ چانگوا
جي توُ پِريان دي سِڪَ، هِئياءُ نہ ٺاهي ڪهِيدا.

ارت:- فريدصاحب جن فرمائين ٿا تہ سڀني جي دل (امولڪ) مالڪ آهي، انکي رنجائڻ بلڪل چڱو نہ آهي. جي توکي پياري (پرميشور جي ماڻ) جي سڪ آهي تہ ڪنهنجي دل کي نہ رنجاءِ. [مول = بلڪل. م = نہ. چانگوا = چڱو.]

شيخ فريد صاحب جن پاڪدو کي بلڪل سخت

نيم ۽ اشنان وغيره ڪنهن به ڪم جا نه آهن. پرميشور
کي پريم سان ئي ريجهائي سگهجي ٿو، پر نه ڪنهن
ٻي چترائيءَ سان. هي پيارا، هيءُ ڳالهه دل سان منجهايو
ته پريم بنا پرم سک جي آس رکڻ اجائي آهي. پريم ئي
موکش جو ساڌن آهي. ڏسو سلوڪ ١٠٨، ٢٧ ۽ ٣٤.

(١٠٨) فريدا ڪنتُ رنگاوَلا، وڏا وي مُحتاجُ
الله سيتي رَتيا، ايهُ سچاوا ساجُ.

ارٿ:- فريد صاحب جن فرمائين ٿا ته گهوٽ (پرميشور)
آنند سروپ آهي ۽ هو بي پرواهه آهي. هن جي پريم ۾ رڱجي
وڃڻ، اهو سچو ساڌن آهي. [ڪنت = گهوٽ. رنگاولا =
آنند سروپ، وڻندڙ. وي محتاج = بي پرواه. رتيا = رڱجي
ويا. سچاوا = سچو. ساج = سينگار، ساڌن.]

(٢٧) فريدا شڪر کنڊُ نِوات گُڙُ، ما کيڙو ماجها دُڌُ
سڀي وَستُو مِٺيان، رب نه پُڄنِ تُڌُ.

ارٿ:- فريد صاحب جن فرمائين ٿا ته شڪر، کنڊ،
مصري، گُڙ، ماکي ۽ مينهن جو کير، اهي سڀئي شيون
مٺيون آهن؛ پر (هي) رب! توسان اهي ڪين پڄنديون
(يعني تون اُنهن کان وڌيڪ مٺو آهين؛ جن آتم رس ماڻيو
آهي، تنکي ٻيا رس مٺا نه ٿا لڳن). [شڪر = اڻ صفا ٿيل
کنڊ. نوات = مصري. ما کيڙو = ماکي. ماجها دڌ = مينهن
جو کير.]

(٣٤) جوبن جاندي نا ڏران، جي شهه پريت نه جاء
فريدا ڪتي جوبن پريت بن، سُڪِ گئي ڪُملاء.

ارٿ:- فريد صاحب جن فرمائين ٿا ته جوانيءَ کي ويندو

دريءَ جي ڪٺن ڳالھ ۽ مکيہ آھن. تنھنڪري جيڪو سندن اوت ولندو، تنھنکي ٻہ سچي مارگ تي. لائي ڇڏيندا. فريد صاحب ست سنگ جي مھما سلوڪ ٥٣ ۽ ٨٩ ۾ ھن طرح ڪن ٿا.

(٥٣) فريدا سوئي سرور ڍونڍ ليا، جتھ لبي وٿ ڇپڙ ڍونڍي ڪيا ھووي، چڪڙ ڏبي ھٿ.

ارٿ:- فريد صاحب جن فرمائين ٿا تہ اھو ست سنگ روپي سمنڊ ڳول، جتي نام روپي پدارٿ لبي. ڪسنگ روپي ننڍي تلاءُ ۾ ڦٽڪڻ مان ڇا ورندو؛ فقط وشيہ روپي گپ ۾ (من روپي) ھٿ وجي پوندو. [سرور = سمنڊ (ست سنگ). وت = (آتم) وستو، (نام روپي) پدارٿ. ڇپڙ = ننڍو تلاءُ (ڪسنگ). چڪڙ = (وشيہ روپي) گپ. ڏبي = پوندي ٿو.]

(٨٩) فريدا رب کجوري پڪيان، ماکي نئي وھن جو جو ويڃي ڏيھڙا، سو عمر ھٿ پون.

ارٿ:- (اھو خيال تہ بھشت ۾ کجور ۽ ماکي انسان کي ملندي، تنھن ۾ نسبت فريد صاحب جن چون ٿا تہ اھي شيون ھن دنيا ۾ بہ ملي سگھن ٿيون، تنھن تي جمع الن تہ) سفت روپي کجور پڪي راس ٿي بيٺي آھي ۽ ست سنگ روپي ماکيءَ جون نديون وھن. جي ڏينھن گذرن ٿا، سي عمر ۾ ھٿ پون ٿا. (مطلب تہ عمر اجائي گھٽبي بيٺي وڃي، تنھنڪري سماگم ٿي ست سنگ ڪرڻ گھرجي ۽ سفتن جي اوت وٺڻ گھرجي). [رب کجوري = ايشور جي کجور يعني سفت. نئي = نديون.]

شيخ فريد صاحب جن جو اِھو خيال آھي تہ جيسين ھرمانما لاءِ پيار نہ ھوندو، تيسين جپ، تپ، ورت،

سکيا ڏنا هن جيءَ جو سڌارو ڪداچت نه ٿي سگهندو ۽
سچو سک کيس هرگز نصيب نه ٿيندو. هو مايا جي موهه
۾ ڦٿو ڪٺو ڦاٿو پيو هوندو ۽ کيس آگهور نرڪ ڪٽي ويندي.
جيتوڻيڪ هو ڪٺي سڄاڻ ٿئي ۽ پاڻ ڇڏائڻ لاءِ گهڻا
مٿا موڙنا هڻي ته به سندس مصيبتون ٿاپ نه پونديون.
پر جڏهن ستگورو روءِ جي ڪرپا سان سندس پُٺ کلندي
۽ کيس گيان پراپت ٿيندو، تڏهن هو ايشور کي ست
سمجهي آت ئي هر رام نام جو امرت رس پيو پيئندو ۽
اُن ۾ رچي لعل ٿي پوندو. فريد صاحب جن پنهنجي
ستگورو روءِ جي مهما سلوڪ (٨٧) ۾ هن طرح ڪن ٿا.

(٨٧) فريدا گليءَ سُ سڄڻ وِيهه، اڪ ڍُونڍيدي نه لهان
ڍُڪان جِئن ماليهه، ڪارڻ تِنان ما پِرِين.

ارٿ:- فريد صاحب جن فرمائين ٿا ته گالهين وارا جيڪر ويهه سنگتي ملي سگهن، پر گولڻ سان هڪ به (سچو) سنگتي نه ملي سگهندو؛ مان ته پنهنجي پريتم لاءِ جيٺي وانگر پيو ڍُڪان.
[گلي = گالهين جا. جئه = جئن. ماليهه = جيٺي جي پور. ماپرين = پنهنجي پياري. ڪارڻ = لاءِ.]

شيخ فريد صاحب پنهنجي مٿي ۾ واڻيءَ ۾ ساڌ سنگت جي ڪيٺي قدر مهما ڪن ٿا. هو فرمائين ٿا ته سنتن جي شيوا ڪرڻ مان هن اڪيلي جيو جا سڀ اوگڻ ميٽجي وڃن ٿا ۽ هو سچي مالڪ ڏي منهن ڪري ٿو. سنڌي ۾ چوڻي آهي ته "سنگ ڏاري ڪسنگ پوڙي" يعني چڱن جي صحبت ڪجي ته لاڀ پائجو، پر جي بڇڙن جو سنگ ڪبو ته جائي ڇيهو رسندو. سنت پرميشور جا پيارا آهن ۽ کين پرماتما سان ايتري پريت آهي، جو هو رات ڏينهن

ڪري صبوح جو سائينءَ جو ياد ڪر؛ جو سر سائينءَ کي نہ نو نمي، تنهنکي ڀڃي ڇڏڻ گهرجي. [اُٺو = وضوء، ٻانگ اشناني. ساز = ڪر. گدار = ٻڙهہ]

(٧٢) جو سِرُ سائين نا نوي، سو سِرُ ڪپجي ڪانءِ
ڪُني هيٺ جلائيي، ٻالڻ سندي ٿانءِ.

ارٿ:- فريد صاحب جن فرمائن ٿا تہ جو سر سائينءَ کي نہ نو نمي، تنهنکي جا ڪرڻ گهرجي؟ هنکي ديگڙي هيٺان ڪاٺين جي بدران جلائڻ گهرجي. [ڪني = ديگڙي. ٻالڻ = ڪاٺون. سندي = جي. ٿانءِ = جاء.]

(١٠٧) فريدا پڇلِ نہ جاڳيوهہ، جيوندڙو مُئيوهہ
جي تئي رب وساريا، تہ رب نہ وسريوهہ.

ارٿ:- فريد صاحب جن فرمائين ٿا تہ جيڪڏهين تون پوئينءَ رات جو (يعني امرت ويلي) نہ ٿو جاڳين تہ جڻ ڄڻ مئل آهين. جيتوڻيڪ تو صاحب کي وساريو آهي، تنهن هوندي بہ صاحب توکي نہ وساريو آهي. (مطلب تہ ٻاجهاري سوڌو توکي وجهن ڏينڻ سان نثو گهٽائي؛ تو تي ڪرپا ڪندو پيو رهي.) [پڇل = پوئين. جيوندڙو = جڙي. مئيوهہ = مئل آهين.]

من جو سڀاءُ آهي چنچل، سو اوائل ۾ سنسار جا سڀ رس ۽ هاڻڪي سوادي پيا لڳندا، پر رام نام مان او هاڻڪي سوادئي ڪوڙو ايندو. انهيءَ جو علاج اهو آهي تہ ستڪوروءَ جي سرڻ پڪڙي ڪا نِتس اُپديش وٺو. فريد صاحب فرمائين ٿا تہ

"جو گور ڏسي وات، مُريدا جوليئي"

هي پائي، جا ستڪوروءَ وات ڏسي، مريد يا سِکُ جو ڪم آهي اُنموجب هلي. هي پائي ستڪوروءَ جي

مَلڪُ الموت جان آوَسي، سَڀ دروازي ڀن
تِنان پيارِيان پائيندان، آڳي ڏِتا ڀن
ويکهُ بندا ڇليا، چهُ جُٽيا ڏيئي ڪَنِ
فريدا عَمَلَ جو ڪيٽي ڏُني وچ، درگهه آئي ڪم.

ارٿ:- فريد صاحب جن فرمائين ٿا ته هي سرير ساڄن تن (ڪاچن) مٽن جو، پاٽيءَ؛ آن جي آسري تي رهي ٿو. هيءُ جيو پاڻ سان واشناؤن پڌي آيو آهي، پر جڏهين جم راجا ايندو، تڏهين سڀ دروازا ڀڃندو ايندو؛ هن جيو کي سندس پيارن پائرن اڳيان پڌي ڪٽي ويندو. پوءِ ڏسو ته هن بندي کي چار جڻا ڪاهي تي چاڙهي ويندا؛ پر چڱا ڪم جي هن دنيا ۾ ڪيا هوندا سي ڪيس ايشور جي درٻار ۾ ڪم ايندا. [وت = وري. آسوڙي = اُميدون. ٻن = ٻڌي. ڪن ڪاهُو. ڀن = ڀڃي.]

شيخ فريد صاحب پنهنجي اموالڪ واڻيءَ ۾ "امرت ويلي" جي مهما ڪن ٿا. هو فرمائين ٿا ته جو شخص اشنان ڪري صبح جو سوير سائينءَ کي نه ٿو ياد ڪري، تنهنجو سِر ڪپي ڇڏ هي. اهڙو جيو مردي سمان آهي. هي بندا! جي تو رب کي وساريو آهي ته رب تو کي نه وساريو آهي. هو هر دم تنهنجي سار سنڀال لهي ٿو؛ تو کي وِ جهن ڏيڻ ۾ کهنائي نه ٿو. هن لاءِ ڏسو هيٺيان سلوڪ ۷۱، ۷۲ ۽ ۱۰۷.

(۷۱) اُٿ فريدا اُضوُ سازِ، صُبح نِواز گُذارِ
جو سِرُ سائين نا نوِيءَ، سو سر ڪپ اُتارِ.

ارٿ:- فريد صاحب جن فرمائين ٿا ته اُٿي پنهنجو اِشناني

(٣٨) فريدا چارِ گنوايا هنڍ ڪي، چارِ گنوايا سمِ
ليکا رب منگيسيئا، تون آهو ڪيري ڪمِ.

ارٿ:- فريد صاحب جن فرمائين ٿا ته چار پهر تو ڏينهن جا رلي ڀني وڃايا ۽ چار پهر رات جا تو سمهڻ ۾ ختم ڪيا. رب تو کان لکو وٺندو ته تون ڪهڙي ڪم لاءِ هن سنسار ۾ آئين؟ (مطلب ته هي منکھ رلڻ ڀڄڻ ۽ سمهڻ لاءِ هن دنيا ۾ نه آيو آهي، پر سائينءَ جي ڀڳتيءَ لاءِ. سو جي هن صاحب جي بندگي نه ڪئي ته هنجو جنم اڪيارٿو ٿيو). [چار = چار پهر ڏينهن جا. چار = چار پهر رات جا. هنڍ = رلي ڀني. منگيسيئا = گهرندو. آهو = آئين.]

(٩٨) فريدا موتِي داڀا ايويِ دِسي، جِئن دريائوي ڍاها
آڳي دوزخ تپيا سُڻيئي، هول پوي ڪا ها ها
اِکنا نون سڀ سوجهي آئي، اِڪ ڦردي وي پرواها
عمل جِ ڪيتي دُلي وچِ، سي دَرگهه اوگاها.

ارٿ:- فريد صاحب جن فرمائن ٿا ته هي سڀو ائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو جئن (ڀائمنڌڙ) درياهه جو ڪنارو. پرلوڪ ۾ دوزخ تپي ٿو ۽ هاءِ هاءِ جو گوڙ اتي پئجي ٿو؛ (اهو پڌي) ڪن کي ساري سمجهه پوي ٿي ۽ ڪي (پُڌي سُڌي) بي پرواهه رهن ٿا. جي ڪم انسان دنيا ۾ ڪيا آهن، سي ايشور جي درٻار ۾ ساکي يا شاهد ٿي بيهندا. [موتِي داڀا = موت جو ڀئو يعني سرير. ايوئي = اهڙيءَ طرح. ڍاها = ڀمندڙ ڪنارو. هول = هل، ها ها = هاءِ هاءِ. عمل = ڪرم. اوگاها = شاهد.]

(١٠٠) ساڍي تريُ منڻ ديهري، چلي پاڻي آن
آيو ٻندا دُلي وِچ، وَتِ آسوڙي ٻنِ

سلوڪ (۱) جت ڏهاڙي ڌن وري ساهي لئي لکاءِ
ملڪ ج ڪني سڻيدا مهُن ڏيکالي آءِ
جندُ نماڻي ڪڍيئي هڏا ڪو ڪڙڪاءِ
ساهي لکي نه چلني جندُ ڪون سمجهاءِ
جندُ وهٽي مرڻ ور، لئي جاسي پرڻاءِ
آپڻ هٿي جولڪي ڪي گل لڳي ڌاءِ
والهه نڪي پرصلاط ڪني نا سڻيئاءِ
فريدا ڪڙي پولدُ ينئي، کڙا نه آپ مُهاءِ.

ارٿ:- جگياسو روپي استري شاديءَ جو مهورت اڳيئي لکائي آهي. ڪال، جو اڳي ڪنن سان ٻڌو هوسين، تنهن اچي پنهنجو منهن ڏيکاريو آهي. نماڻي آتما کي هڏن مان توڙي ٿو ڪڍي. هي پراڻي، تون ٻاڻ کي سمجهاءِ ته لکيل مهورت ڪڏهين ٽري نه سگهندو. آتما آهي استري ۽ ڪال آهي سندس گهوٽ، اهو ساڻس پرڻجي ويندو. انهيءَ وقت (پنهنجن مٿن مائٽن کي مساڻي وٽ ڇڏي) تون ٻاڻ هاي ڪنهنجي ڳچيءَ ۾ هٿ وجهندين؟ جو ته ٻڌو ڪين اٿيئي ته پرصلاط، وارن کان به سنهي آهي! فريد صاحب جن فرمائين ٿا ته آواز پيو ٻڌجي (ته اسانکي هلڻو آهي)، تنهنڪري ٻاڻکي جاڻي ٻجهي نه مساءِ. [ڏهاڙي = ڏينهن. ڌن = استري. وري = شادي ڪئي. ساهي = مهورت. ملڪ = موت، فرشتو. ڪڙڪاءِ = توڙي. وهٽي = استري. جولڪي = ڇلي (فعل جاڻ = هلڻ). والهه = وارن کان. نڪي = سنهي. پرصلاط = جم مارگ. ڪڙي = آواز. کڙا = کڙو ٿي يا جاڻي ٻجهي. مُهاءِ = مساءِ، ٺڳاءِ.]

شيخ فريد صاحب جن جي سکيا

شيخ فريد صاحب جن پنهنجي سنڌ ۾ مان موٽيندي واٽ ۾ بار بار فرمائين ٿا ته پرميشور جو ساري رچنا جو رچيندڙ آهي ۽ جنهن جي قدرت ۽ وڏائي اپار اپار آهي، سو هر هنڌ حاضران حضور آهي. هو سڀني جيون ۾ وسي ٿو ۽ سڀئي جيو منجهس وسن ٿا. ٻيو هن مدو ڪنهنکي ڇنڊجي ؟ ڇاڪاڻ ته هن کانسواءِ ٻيو ڪو به ڪونهي.

”فريدا خالقُ خلقَ مهِ، خلقَ وسي ربَ ماهِ
مندا ڪس نو آکيئي، جا تسُ بنُ ڪوئي ناهِ.“

[سلوڪ (٧٥)]

پيارا، منهنجي اوهانکي وينتي آهي ته جيسين سرير ۾ ساهه آهي، تيسين اوهين ڏکيءَ جو نام جپي وٺو، ڇو ته هوئي آهي جو مرڻ گهڙيءَ اوهان سان سهاءِ ٿيندو. اوهان مان جن جو خيال آهي ته لڌي پڻ ۾ مزا ماڻجن، جوانيءَ ۾ ڪرت ڪار ڪجي ۽ پيريءَ ۾ تسبيحون ۽ مالهائون ڦيرجن، سي اثين ڄاڻن ته اڄ تو سندن ويچار ٺيڪ نه آهي. حياتيءَ تي دم جو به ڀروسو نه آهي. ڪال ڦهري ڇتائي ڪونه ٿو اچي. هو سدائين سر تي بيٺو آهي. تنهنڪري هي جيو ٿورن پنهنجا اعمال سڌارن. هن لاءِ ڏسو هيٺيان سلوڪ ١، ٣٨، ٩٨ ۽ ١٠٠

سلوڪ (١) جت ڏهاڙي ڌن وري ساهي لئي لکاءِ
ملڪ جو ڪني سڻيدا مُهُ ڏيکالي آءِ
جند نماڻي ڪڍيئي هڏا ڪو ڪڙڪاءِ
ساهي لکي نه چلني جندو ڪون سمجهاءِ
جند وهٽي مرڻ ور، لئي جاسي پرڻاءِ
آپڻ هٿي جولڪئي ڪئي گل لڳئي ڌاءِ
والهه نڪي پرصلاط ڪني نا سڻيئاءِ
فريدا ڪڙي پوندئي، کڙا نه آپ مهاءِ.

ارٿ:- جگياسو روپي استري شاديءَ جو مهورت اڳيئي لکائي آئي آهي. ڪال، جو اڳي ڪنن سان ٻڌو هوسين، تنهن اچي پنهنجو منهن ڏيکاريو آهي. نماڻي آتما کي هڏن مان توڙي ٿو ڪڍي. هي پراڻي، تون پاڻ کي سمجهاءِ ته لکيل مهورت ڪڏهين ٽري نه سگهندو. آتما آهي استري ۽ ڪال آهي سندس گهوٽ، اهو ساڻس پرڻجي ويندو. اُنهيءَ وقت (پنهنجن مٽن مائٽن کي مساڻي وٽ ڇڏي) تون پاڻ هلي ڪنهنجي ڳچيءَ ۾ هٿ وجهندين؟ جو ته ٻڌو ڪين اٿيئي ته پرصلاط، وارن کان به سنهي آهي! فريد صاحب جن فرمائين ٿا ته آواز پيو ٻڌجي (ته اسانکي هلڻو آهي)، تنهنڪري پاڻکي جاڻي ٻجهي نه مساءِ. [ڏهاڙي == ڏينهن. ڌن == استري. وري == شادي ڪئي. ساهي == مهورت. ملڪ == موت، فرشتو. ڪڙڪاءِ == توڙي. وهٽي == استري. جولڪئي == هلي (فعل چلڻ == هلڻ). والهه == وارن کان. نڪي == سنهي. پرصلاط == جم مارگ. ڪڙي == آواز. کڙا == کڙو ٿي يا جاڻي ٻجهي. مهاءِ == مساءِ، ٺڳاءِ.]

شيخ فريد صاحب جن جي سکيا

شيخ فريد صاحب جن پنهنجي سنڌ ۾ من موهيندڙ واڻيءَ ۾ بار بار فرمائين ٿا ته پرميشور جو ساري رچنا جو رچيندڙ آهي ۽ جنهن جي قدرت ۽ وڏائي اپار آهي، سو هر هنڌ حاضران حضور آهي. هو سڀني جيون ۾ وسي ٿو ۽ سڀئي جيو منجهس وسن ٿا. تڏهن مدو ڪنهنکي چئجي؟ ڇاڪاڻ ته هن کانسواءِ ٻيو ڪوبه ڪونهي.

"فريدا خالق خلق مهِ، خلق وسي رب ماهِ
مندا ڪس نو آکيئي، جا تس بن ڪوئي نامِ."
[سلوڪ (٧٥)]

پيارا، منهنجي اوهانکي وينتي آهي ته جيسين سرير ۾ ساهه آهي، تيسين اوهين ڏکيءَ جو نام جپي وٺو، ڇو ته هوني آهي جو موت ڪهڙيءَ اوهان سان سهاءِ ٿيندو. اوهان مان جن جو خيال آهي ته ٻڍيپڻ ۾ مزا ماڻجن، جوانيءَ ۾ ڪرت ڪار ڪجي ۽ پيريءَ ۾ تسبيحون ۽ مالهائون ڦيرجن، سي ائين ڄاڻن ته اهو سندن وڏي ڀُل آهي. حياتيءَ تي دم جو به ڀروسو نه آهي. ڪال ڦوري ڇتائي ڪري ٿو اچي. هو سدائين سِر تي بيٺو آهي. تنهنڪري هي جيو ٿون پنهنجا اعمال سڌار. هن لاءِ ڏسو هيٺيان سلوڪ ا، ٨، ٣٨، ٩٨ ۽ ١٠٠

آهن. مطلب اهو ته اڳي مليو جيئن جو اُنجي واڪن جي پوتر ٻول ٻڌي نڪتا، سي گويا شڪر واڱي مٺا هئا. فريد صاحب جي مشهور مريد اوليا نظام الدين پنهنجي مرشد بابت هي بيت چيو آهي :-

"پير من پير است مولانا فريد
هيچو او در سحر مولانا فريد."

ارٿ :- يعني منهنجو مرشد مولانا فريد آهي، اُنهيءَ جهڙو هن دنيا ۾ مولا يعني خدا نہ پيدا ڪيو آهي.

شيخ فريد صاحب جي پاڪپٽ سري گورو گرنٿ صاحب جي واڻيءَ ۾ پوط ڪري دنيا ۾ آخر تائين پرسڌ ۽ قائم رهندي.

شيخ فريد صاحب جن جو چالاڻو تاريخ ٥ محرم هجري ٦٦٤ (برابر سنہ ١٢٦٦ع) تي ٩٣ ورهين جي ڄمار ۾ ٿيو.



تي اعتبار نه آيو. ڇاڪاڻ ته بعد جڏهن فريد صاحب انهي سا ڳالهه پاسي ويو، تڏهن جابلو ماڻهن ڪٺي سو ڳهو ڪيس، ڇاڪاڻ ته هن ڪنيا سان ڳنڍاڻ ڪيو آهي. فريد صاحب تڏهن تي ڇو ڪريءَ ڪان پڇيو ته جڏهن مان هتي آيو هوس، تڏهن تو اندر ۾ اها آشا رکي هئي ته تو کي مون مان ڪو اولاد پيدا ٿئي؟ ڪنيا قبول ڪيو ته مون برابر انهي قسم جي سڪ ڪئي هئي. تڏهن تي فريد صاحب حضرت عيسيٰ جو مثال ڏنو ته ڪيئن هڪ ڪنواري ڪنيا مريم مان پيدا ٿيو. جابلو ماڻهن کي فريد صاحب جي ڳالهين تي ڪو ويساهه ڪو نه آيو. ڇاڪاڻ ته اسان جي ملڪ ۾ ڪنهن جي پوک ڪا نه ٿيندي آهي. جي تون اسان کي شڪر (مصري) جو مينهن وسائي ڏيکارين ته پوءِ اسان کي هن ڪنيا جي قدرتي گرڀ تي به ويساهه ايندو. تنهنڪري فريد صاحب خدا کي ياد ڪري چيو:-

”چه عجب، از آفريدگاري، که زن بکر را
از قدرت کامله خود، بي واسطه شوهر حامله
ساخت، که از آسمان شکر اثار فرمايد.“

ارٿ:- يعني ڪهڙو عجب آهي ته اهو سرشٽي رچيندڙ، جنهن پنهنجي پورڻ شڪتيءَ سان ڪنواري جوڪريءَ کي مڙس جي مدد کان سواءِ گرڀ ڏنو، سو آسمان مان شڪر ڪٺي ڪرائي!

فريد صاحب جو ائين چوڻ ۽ شڪر جو مينهن وسڻ!

فريد صاحب تي ”شڪرگنج“ نالو به شايد انهيءَ ڪري پيو. پوءِ جميله خاتون کي هن سان شادي ڪرايائون، جنهن مان هڪ پٽ ڄائس. فريد صاحب تي شڪرگنج ....ڪيئن پيو، تنهنجي جدا جدا ماڻهن جا جدا جدا رايا

تڏهين هن چيو ته مان پنهنجي پٽيءَ جي آگيا مطابق لاءِ
هر طرح تيار آهيان. هن پوءِ پنهنجا سڀ ڳهه ڳٺا ۽ ريشمي
وستر ۽ ڪٽي پئسا ڪري اُهي سڀ غريبن کي دان
ڪيا ۽ هڪ بلڪل سادي پوشاڪ ٺاهي پهري. بادشاهه
ناصر الدين کي اها ڳالهه نه وڻي ته ڪو سندس ڌيءَ
فقيراڻي پوشاڪ پهري، تنهن ڪري ڪيو جو وري پيو دفعو
شهزاديءَ کي عمدا زيور ۽ ريشمي وستر موڪليائين.
اهي نوان زيور ۽ وستر پڻ شهزادي هزابرا غريبن کي دان
ڪيا. ٽيون دفعو به بادشاهه زيور ۽ وستر موڪليا، جي
پڻ چڱي پاسي لڳايا ويا. ليڪن فريد صاحب شهزاديءَ
کي وٺي پاڪ پٽڻ آيو، جتي آهن سکيو دم گذاريو.
هزابرا کي پنج پٽ ۽ ٽي ڌيئون ڄايون.

فريد صاحب جي ٽين شادي شيخ ذڪريا جي
پيٽ نجيب النسا سان ٿي ۽ هن جي چوٿين شادي جميله
خاتون سان هن ريت ٿي:-

هڪ دفعي فريد صاحب پنجاب ۾ جهلن جي طرف
ويو. هڪ ڏينهن جڏهن هو سنان ويٺي ڪيو، تڏهن هڪ
جوان سوهڻي ڇوڪري جميله خاتون نالي ڪيس ڏسي
مٿس موهت ٿي پيئي. دل ۾ اها سڌ پئي ڪيائين ته جي
هيڙي سهڻي پرش مان موکي ٻار ٿئي ته هوند چوڏس
جي چنڊ جهڙو ٿئي. قدرت الاهي جو اهڙي سنڪلپ
ڪري هوءَ ڳالهه ڪريڻي ٿي پيئي. فريد صاحب جي وڃڻ
کان پوءِ ڇوڪريءَ جي حالت ڏسي سندس ذات ڀائي
اچي ڪاڙها. هر ڪنهن فريد صاحب کي ڏوهه پئي ڏنو.
ڇوڪري ڪهڙو نه ٿڪي ۽ بار بار چيائين ته "فريد صاحب
جو ڪو به قصور نه آهي"، پر ڪنهن کي به سندس ڳالهه

محلات ۽ سکورا پير کمايا آهن. اوڏهين سڀ کيس پيرن پنو ۽ مرشد ڪري مڃيو. جڏهين فريد صاحب حرم خاليءَ ۾ ويو، تڏهين هنجي نظر ناصرالدين بادشاهه جي ڌيءُ هزابرا تي پئي. هن بادشاهه کان پڇيو ته هيءَ ڪير آهي؟ تنهنتي بادشاهه چيو ته، هيءَ منهنجي ڌيءُ آهي. بادشاهه سمجهيو ته فريد صاحب جي مرضي آهي ته هزابرا سان شادي ڪريان، تنهنڪري هن فريد صاحب کي پنهنجي ڌيءُ شاديءَ لاءِ آڇي. فريد صاحب ۽ هزابرا جي شادي وڏي ڌامڌوم سان ٿي ۽ بادشاهه گهڻو ڏاج ڏيوڻ پنهنجي ڌيءُ کي ڏنو. هنکي ٽي سؤ ٻانها ۽ ٻانهيون خدمت لاءِ مليون، پر فريد صاحب فقط ٻه ٻانها ۽ ٻه ٻانهيون رکڻ ڏنيون. شهزادي هزابرا پنهنجي ڪوٺي اوچي سامان سان سينگاري. اُن ۾ هڪ عاليشان پلنگ وڇايائين ۽ ٻيو سامان سرو بسر ڏسڻ وٽان هو. رات جو شهزادي پلنگ تي وڃي ستي ۽ جڏهين فريد صاحب ڪوٺيءَ ۾ گهڙيو، تڏهين کيس اهو ٺاٺ ڏسي ڪراهت آئي ۽ هو هڪ تڏو کڻائي پلنگ جي پاسي ۾ وڇائي، اُن تي ستي پيو. ٻئي صبح جو شهزاديءَ پنهنجي پيءُ کي شڪايت ڪئي ته مون سان فريد صاحب اصل نه ڳالهايو آهي. پيءُ فريد صاحب کي انهيءَ بابت چيو. فريد صاحب جواب ڏنو ته، اسان درويشن کي ٺاٺ ۽ ٺپر پسند نه آهي. هزابرا کي جڳائي ته سڀ پنهنجا زرق ريشمي اوچا ڪپڙا وڪڻي جيڪو پئسو ملي، سو غريبن کي ڏئي ۽ فقيرن جهڙي سادي سودي پوشاڪ پهري. جڏهين شهزاديءَ هزابرا کي اهو ٻڌايو مليو،

فريد صاحب اڪثر ڪري پيسو پنهنجو پيٽا طور
ماڻهن کان نه وٺندو هو. هڪ لڳا دهليءَ جي بادشاه
نه ڳالهيون سوٽين مهرن سان ڀريل ڪيس ڏياري
موڪليون. فريد صاحب اُهن مان نه مهرون ڪڍيون
۽ فرمايائين ته اهي نه مهرون عام لنگر ۾ ڪم اچن، باقي
مهرون غريبن غربن ۾ ورهائي ڇڏجن. اتفاقا اهي ٻه
مهرون زمين تي ڪري پيئون، جي سندس هڪ مريد
ڪٺي پنهنجي ڪيسي ۾ لڪائي ڇڏيون. فريد صاحب
جان سماڌيءَ ۾ ويهي ته ڌيان هڪ هنڌ ٽڪيس ئي نه.
پوءِ سمجهائين ته مريدن مان ڪنهن نه ڪنهن وٽ
مايا آهي. پڇا بعد معلوم ٿيس ته فلاڻي مريد وٽ ٻه
مهرون آهن. حڪم ڪيائينس ته اهي يڪدم ٻاهر ڦٽيون
ڪري اچ. تنهنڪان پوءِ فريد صاحب جن اڪمنو ٿي
سماڌيءَ ۾ ويهي رهيا.

فريد صاحب مڙيئي چار شاديون ڪيون. سندن
پهرين شادي هڪڙي بيوه زال بيبي اُم ڪلثوم سان
ٿي ۽ ٻي شادي دهليءَ جي شهنشاه ناصرالدين جي ڌيءُ
هزابرا سان هن طرح ٿي:-

هڪ دفعي فريد صاحب دهليءَ ۾ ويو. اُنهن ڏينهن
۾ دهليءَ جو شهنشاه ناصرالدين هو. ناصرالدين بادشاه
ٻڌو هو ته فريد صاحب هڪ اعليٰ درجي جو درويش
آهي، تنهنڪري هنجي بلڪل چڱي مرحبا ڪيائين ۽
سندس مريد ٿيو. هو پوءِ فريد صاحب کي حرم خاني
۾ وٺي ويو ۽ پنهنجين راڻين کي چيائين ته ''اڄ اسانجو
نصيب زور آهي جو هڪ خدا رسيدي درويش اسانجي

ڪري ڏکوا ۽ درويش ڪهڻ ڏو رالهين پنڌ تان ڪهي
کيس ، ملڻ آيا . فريد صاحب جن کي ڏسي سا ڳين ادي
ته ملڻ ورتيو جو هو دشمن مان ٿڙي دوست ٿي پيا .
هن کي يقين ٿيو ته فريد صاحب هڪ وڏو پهتل فقير
آهي ، جنهنجو ڪو ثاني ڪونهي . هنجي جيتري وڏائي
ڪئي ، اوتري ٿوري آهي . اهڙا فقير جيترو وڏيڪ
جيئرا رهن ، اوترو چڱو ، ڇو ته هو پنهنجن پايلن پاڻون
کي سچ جي واٽ ٻڌائي ڏڪي ۽ سان هڪ ڪري ڇڏين
ٿا . پوءِ فريد صاحب کان بخشائي ۽ سندس آسيس وٺي
دو پنهنجي گهرن موٽي ويا .

هڪ دفعي " پاڪ پٽڻ " ، جتي فريد صاحب جن
رهندا هئا ، تنهنکي ستلج ندي ٻوڙڻ لڳي . پاڪ پٽن
جا ماڻهو فريد صاحب وٽ آيا ۽ اچي عرض ڪيائون ته
فقير سائين ! اسان تي رحم ڪريو ۽ مهرباني ڪري هيءُ
شهر ٻوڏ کان بچايو .

تنهنتي فريد صاحب هيءُ سلوڪ اُچاريو :-
" ڪندي وهڻ ته ڇام ، ڪيترو ليکا ديو ڳا
جڏهن رب رضاءِ ، وهڻ تداٿون ڪرءِ ڪري . "

[سلوڪ (٨٤)]

ارٿ :- هي ندي ! تون ڪناري کي نه ڇام ، جاڪاڻ
ته توکي به حساب ڏيڻو پوندو . ندي اوڏاهن وهندي ، جيڏانهن
صاحب جي مرضي هوندي . (مطلب ته سڀ ڪجهه مالڪ جي
مرضيءَ موجب ٿئي ٿو) . [وهڻ == ندي جو وهڪرو ؛
ڇام == رهڻو .]

اهيءُ سلوڪ اُچارڻ ڪري پاڻي جو زور ڪمت
ٿي " پاڪ پٽن " جو شهر ٻوڏ کان بچي ويو .

جيڪو عرض ڌڻيءَ جي درگاهه ۾ ڪندين، سو هو اگهائيندو." تنهن تي فريد صاحب ورندي ڏني ته "مونکي ته فقط سندس ديدار جي طلب آهي." جواب مليس ته "ائين ئي ٿيندو." پوءِ جڏهن درسن پائي گهر موٽي آيو، تڏهن سندس ماءُ مٿس ڏاڍو راضي ٿي ۽ چوڻ لڳس ته "پٽ، هينئر تون لائق آهين. هاڻ بلاشڪ تون اُپديش ڪري لوڪن کي سائينءَ جي واٽ تي آڻ."

چون ٿا ته ڪنهن شخص فريد صاحب کان هيءُ سوال پڇيو ته "سائين، اوهان ههڙي ڪٺن تپسيا ڇا لاءِ ڪئي؟" فريد صاحب جواب ڏنو ته "انهيءَ جو مطلب اهو هو ته جيڪي مريد منهنجي ٻن ٻانهن اندر اچن، تن کي دوزخ جي عذابن کان بچايان." هن چيو ته "سائين، اوهان جي ٻانهن اندر ته فقط ٻه ماڻهو مس اچي سگهندا!" انهيءَ تي فريد صاحب پنهنجون ٻانهون ڪڍي اوڀر ۽ اولهه ڏي ڊگهيريون، جي وڃون وڌنديون. اهو اسرار ڏسي هو شخص ڏاڍو لڄي ٿيو ۽ فريد صاحب جي پيرن تي ڪري پيو ۽ عرض ڪيائين ته "سائين، مونکي مهرباني ڪري پنهنجو مريد ڪريو."

فريد صاحب هن کان پوءِ "پاڪ پٽڻ" ۾ گذاريو، جتي ڪيئي شخص سندس، پوتر اُپديش ٻڌي نهال ٿيندا هئا. ڏينهون ڏينهن سندس نامچار ويو وڌندو. سڀڪنهن جي وات ۾ اها ئي واکي هئي ته هو ڪرامت جو صاحب آهي. اها ڳالهه ڪن ماڻهن کان سٺي نه ٿي. هنن کي ريس اچي ڪيئون ۽ ساڙي وچون اهڙو ته اڻ ڪڍي وين، جو ٺاهيائون ته هنکي ماري ڇڏجي. انهيءَ

سو او چتو کهوڙي تان ڪري پيو ۽ ڪنڌ ڀڄي پيس. هنجي مرڻ تي فريد صاحب هيٺيون سلوڪ ويراڳ ۾ اچاريو:-

"فريدا ڀڃي کهوڙي سو نوي، ٽٽي ناگر لڄ
عزرائيل فريشتا، ڪئي گهر نائي اڄ."

[سلوڪ (٦٨)]

ارٿ:- فريدا، سهڻو سرير روپي ڍلو ڀڄي پيو ۽ سوڀنيڪ سواس روپي نوڙي ٽٽي پيئي. جم راجا اڄ ڪنهن جي گهر مهمان ٿيندو؟ (يعني ته خبر نٿي پوي ته اڄ ڪال جو ڪير ٿيندو؟) [ڀڃي = ڀڄي پيو. سونوي = سهڻو. ناگر = سهڻي. لڄ = نوڙي.]

جڏهن نواب مري ويو ۽ نواب جي ماڻهن ڏٺو ته سندس ڪي رنجائڻ ڪري نواب جو هيءُ حال ٿيو آهي، تڏهن هنن پڻ فريد صاحب کان بخشائڻ لڳا ۽ عرض ڪيائونس ته "جيڪي وڃيو تنهن نواب کي جياريو." تنهن تي هي چيائون:-

"فريدا ڀڃي کهوڙي سو نوي، ٽٽي ناگر لڄ
جو سڄڻ ڀوءِ ڀار ٿي، سي ڪيئن آوهه اڄ."

[سلوڪ (٦٩)]

ارٿ:- فريدا! سهڻو سرير روپي ڍلو ڀڄي پيو ۽ سندر سواس روپي نوڙي به ٽٽي پيئي. جي سڄڻ ڌرتيءَ تي بار ٿيا پيا هئا، سي ڪيئن اڄ موٽندا. (يعني ته آتما هڪ دفعو سرير مان جڏهن ويندي ته وري اُن ۾ ڪيئن اچي سگهندي؟) [ڀوءِ = زمين.]

ٻارهن سالن پڄاڻا نيٺ فريد صاحب کي آڪاس واڻي ٿي ته "فريدا، تنهنجي ڪمائي سائي پيئي. هاڻ

جيڪو عرض ڌڻيءَ جي درگاهه ۾ ڪندين، سو هُو آگاهائيندو." تنهن تي فريد صاحب ورندي ڏني تہ "مونکي تہ فقط سندس ديدار جي طلب آهي." جواب مليس تہ "ائين ئي ٿيندو." پوءِ جڏهين درسن پائي گهر موٽي آيو، تڏهين سندس ماءُ مٿس گهڻو راضي ٿي ۽ چوڻ لڳس تہ "پٽ، هيئنر تون لائق آهين. هاڻ بلاشڪ تون اُپديش ڪري لوڪن کي سائينءَ جي واٽ تي آڻ."

چون ٿا تہ ڪنهن شخص فريد صاحب کان هيءُ سوال پڇيو تہ "سائين، اوهان ههڙي ڪٺن تپسيا ڇا لاءِ ڪئي؟" فريد صاحب جواب ڏنو تہ "انهيءَ جو مطلب اهو هو تہ جيڪي مريد منهنجي ٻن ٻانهن اندر اچن، تن کي دوزخ جي عذابن کان بچايان." هن چيو تہ "سائين، اوهان جي ٻانهن اندر تہ فقط ٻہ ماڻهو مس اچي سگهندا!" انهيءَ تي فريد صاحب پنهنجون ٻانهون ڪڍي اوڀر ۽ اولهہ ڏي ڊگهيريون، جي وڌيون وڌنديون. اهو اسرار ڏسي هو شخص ڏاڍو لڄي ٿيو ۽ فريد صاحب جي پيرن تي ڪري پيو ۽ عرض ڪيائين تہ "سائين، مونکي مهرباني ڪري پنهنجو مريد ڪريو."

فريد صاحب هنگان پوءِ "پاڪ پٽن" ۾ گذاريو، جتي ڪئين شخص سندس، پوتر اُپديش ٻڌي نهال ٿيندا هئا. ڏينهون ڏينهن سندس نامچار وڌيو وڌندو. سڀڪنهن جي وات ۾ اها ئي وائي هئي تہ هو ڪرامت جو صاحب آهي. اها ڳالهہ ڪن ماڻهن کان سٺي نہ ٿي. هنگي ريس اچي ڪئيون ۽ ساڙي وچون اهڙو تہ اٽڪ ڪڍي وين، جو ٻاڌيائون تہ هنگي ماري ڇڏجي. انهيءَ

سو اوچتو کھوڙي ڏان ڪري ڀڳو ۽ ڪنڌ ڀڄي پيس.
ھنجي مرڻ تي فريد صاحب ھيٺيون سلوڪ ويراڳ ۾ اچاريو:

"فريدا ڀڃي کھڙي سولوي، ٽٽي ناگر لڄ
عزرائيلُ فريشتا، ڪئي گھر ڏالي اڄ."

[(٦٨) سلوڪ]

ارٿ:- فريدا، سھڻو سرير روپي دلو ڀڄي پيو ۽ سوھڻيڪ سواس روپي نوڙي لڇي پئي. جم راجا اڄ الائي ڪنھن جي گھر مھمان ٿيندو؟ (يعني ته جمر نٽي ٿوي ته اڄ ڪال جو ڪير ٿيندو؟) [ڀڃي = ڀڄي پيو. سولوي = سھڻو. ناگر = سھڻي. لڄ = نوڙي.]

جڏھين نواب مري ويو ۽ نواب جي ماڻھن ڏٺو ته سنت کي رنجائڻ ڪري نواب جو ھيڙو حال ٿيو آھي، تڏھين پيرين پئي فريد صاحب کان بخشائڻ لڳا ۽ عرض ڪيائونس ته "جيڪي وڻيو تيڪي نواب کي جيارِيو." تڏھن ھيٺين چيائون:-

"فريدا ڀڃي کھڙي سولوي، ٽٽي ناگر لڄ
جو سڄڻ ڀوُنءِ ڀار ٿي، سي ڪِئن آوھ اڄ."

[(٦٩) سلوڪ]

ارٿ:- فريدا! سھڻو سرير روپي دلو ڀڄي پيو ۽ سندر سواس روپي نوڙي به لڇي پئي. جي سڄڻ ڌرتيءَ تي ڀار ٿيا ھئا، سي ڪيئن اڄ موٽندا. (يعني ته آتما ھڪ دفعو سرير مان ڇٽي ويندي ته ورئي اُن ۾ ڪيئن اچي سگھندي؟)
[ڀونءِ = زمين.]

ٻارھن سالن پڄاڻا ٿيٺ فريد صاحب کي آڪاس واڻي ٿي ته "فريدا، تنھنجي ڪمائي ساب پئي. ھاڻ

ڏٺي نيت حساب وٺندو. توڻ ڀلائي ڪري هنکي
ڇڏي ڏي." پر هوءَ هٺيلي زال پنهنجيءَ تي ٽي بيٺي،
ته: هن سرمو چڱيءَ طرح نه پيٺو آهي ۽ مونکي اکين
۾ سُرمي جا ڪَڪرا لڳا آهن، جي مونکي ڏاڍو ٿا سور
ڪرائين. فريد صاحب هنکي گهڻوئي سمجهايو، پر هن
پڌو آڻ پڌو ڪري ڇڏيو. آخر فريد صاحب هليو ويو.
ڪن ڏينهن پڄاڻا فريد صاحب وري انهيءَ مڪان وٽ
آيو ته ڏسي ته پاڙي گهر جي مالڪياڻي ٻنجي ويٺي
آهي. پڇائينس ته "خير ڪر، ته تنهنجي ساڻڻ ڪٿي
آهي؟" جي هوءَ مري ويئي ۽ سندس لاشو ماڻهو جهنگ
۾ ڦٽو ڪري آيا. پاڙيءَ پوءِ هلي فريد صاحب کي آهو
لاشو ڏيکاريو، جنهنجو حال اِهو هو، جو سندس ماس
پکي کائي ويا هئا ۽ سندس اکين جي کوپي ۾ پکين جا
پڇا ويٺا هئا. تنهنتي فريد صاحب ويراڳ ۾ اچي هيٺيون
سلوڪ اُچاريو:-

"فريدا جِن لوئڻ جَڳُ موهِيا، سي لوئِڻ مِئِ ڏِٺُ
ڪَجَلَ ريکه نه سهنديان، سي پنکِي سُوءِ بهِٺُ."
[سلوڪ (١٤)]

ارٿ:- فريدا! جن اکين ساري دنيا جي ماڻهن کي ٿي
موهيو، سي اکيون مون ڏٺيون هيون. اُهي سرمي جي ريکه
(ڪڪرو) نٿي سهي سگهيون. اڄ اُنهن اکين ۾ پکين جا
پڇا اچي ويٺا آهن. [لوئڻ == اکيون؛ ڪجل == سرمو؛
ريکه == ليڪ، ڪڪرو؛ سوءِ == پڇا. بهٺ == ويٺا آهن.]

فريد صاحب هڪ دفعي ڪنهن شهر ۾ ويو. اُتي
کيس بيگر ۾ وٺي ويا. جنهن نواب بيگر لاتي هئي،

ارٿ:- سيڪو برهه جو ڳالهو ٿيو ڳنڍي (جنهن ۾ برهه ڪا حسن جهل آهي) ۽ ان برهه، تون شاهن جو شاهه آهين. جنهن تن ۾ برهه نه آهي، سو سمجهڻ گهرجي ته مسالو آهي. (يعني ته اهڙي شخص جو جسم اڪارٿو آهي. جاڪانه ته جو پنهنجي اندر ۾ صاحب جو وڇوڙو نٿو معلوم ڪري، تنهنکي سائينءَ سان ملڻ جو ڪهڙو ڪام ٿيندو؟) [برهه = وڇوڙو، ارهه، سڪ.]

يعني ته پيچيده ڳالهه آهي ته مون ته موٽڪي اجا سائين درشن نٿو ڏئي ۽ مقصود ظاهري ٿيندو هو ته:-

"فريدا جي ڏينهن ڳالا ڪپيا، هي ڳل ڪپهه چکر
تون ته اڃا معاملي، سهان نه اڃا ڏکر."

[(٧٦) سلوڪ]

ارٿ:- فريدا! جنهن ڏينهن تنهنجو ڳاڙهو ٿي ڪيو، اهي ڏينهن جي ڳجهه وڃان ڏرو وڌجي ٿوي ها، ته ته اهڙي حيلا ۾ ٿوي ها ۽ نه ابتدا ڏک سهين ها.

فريد صاحب ڪڏهن ته جهنگ وڃي ڪنهن شهر ۾ لنگهي ويندو هو. دل ۾ چوندو ته جهنگ ۾ ته سائين درشن نٿو ڏئي، من شهر ۾ لنگهي وڃان، ته اتي سندس ديدار ڪريان.

هڪ دفعي هڪ شهر ۾ لنگهي ويو. ڏا ڏسي ته هڪ عاليشان مڪان ۾ هڪ خوبصورت استري پنهنجي ٻالهي کي ڏاڍي مار پئي ڏئي. اها استري هڪ ويشوا هئي، جهن پنهنجي سولهن سان ڪهڻ کي موڪلي ڇڏيو هو. ... کي ڏاڍو قياس پيو ۽ ان زال کان پڇيائين ته ان کي ايتري مار ڏين؟ تون ڪو ويچار ... جيو ٿين کي ملڪر ڪري ٿو، تڏهن کان

اُڏامي وڃ. جتي منهنجو مالڪ منهنجي سرير ۾ وسي ٿو، خاص ڪري انهيءَ هنڌان ته ماس نه کائو.

سارو ڏينهن رات، هو سائينءَ جي سڪ ۾ گذاريندو هو ۽ انهن پيو چوندو هو ته سائينءَ جي پريت هٿ ڪرڻ ۾ جيڪي جوانيءَ وئي ته ڇا ٿي پيو؟ هڪ ڏينهن پاڻ کي ڇا ٿو چوي؟

" جو بن جاندي نا ڏران، جي شهه پريت نه جاءِ
فريدا ڪتي جو بن پريت بن، سڪ گئي ڪملاءِ. "

[سلوڪ (٣٤)]

ارٿ:- جوانيءَ کي ويندو ڏسي مان نٿو ڊڄان، بشرطيڪ صاحب جي پريت نه وڃي، جو ته ڪيترين جوانيون بنا پريت ڪومائجي ويئون آهن.

ڪڏهن ته چنتا وڌي ويندي هيس ۽ ڇوڙي جو دکر ڏاڍو ٿيندو هوس، تڏهن هن ريت چوندو هو:-

" فريدا چنت کٽولا واڻ دکر، برهه وڇاوڻ ليف
ايهه همارا جيوڻا، تون صاحب سچي ويکر. "

[سلوڪ (٣٥)]

ارٿ:- فريدا! تنهنجو چنتا روپي کٽولو، دکر روپي واڻ ۽ برهه روپي بشرطي ۽ سوڙ آهي. هي سچا صاحب! منهنجي اهڙي جيوت تي مهر جي نظر ڪر.

بعضي ته موج ۾ اچي هن طرح چوندو هو:-

" برها برها آکيئي، برها تون سلطان
فريدا جت تن برهه نه اُپجئي، سو تن جاڻ مسان. "

[سلوڪ (٣٦)]

هئا ۽ جهنگ جا جانور سندس ماس ڇڄي کائيندا هئا. اُن وقت فريد صاحب پنهنجي حالت بابت هيٺيون سلوڪ اُچاريو:-

"فريدا تنُ سُڪا پنجرُ ٿيا، تَليان کونڊهِ ڪاڳَ
اجهي سُ رَبُ نه ٻاهُڙيو، ڏيکُ بندي ڪي ڀاڳَ."
[سلوڪ (٩٠)]

ارٿ:- تنهنجو تن سڪي پڃرو ٿي ويو آهي ۽ ڪانو تنهنجي پيرن ۽ هٿن جي ترين کي لونگا هڻن ٿا، پر اڃا تائين به رب تو سان نه مليو آهي. ڏسو بندي جي ڪهڙي قسمت! [ٻاهُڙيو = مليو.]

اُئين ڇڄي هو زار زار روندو هو ۽ روئي ڪانگن سان هيءَ ڳالهه ڪندو هو:-

"ڪاڳا ڪَرنگُ ڍنڍوليا، سَگلا کائيا ماسُ
اي دُوءِ نئينا مت ڇُهؤ، پِر ديکَن ڪي آسَ."
[سلوڪ (٩١)]

ارٿ:- هي ڪانءُ! منهنجو سرير تو ڳولي لڌو ۽ سمورو ماس کاڌءِ، پر منهنجي هن اکين کي متان ڇهين، جو انهن اکين سان مونکي پنهنجي پريتم جي ڏسڻ جي خواهش آهي.

وري به ويراڳ ۾ اچي ڪانءُ کي چوندو هو ته:-

"ڪاڳا چونڍ نه پِنجرا، بسيئي ته اُڏر جاهِ
جتُ پنجري ميرا شهُ وسئي، ماسُ نه تِدوُن کاهِ."
[سلوڪ (٩٢)]

ارٿ:- هي ڪانءُ منهنجو سرير، جو پڃرو ٿيو آهي، تنهنجي لونگا نه هڻ. جي ڪٿي اتفاق سان ويهو هجين ته اُتان

ٻئي دفعي ٻارهن سال تپ ڪرڻ وقت فريد
صاحب ڪجهه وقت جهُونا ڳڙهه رياست جي هڪ ٽڪريءَ
تي لانڍي آڏي وچ رهيو. اُن جي ڀرسان هڪ چشمو
هو، جنهنکي اڄ ڏينهن "قلندر جو چشمو" ڪري
سڏيندا آهن ۽ هڪ وڏو تيرٿ آستان آهي. اڪثر
ڪري ڪوڙهيا هن چشمي تي ويندا آهن، انهيءَ مراد
سان ته اسانجو ڪوڙهه لهي ۽ جنکي فائدو رسندو آهي،
سي ساري ڄمار فريد صاحب جو جس ڳائيندا آهن.

ٻارهن ورهيه بلڪل کهڙا ڪشٽ سهي ۽ اڳئين
کان ٻه وڌيڪ ڪٺن تپسيا ڪري، هو گهر موٽيو ۽ اچي
سمورو حال ماءُ سان ڪيائين. ماڻس ڏٺو ته اڃا ٻه
ڪجهه قدر کيس پنهنجيءَ تپسيا جو ايمان آهي.
سمجهيائين ته جتي خودي آهي، اُتي خدا نه هوندو.
هنجو مطلب هو ته پٽس پورن ڀڳت ٿئي، تنهنڪري
سندس ايمان دور ڪرڻ لاءِ کيس چيائين ته "تنهنجي
هن دفعي واري تپسيا ٻه نسڦل ٿي، ڇو جو ٻاکنڊ ڪيءِ
۽ ماڻهن سان ڪوڙ ڳالهايءِ ته مون ماني ڪاڏي آهي ۽
ڪجهه ٻڌي ٻه پيٽي آٿم. ڏٺيءَ وٽ ڪوڙ قبول نه
پوندو. ڪوڙ ڳالهائڻ وڏو پاپ آهي."

فريد صاحب وري ٽيون دفعو ٻارهن سال ٻن
پوڄڻ جو خيال ڪيو. هن ڀيري هيءَ ڪو وقت اونڌو
ٽي کوهه ۾ لٽڪي پوندو هو ۽ ٻاڙڪي کهڻيون تڪليفون
ڏيندو هو. هن جو سرير اِنهيءَ ڪري ڳري ڪنڊا ٿي
ويو. ايتري قدر سندس تپسيا ڪٺن هُئي، جو پکي
هنکي مُردو سمجهي سندس مٿي ۾ اچي آکيرا ڪندا

ڪلون ڪاڏيون آهن." اُن وقت شيخ فريد صاحب هيٺيون سلوڪ اُچاريو:-

"فريدا جتنا خوشيان ماڻيا، تتنا ٿيا روڳ
ڪَلَر ڪاڏي مارِيَا، ڳُر ڪاڏي ڪيا هوڳ."

ارٿ:- فريدا! جيتريون خوشيون اسين ماڻيون ٿا، تيترائي روڳ اسين سهون ٿا. ڪلن ڪاڏي مار ڪاڏيءَ، پر جي ڳر ڪائين ها ته الاهي ڪهڙو حال ٿئي ها!

ٻيو دفعو ٻارهن سال جو جهڪ پوڪڻ لڳو. هن دفعي ٿل قول ڪاڻ به ڇڏي ڏنائين ۽ بکون پئي ڪڍيائين. ڪاٺ جي روٽي پيٽ سان ٻڌي گهمندو هو. جيڪڏهن ڪو مائي آڻيندو هوس ته چوندو هو ته ڪاڏي آٿم ۽ باقي بچيل ڪپڙي ۾ پيٽ سان ٻڌي پيئي اٿم.

هڪ ٻيري فريد صاحب کي تمام ڏٺي بک اچي لڳي. ڇا ڪيائين، جو بک ميٽڻ لاءِ هن ڪاٺ واريءَ مانيءَ کي چڪ پاتائين. "پاڪ پٽڻ" ۾ اهو ڪاٺو ڍو اڃا سلامت رکيل آهي ۽ شيخ فريد صاحب جي ڏندن جا نشان به مٿس اڃا ظاهر ظهور بيٺا آهن. فريد صاحب وڏي دوندي پنهنجي اها حالت سلوڪ (۲۸) ۾ ظاهر ڪئي آهي:-

"فريدا روٽي ميري ڪاٺ ڪي، لاوڻ ميري بُک
جنا کاڌي چوپڙي، گهڻي سهيڪي ڏُک."

ارٿ:- منهنجي روٽي ڪاٺ جي آهي ۽ تيوڻ اٿم بُک جو (يعني تيوڻ مون وٽ ڪونهي). جن ماڻهن سٺيون مانيون کاڌيون آهن، سي ڏک به گهڻا سهندا.

ٻئي دفعي ٻارهن سال تپ ڪرڻ وقت فريد صاحب ڪجهه وقت جهونا ڳڙهه رياست جي هڪ ٽڪريءَ تي لانڍي آڏي وڃي رهيو. اُنجي ڀرسان هڪ چشمو هو، جنهنکي اڄ ڏائين "قلندر جو چشمو" ڪري سڏيندا آهن ۽ هڪ وڏو تيرٿ آستان آهي. اڪثر ڪري ڪوڙهيا هن چشمي تي ويندا آهن، انهيءَ مراد سان ته اسانجو ڪوڙهه لهي ۽ جنڪي فائدو رسندو آهي، سي ساري چمار فريد صاحب جو جس ڳائيندا آهن.

ٻارهن ورهيه بلڪل گهڻا ڪشٽ سهي ۽ اڳئين ڪان ٻه وڌيڪ ڪٺن تپسيا ڪري، هو گهر موٽيو ۽ اچي سمورو حال ماءُ سان ڪيائين. ماڻس ڏٺو ته اڃا به ڪجهه قدر کيس پنهنجيءَ تپسيا جو ايمان آهي. سمجهيائين ته جتي خودي آهي، اُتي خدا نه هوندو. هنجو مطلب هو ته پٽس پورن ڀڳت ٿئي، تنهنڪري سندس ايمان دور ڪرڻ لاءِ کيس چيائين ته "تنهنجي هن دفعي واري تپسيا به نسڦل ٿي، ڇو جو ٻاڪند ڪيءَ ۽ ماڻهن سان ڪوڙ ڳالهايءِ ته مون ماني کاڌي آهي ۽ ڪجهه ٻڌي به پيٺي آئين. ڏٺيءَ وٽ ڪوڙ قبول نه پوندو. ڪوڙ ڳالهائڻ وڏو پاپ آهي."

فريد صاحب وري ٽيون دفعو ٻارهن سال بن پوڄڻ جو خيال ڪيو. هن ڀيري هيءَ ڪو وقت اونڌو ٿي کوهه ۾ لٽڪي پوندو هو ۽ ٻاڏڪي گهڻيون تڪليفون ڏيندو هو. هن جو سرير الهيءَ ڪري ڳري ڪنڊا ٿي ويو. ايتري قدر سندس تپسيا ڪٺن هئي، جو پکي هنکي مُردو سمجهي سندس مٿي ۾ اچي آکيرا ڪندا

ڪلون ڪاڏيون آهن.“ اُن وقت شيخ فريد صاحب هيٺيون سلوڪ اُچاريو:-

”فريدا جتنا خوشيان ماڻيئا، تتنا ڦٽيا روگ
ڪلر ڪاڏي ماريئا، ڳو ڪاڏي ڪيا ڌوگ.“

ارٿ:- فريدا! جيترئون خوشيون اسين ماڻيون ٿا، اوتري روڳ اسين سهون ٿا. ڪلن ڪاڏي مار ڪاڏيءَ، ٻر جي ڳر ڪائيس ها ته اڄي ڪهڙو حال ٿئي ها!

پهريون دفعو ٻارهن سال جهڙو جهنگ ۾ گهڙي لڪو. هن دفعي ڦل ڦول ڪاٺ ۾ چڙي ڏاڙهين ۽ ٻکون پٽي ڪيڏيائين. ڪاٺ جي روٽي پيٽ سان ٻڌي ڪهندو هو. جيڪڏهن ڪو مالي آهيندو هو، ته چولدو هو ته ڪاڏي آهي ۽ باقي ٻچيل ڪپڙي ۾ پيٽ سان ٻڌي پئي آهي.

ڪي پيري فريد صاحب کي تمام ڇتي بک اچي لڳي. ڇا ڪيائين، جو بک ميٽڻ لاءِ هن ڪاٺ وارين مالي کي ڇڪ پاڏائين. ”پاڪ پٽن“ ۾ اهو ڪالو ڪو اڄا سلامت رکيل آهي ۽ شيخ فريد صاحب جي ڏندن جا نشان ۾ متس اڄا ظاهر ظهور بيٺا آهن. فريد صاحب وڏي دولدي پنهنجي اهڙا حالت سلوڪ (۲۸) ۾ ظاهر ڪئي آهي:-

”فريدا روٽي ميري ڪاٺ ڪي، لاوڻ ميري بکه
جنا کاڏي چوپڙي، گهڻي سهڻي دکه.“

ارٿ:- منهنجي روٽي ڪاٺ جي آهي ۽ تيوڻ اُٿر (يعني تيوڻ مون وٽ ڪونهي). جن ماڻهن سٺيون ٿيون آهن، سي دک ۾ گهڻا سهندا.

ٻئي دفعي ٻارهن سال تپ ڪرڻ وقت فريد صاحب ڪجهہ وقت جهوُنا ڳڙهہ رياست جي هڪ ٽڪريءَ تي لانڍي آڏي وڃي رهيو. اُنجي ڀرسان هڪ چشمو هو، جنهنکي اڄ ڏاڻهن "قلندر جو چشمو" ڪري سڏيندا آهن ۽ هڪ وڏو تيرٿ آستان آهي. اڪثر ڪري ڪوڙهيا هن چشمي تي ويندا آهن، انهيءَ مراد سان ته اسانجو ڪوڙهہ لهي ۽ جنکي فائدو رسندو آهي، سي ساري چمار فريد صاحب جو جس ڳائيندا آهن.

ٻارهن ورهيہ بلڪل گهڻا ڪشٽ سهي ۽ اڳئين کان بہ وڏيڪ ڪٺن تپسيا ڪري، هو گهر موٽيو ۽ اچي سمورو حال ماءُ سان ڪيائين. ماڻس ڏنو تہ اجا بہ ڪجهہ قدر کيس پنهنجيءَ تپسيا جو ايمان آهي. سمجهيائين تہ جتي خودي آهي، اُتي خدا نہ هوندو. هنجو مطلب هو تہ پٽس پوُرن پڪت ٿئي، تنهنڪري سندس آيمان دور ڪرڻ لاءِ کيس چيائين تہ "تنهنجي هن دفعي واري تپسيا بہ نسڦل ٿي، ڇو جو ٻاڪنڊ ڪيءَ ۽ ماڻهن سان ڪوڙ ڳالهايءَ تہ مون ماني کاڌي آهي ۽ ڪجهہ ٻڌي بہ پيٽي آتہ. ڏٺيءَ وٽ ڪوڙ قبول نہ پوندو. ڪوڙ ڳالهائڻ وڏو پاپ آهي."

فريد صاحب وري ٽيون دفعو ٻارهن سال بن پورڻ جو خيال ڪيو. هن ڀيري هيءَ ڪو وقت اونڌو ٿي کوهہ ۾ لٽڪي پوندو هو ۽ ٻاڻڪي گهڻيون تڪليفون ڏيندو هو. هن جو سرير الهيءَ ڪري ڳري ڪنڊا ٿي ويو. ايتري قدر سندس تپسيا ڪٺن هئي، جو پکي هنکي مُردو سمجهي سندس مٿي ۾ اچي آکيرا ڪندا

تير جيان چڀي ويو. دل ۾ چيائين تہ بس منهنجي تپسيا وڏرت ويئي. مان پليل هوس، جو سمجهيم تہ وڻن ڏڻن ۾ ساهہ نہ آهي. جيون ۽ وڻن ۾ فقط هيءَ تفاوت آهي، جو جيون کي ڪو بہ ايذاءُ ڏئي ٿو تہ هو پنهنجي اندر مان آهہ ڪين ٿا؛ مگر وڻ ڏڻ پنهنجو سور صبر سان سهن ٿا ۽ اُنهنجي پاڻ بہ پاڻ نہ ٿا ڪين. هن سان لاڳو پڙهو فريد صاحب جو سلوڪ نمبر (١١٥).

”صَبَر منجهہ ڪمانَ، اي صَبُر کا نيهڻو

صَبَر سندا ٻاڻَ، خالقُ خطا نہ ڪري.“

ارٿ:- فريدا! جنکي ڪمان بہ سنتوکہ جي، زہ بہ سنتوکہ جي ۽ ٻاڻ بہ سنتوکہ جو آهي، تن جو پرماتما نشان نہ گسائيندو (يعني سندن سدائين جئي آهي). [نيهڻو = زہ يا ڪمان جو ڌاڳو.]

پهرين ٻارهن سالن جي تپ ڪرڻ وقت هڪ دفعي فريد صاحب ڪنهن پنيءَ ۾ کوڙي ويو. آهي ڏينهن گدرن ۽ ڇانهين جي پوکہ جا هئا. ڪنهن شخص پنيءَ مان هڪ ڇانهين چورائي کاڌي هئي ۽ اُن جون کلون اُتيئي ڦٽيون ڪري ويو هو. فريد صاحب کي بہ ڇانهين کائڻ تي دل ٿي، سو اُهي کلون کڻي ويهي کائڻ لڳو. اوچتو پنيءَ جو مالڪ بہ اُن وقت اچي سنڀريو ۽ سمجهيائين تہ هن شخص منهنجي ڇانهين چورائي کاڌي آهي. سو ٽڪا ڪيائين هر ٽڪا تہ، هڪدم بہ چار لتيون فريد صاحب جي پٺيءَ تي وهائي ڪڍيائين. فريد صاحب هنکي هٿ ٻڌي چوڻ لڳو تہ ”ميان، مون تنهنجي ڇانهين چورائي ڪانہ کاڌي آهي، مون تہ فقط هتي پيل

"فريدا بري دا ڀلا ڪر، غصا من نه هنڍاءِ
ديهي روڳ نه لڳئي، پلئي سڀ ڪجهه پاءِ."

[سلوڪ نمبر (٧٨)]

ارٿ:- فريدا! برائيءَ سان ڀلائي ڪر؛ دل ۾ ڪاوڙ نه ڌار. ائين ڪري تنهنجي سرير کي ڪو روڳ نه لڳندو ۽ سڀ ڪجهه حاصل ٿيندءِ.

"فريدا جو تئي مارن مڪيان، تنان نه ماري گهمِ.
آپڻڙئي گهر جائيئي، پير تنهان دي چمِ."

[سلوڪ (٧)]

ارٿ:- فريدا! جي توکي مڪن سان مارين، تنکي تون ورائي نه مار. انهن جا پير چمي تون شانت سان پنهنجي گهر [illegible]

[گهم == وري.]

[illegible] صاحب جي ٻڌڙن اسعاد سنڌس ماءُ هئي.
[illegible] نه شيخ فريد صاحب کي سنڌس ماءُ
[illegible] پوري ٻارهن سال تپ ڪرڻ لاءِ جهنگ
[illegible] ٻئي دفعو ٻارهن سال هن ٻيو جهنگ جي
[illegible] ڪيو ۽ ڪٺن تپسيا ڪئي. اُهي
[illegible] ڏينهن دوکهه موٽي آيو، تڏهين ماڻس
[illegible] وار ڏسي ڪيس ڪٽي ڏيڻ لڳي.
[illegible] آيس، تنهن ڪيئن ڏايئين. تنهنجي
[illegible] نه "بچا! اها ڪا ڳالهه ٿيئي
[illegible] ۽ ميوا ڇني ٿي کاڌءِ
[illegible] کي ڪيڏو نه ايذاءُ رسايو هوندو!
[illegible] ڪئي، جو تون تو ٽوڙي
[illegible] " فريد صاحب کي ماءُ جو حڪم

"فريدا! تون خدا جي راھ ۾ پورو ٿي رھيو آھين، تنھن ڪري مون توکي پنھنجو ديدار ٿي ڪرايو آھي. جيڪو ڏٺيءَ جو دروازو سچيءَ حب سان کوڪائيندو، تنھن کي ئي ھو دروازو کولي پنھنجي درگاھ ۾ مان ڏيندو. فريدا، جي تون چاھين ته بين درويشن وانگر سائينءَ وٽ قبول پوان ته الھيءَ دوست جي صدقي تون پاڻ کي قربان ڪر."

عُلما وٽ ڪجھ وقت اڀياس ڪري، فريد صاحب وري پنھنجي مرشد وٽ دھليءَ آيو ۽ ھنجي بلڪل چڱي خدمت ڪيائين. فريد صاحب پنھنجو نالو چار لوڪن ۾ وڌندو ڏسي دھلي ڇڏي وڃي ڪنھن ٻوٽ ۾ رھيو. ھنجي وڃڻ کانپوءِ جلد سندس مرشد، خواجه قطب الدين وفات ڪئي. مرشد جي چالاڻي کان پوءِ ھو وري دھليءَ آيو ۽ مرشد جي گاديءَ تي ويٺو. ھو پوءِ جلد ئي گادي جمال الدين کي ڏيئي پاڻ اجوڌن ويو، جنھنجو نالو سندس پوتر جيوت ڪري "پاڪ پٽڻ" پيو، جتي آخر سندس چالاڻو ٿيو ۽ سندس تُربت آھي.

پاڪ پٽڻ ۾ ڪيترن مومن فريد صاحب وٽ وڃڻ لڳا ۽ سندس صحبت ڪري گھڻو فيض پاتائون. پاڪ پٽڻ جو قاضي ابو مسلم، فريد صاحب جو اوچ ڏسي ريس ۽ سڙي ۾ جلي ويو ۽ پنھنجي بالادست، ملتان جي صوبيدار، کي لکي موڪليائين ته فريد نالي ھڪ فقير اجوڌن ۾ اچي رھيو آھي. ھو مذھب جي برخلاف وعظ ڏيڻ مھل ڳائي ۽ نچي ٿو. صوبيدار اھو فرياد بادشاھ کي ڏياري موڪليو، جنھن دستور موافق فارسي ٻوليءَ ۾

حڪم ڪيو ته "آنرا آز شهر بدر ڪنيد" يعني هن کي شهر کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. جڏهين اهو حڪم صوبيدار کي مليو، تڏهن لکيو پيو هو ته "قاضي را از شهر بدر ڪنيد" يعني قاضيءَ کي شهر کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. هو ظاهر ڏو اچي ته اهي لفظ رستي تي قدرتي طرح ڦري پيا. صوبيدار اهو حڪم يڪدم قاضيءَ کي موڪليو. ويچارو قاضي ڏاڍو ششدر ٿيو ۽ اچي فريد صاحب جي پيش پيو. هو ڇوڙ لکو ته "سائين، اوهين مهنجي خطا بخشيو، مون اوهان لاءِ ڪڏ ڪوٽي ۽ آتلندو مان اُن ڪري پيس. هاڻي جيئن وڻيو، تيئن مون کي بچايو."

اهو ٻڌي فريد صاحب قاضيءَ کي پنهنجي ڳلي سان لاتو ۽ چيائينس ته "پيارا، تون ڪو فڪر نه ڪر. اسين صوبيدار کي لکي ٿا موڪليون ته هو توکي بادشاه کان معافي وٺي ڏئي." صوبيدار سڀ ڪاغذ بادشاه وٽ پيش ڪيا ۽ اٿين به لکيائين ته قاضيءَ هيٺئر پڇتايو آهي. اوهين مهرباني فرمائي هنکي معافي ڏيو. بادشاه پنهنجو پروانو ڦريل ڏسي عجب کاڌو ۽ سمجهيائين ته فريد صاحب ڪو ڀلو فقير آهي. هو ۽ اُنوقت کان وٺي فريد صاحب کي معطل لکو ۽ قاضي جنهنکي معافي ملي، سو پڻ فريد صاحب جو مريد ٿيو.

لاڳو ٻڙهو فريد [illegible] جا هيشيان ٻه سند ۽ من [illegible] سلوڪ [illegible] ڪو به اوهان [illegible] ي ڪريو ۽ [illegible] ڪر [illegible] ڇڏيو.

"فريدا! تون خدا جي راهه ۾ [illegible] آهين،
تنهن ڪري [illegible] ڪري آهي.
[illegible]

[illegible] فريد صاحب [illegible]

[illegible] فريد صاحب [illegible]

[illegible] پادشاه جي [illegible]

پوءِ ڳوٺ جا ماڻهو ڇهن يارن لاءِ ماني تيار ڪرائي، فريد صاحب سان ڳڏ جي جهنگ ڏي ويا. فريد صاحب سارو قصو پنهنجن سنگتين سان ڪيو، جي پڌي چوڻ لڳا ته ”بيشڪ توهان خدا صاحب جو پيارو آهيو. هو توسان سدئي همراه آهي.“

شيخ فريد صاحب سفر کانپوءِ پنهنجي مرشد خواجه قطب الدين وٽ دهليءَ ويو، جو اُن وقت وڏي اوڄ کي رسيل هو. هو پنهنجي مريدن کي هدايت ڪندو هو ته جي او هين پائيو ته ڪامل ٿيون ته ٿورو سمهو، ٿورو کائو، ٿورو ڳالهايو ۽ ٿورو دنيا سان وهنوار رکو. فريد صاحب پنهنجي مرشد جي گڻن جو بيان ڪندي چوي ٿو ته جيڪڏهين منهنجي سرير جو هر هڪ وار زبان ٿي پوي، تڏهين به پنهنجي مرشد جا گڻ پورا بيان ڪري نه سگهندس. پنهنجي مرشد جا گڻ ڳائيندي چوي ٿو ته:-

”فريدا گلي سڄڻ ويهه، اُڪ ڍولي ديي ته لهان
ڏکان جيڻ ماليهه، ڪارڻ تنها ما پرين.“

[سلوڪ نمبر ٨٧]

ارٿ:- ”فريدا! ڳالهين وارا جيڪر ويهه سنگتي به ملي سگهن، پر سچو سنگتي ڳولڻ سان هڪ به نٿو ملي سگهي. مان ته پنهنجي پريتم (مرشد) لاءِ چيڻي وانگر پيو ڏکان.“ [ماليهه = چيڻو.]

خواجه قطب الدين ڏٺو ته فريد صاحب اڃا پورو ابياس نه ڪيو آهي، تنهنڪري کيس وڌيڪ سکيا لاءِ ڪنهن وڏي عُلما وٽ موڪليائين. اُن وقت فريد صاحب هيٺيان لفظ اچاريا:-

سزا ايندي.“ تنهن تي فريد صاحب چيو ته ”منهنجو شاهد خود هن زال جو کير پياڪ ٻالڪ آهي. هنکي جي دتي ڳالهائيندا ته هو منهنجي لاءِ شاهدي ڀريندو.“ قاضيءَ حڪم ڪيو ته ”ٻالڪ کي ڪچهريءَ ۾ ڪٺي اچو.“ جڏهن ٻالڪ آندو ويو، تڏهن فريد صاحب ٻالڪ کي چيو ته ”پيارا مان توکي ڌڻيءَ جو واسطو ٿو وجهان. تون سچ چئي ڏج ۽ سچ بدا ٻيو ڪجهه به نه چئجو.“

قدرت ڌڻيءَ جي، هو ننڍو معصوم اُٿي کڙو ٿيو ۽ چيائين ته ”هيءُ شخص بلڪل بي ڏوهي آهي. منهنجي لدوري ماءُ هن ٻئي لوڪ کي ڪُڪرم لاءِ کهڙوئي ڊوڪايو، پر هيءُ پنهنجي ست تي قائم رهيو.“

شيخ فريدالدين عطار ”پندنامه“ ۾ چيو آهي:—

”طفل را در مهد گويا او کند
اين بجز حق ديگري کي ميکند.“

يعني ٻالڪ کي پينگهي ۾ اهو ٿو ٻولائي. اها ڳالهه سچي سائيءَ کان سواءِ ٻيو ڪير ٿو ڪري؟ [مهد == پينگهو. گويا == ڳالهائيندڙ، ٻولائيندڙ؛ بجز = کانسواءِ؛ کي == ڪير.]

اهو ٻڌي سڀ حاضرين عجب ۾ پئجي ويا ۽ سڀني کي يقين ٿيو ته فريد بي ڏوهي آهي ۽ ڏوهه سمورو هن زال جو آهي. قاضيءَ فريد صاحب کي ڇڏي ڏنو ۽ هن زال کي قيد جي سزا ڏنائين. ڪوٽ جا ماڻهو فريد صاحب جي پيرن تي ڪري پيا ۽ کانئس معافي ورتائون. فريد صاحب کي ڪوٽ ۾ رهڻ لاءِ زور ڪيو، جڏهن ته مون سڀني معاف ڪريو، پر جو منهنجا منڪ ۾ منهنجي لاءِ ڪينئن ٿي ويا هوندا.

شهاب الدين چيو ته "فريد صاحب الله لوڪ آهي. هو وڏي هوندي ايتري روحاني ترقي ڪندو، جو دين جو هڪ وڏو ٿنڀو ليکجڻ ۾ ايندو." پوءِ هن فريد صاحب کي صلاح ڏني ته "پيارا تون ٻئي ڪنهن ڪامل پرش جي ڳولا ڪر. تو اڳيئي هڪ لائق پير مرشد ڪيو آهي."

هي ڇارني يارڙن ڪندا سنڌ ۾ سيوهڻ شهر وٽ اچي پهتا. هنن ٽي ڏينهن روزو رکيو هو، جنهنڪري هنن کي سبک ڏاڍو آتو ڪيو هو. ڪنهن ڀلي لوڪ ڪين اَن ڪاڻ لاءِ ڏنو. فريد صاحب پنهنجن سنگتين کي چيو ته اوهين وڃي ڪنهن ويجهي جهنگ ۾ عبادت ڪريو ته مان شهر مان اَن پيهائي ٿو اچان. اتي هو هڪ گهر جي دروازي وٽ وڃي بيٺو ۽ گهرڌياڻيءَ کي سڏي چيائين ته مهرباني ڪري مونکي اَن پيهي ڏي ۽ اَن جي عيوض تون ڪجهه اَن ڪڍ. هوءَ عورت فريد صاحب جي سهڻي شڪل ڏسي موهت ٿي پيئي ۽ کيس گهر جي اندر سڏي چيائين ته مونکي فرصت ڪانهي، جو مان اَن پيهي ڏيانءِ. تون پاڻهي جنڊ مان اَن پيهي وڃ. فريد صاحب اها ڳالهه قبول ڪئي. هن زال کي هڪ ننڍو ٻالڪ هو، جنهنکي هوءَ پينگهي ۾ سمهاري، فريد صاحب جي اڳيان ويٺي ۽ هن سان پيار جون ڳالهيون ڪرڻ لڳي. فريد صاحب کي انهيءَ ڏان بلڪل مٺيان لڳي. دل ۾ چيائين ته هيءَ ڪا خراب عورت ٿي ڏسجي، جا ڌارين ماڻهوءَ سان هن قسم جي گفتگو ٿي ڪري. فريد صاحب پهريائين ته ڪڇيو ئي ڪين، تنهن

هو لنگهڻو ۽ ٻيو هو وڏو. انهيءَ رستي تي چورن جو ڀؤ هو، مگر وڏي رستي تي سلامتي هئي. بها والدين چيو ته ”يارو صلاح ڀري ڳالهه ته هيءَ آهي جو اسين وڏي رستي کان هلون، نه ته چور اسان کي ڦري ڦالهه ڪري ڇڏيندا، ۽ پئسي کان سواءِ وري سفر ڪيئن ڪري سگهنداسون؟“ تنهن تي فريد صاحب پنهنجي سنگتين کي چيو ته، ”يارو مونکي ته اها صلاح اصل نٿي آڙي. پاڻ سان پئسو هٿ ڪري جائي جهڙو آهي. تنهنڪري بهتر آهي ته جيڪو پاڻ سان پئسو آڻيون، سو سڀ غريب غريبن کي ڏيئي ڇڏيون. اسان جا پاڳ اسان سان. ڏٺي اسانکي وساري ڪونه ڇڏيندو. اميد آهي ته اوکيءَ ويل هو اسان سان همراهه ٿيندو.“ سڀني کي فريد صاحب جي صلاح پسند پيئي ۽ هو سڀ پئسو خيرات ڪري، انهيءَ رستي کان پنهنجي منزل ڏانهن روانا ٿيا.

سنڌو ندي پار لنگهي، ٿوسنڌ ڏانهيري درويش وٽ ويا جنهنجو نالو شيخ صوف هو. هن کي وينتي ڪيائون، ته ”مهرباني فرمائي اسان کي سکيا ڏيو.“ شيخ صاحب کين چيو ته مون کي ڪا طاقت ڪانهي جو اوهانکي سکيا ڏيان. اوهين بخارا ۾ شيخ شهاب الدين وٽ وڃو جو هو هڪ اعليٰ درجي جو فقير آهي. اهو ٻڌي هي چارئي سنگتي بخارا روانا ٿيا. جڏهين بخارا ۾ شيخ شهاب الدين جي مڪان تي ويا، تڏهين شيخ صاحب گهڻي حب سان کين گڏيو. هي چارئي يار ڪي ڏينهن اُتي ٽڪيا پيا هئا ۽ هر روز شيخ سان مذهبي ڳالهين بابت بحث مباحثو ڪندا هئا. هڪ ڏينهن شيخ

فريد صاحب [illegible] ڏهين جو ٿيو، تڏهين سندس
مائٽ کيس مڪي شريف وٺي ويا. اُتي هڪ ڪامل
فقير جنهنجو نالو عبدالقادر جيلاني هو (جنهنکي ”پيران
پير دستگير“ جو لقب ڏيندا آهن) ۽ جو پر واري عمل ۾
ھي غار ۾ رهندو هو، تنهن شخص فريد صاحب ۽ سندس
مائٽ کي دعوت ڏيئي پاڻوٽ گهرايو. فقير صاحب
پنهنجي مهمانن جي چڱي طرح خاطري ڪئي ۽ پوءِ هو
هڪ لوهه جي پيتي کڻي آيو، جنهن منجهه حضرت محمد
صاحب جي يادگيريءَ جون نشانيون هيون. شيخ فريد
صاحب کي لائق سمجهي فقير صاحب اهي سڀ شيون
کيس ڏنيون. مڪي شريف کان پوءِ فريد صاحب جا
مائٽ مديني ويا، جتي ٿورو ڪجهه وقت ٽڪي پنهنجي
وطن موٽي آيا. وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ لاءِ شيخ فريد
صاحب جي مائٽن کيس ڪابل موڪليو. اُتان هُو تعليم
پرائي ملتان موٽيو، جتي هڪڙي پهتل فقير قطب الدين
نالي گڏيو، جنهنجو هُو مريد ٿيو.

هڪ دفعي شيخ فريد صاحب جو سوٽ، بهاوالدين
ذڪريا، سيد جلال الدين بخاري ۽ لعل شهباز قلندر
گڏجي شيخ فريد صاحب وٽ آيا ۽ چيائون ته ”پيارا،
تون اسان سان گڏجي سفر تي هل ته ڪو ڪامل
شخص ڳولي لهون.“ فريد صاحب کين چيو ته ”منهنجو
اعتقاد ته پنهنجي مرشد قطب الدين ۾ آهي.“ تنهن
هوندي به سندس سوٽ بهاوالدين کيس هلڻ لاءِ زور
ڪيو، جنهنڪري هو ساڻن گڏجي سفر تي لڳو. سفر
ڪندي، هو هڪ هنڌ آيا، جتان ٻه رستا ٿي ٿيا، هڪ

تڏهين اُن مٿس "شڪر گنج مٿي هئي". ڪن صاحبن
جو وري چوڻ آهي ته شيخ فريد صاحب تي "شڪر
گنج" نالو هن ڪري پيو، جو هڪ ڏينهن هڪ واپاري
شڪر سان ڀريل گڏهه ڪاهيندو پئي ويو. واٽ تي
فريد صاحب منهن ۾ مليس، جنهن پڇيس ته آبا ڇا ٿو
لڏيو وڃين؟ هن يار چرچو ڪري چيس ته سائين نمڪ
(لوڻ) ٿو لڏي وڃان. تنهن تي فريد صاحب ورندي
ڏني ته آبا نمڪ ئي هوندو. واپاري جان گهر پهتو ته ڇا
ڏسي ته کُرزين ۾ شڪر ٿي ئي ڪانه، رڳو منجهس نمڪ
پيو آهي! ويچارو ڏاڍو وِسو ٿي ويو. دل ۾ چوڻ لڳو
تـه هيلي! فقيرن سان چرچو ڪرڻ مناسب نه آهي.
هاڻ وڃي ٿو پيش پوانس. اميد اٿم ته هو ضرور منهنجو
گناهه بخشيندو. اهو خيال دل ۾ ڌري، هو شيخ فريد
صاحب وٽ آيو ۽ هٿ ٻڌي عرض ڪيائين ته "سائين!
منهنجي خطا بخشيو. مون مسخري ڪري اوهان کي
چيو ته کُرزين ۾ نمڪ آهي، پر سچ پچ اُن ۾ شڪر
هئي. گهر وڃان ته شڪر نمڪ ٿي پئي. هاڻ ڀلائي ڪري
پنهنجو فضل ڪريو ۽ نمڪ کي شڪر ڪريو. فريد صاحب
چيو ته آبا جي شڪر هئي ته شڪر ئي هوندي. وڻجارو
گهر موٽي آيو ته ڏسي ته سچ پچ شڪر جي شڪر آهي.

فريد صاحب کي ننڍي ٿيئي ماڻس اسڪول ۾ ويهاريو.
ٿوري ئي عرصي ۾ هن سڄو قرآن شريف برزبان ياد ڪري
ڇڏيو. پوءِ سندس مائٽن کيس ملتان موڪليو ته اُتي
وڃي اڀياس ڪري. اُتي هن پڙهڻ ۾ اهڙي هوشياري
ڏيکاري، جو سندس اُستاد به وائڙو ٿي ويو. هڪ ڏينهن

جڏهن مان سمجهي ڪي ٿي تہ روزا وارڻ گهرجن. چوليتا تہ سارو رمضان جو مهينو هي ڪ ڏينهن جو موٽڻ واڪر روزو رکندو هو ۽ رات جو ماني جي ٿوري ڏاڍي روزو ڇوڙيندو هو.

جڏهن شيخ فريد صاحب پنجين ڇهن ورهين جو ٿيو، تڏهن ماڻس کيس نماز پڙهڻ سيکاري. هڪ ڏينهن ما کان پڇيائين تہ نماز پڙهڻ مان ڪهڙو فائدو آهي؟ ماڻس جواب ڏنس تہ جيڪو نماز پڙهندو تنهنکي شڪر (مصري) جو ڳنڍو ملندو. هوءَ هر روز نماز وقت فرش هيٺان شڪر جو ڳنڍو لڪائي رکندي هئي ۽ جڏهن سندس پٽ بندگي ڪري اٿندو هو، تڏهن اُتان شڪر ڪڍي کيس ڏيندي هئي. هڪ ڀيري ماڻس نماز وقت گهر ۾ حاضر نہ هئي ۽ جڏهن هو بندگي ڪري اٿيو، تڏهن ڇا ڏسي تہ فرش جي هيٺان شڪر جا ڪيترائي ڳنڍا پيا آهن. ماڻس گهر موٽي آئي تہ پٽس ساڻس هن اسرار جو ذڪر ڪيو. هيءَ ڳالهہ ٻڌي کيس ڏاڍي خوشي ٿي. اُن وقت کان وٺي هن پنهنجي پٽ جو نالو "شڪرگنج" رکيو. "گنج" لفظ جي معنيٰ آهي خزانو. ڪي ويچارن ٿا تہ شيخ فريد صاحب جن تي "شڪرگنج" نالو هيئن پيو.

هڪ دفعي فريد صاحب روزو رکيو هو. آڌي رات جو ڇتي ٻک آهي لڳس ۽ جهٽ زمين تي ٻہ چار مڪون هڻيائين، تہ ڪي پٿر جا ٽڪر هٿ لڳس، جي وات ۾ وجهڻ سان شڪر ٿي پيا. جڏهن اِها ڳالهہ جي خبر سندس مرشد خواجہ قطب الدين کي پئي،

ايڪ اونڪار ست گور پرساد

شيخ فريد صاحب جن جو
جيون چرتر

سري گورو گرنٿ صاحب ۾ جن ڀڳتن جي واڻي چڙهيل آهي، تن منجهان هڪ شيخ فريد صاحب آهي. هو وڏي ڪمائيءَ وارو هو. سندس جنم رمضان مهني جي پهرين تاريخ هجري ٥٦٩ (برابر سنه ١١٧٣ع) کوٺيوال (پنجاب ديس) ۾ ٿيو. سندس پيءُ جو نالو شيخ جمال الدين سليمان ۽ ماڻس جو نالو ڪلثوم خاتون هو. ڪي ڪيس بيبي مريم به چون ٿا.

ڳالهه ٿا ڪن ته جنهن رات هيءُ ٻالڪ ڄائو، تنهن رات سارو آسمان ڪڪرن سان ڇانيو پيو هو ۽ بلڪل گهٽي اونده هئي، انهيءَ ڪري چنڊ ڏسڻ ۾ نه ٿي آيو. اها ڳالهه پرسڌ آهي ته اسلام جا مسلمان پاڻ رمضان مهني جو چنڊ ڏسي روزا شروع ڪندا آهن، پر هن ڀيري هو منجهي پيا ته روزا ڪڏهين کان شروع ڪريون. اڃا هو انهيءَ ويچار ۾ هئا ته هڪ درويش وٽن آيو ۽ کين چيائين ته شيخ جمال الدين سليمان کي هڪ سندر پٽ ڄائو آهي، جو خدا صاحب جو هڪ ملائڪ پيو ڏسڻ ۾ اچي. جيڪڏهين هن ٻالڪ اڄ رات ڇيڙو وڌو ته سمجهو ته روزا اڃا شروع نه ٿيا آهن، مگر جي ڇيڙو نه وڌائين ته سڀني مومن کي ڄاڻڻ گهرجي ته روزا اڄ کان وٺي شروع ٿيا آهن. ٻالڪ انهيءَ رات اصل ڏائڻ

۽ سنڌر پرمانند جو واهگورو آهي، سو اُنهنجي رکيا ڪري ٿو؛
اها ڳالھ من ۾ ويچاري ڏس.

(٣) پاٿرِ ڪيٽُ گُپتُ هوءِ رهتا، تاچو مارگُ ناهي ·
ڪهي ڌنا پُورن تاهُون ڪو، مت ري جيءَ ڏراهي ·

ارٿ:- پٿرن ۾ جي ڪيڙيون اکل رهن ٿيون، جتان اُنهنکي نڪرڻ جي ڪا واھ ڪانهي، تنکي بہ قوت اُهو سرو وياپڪ ڏڻي پهچائي ٿو. سري ڌنو ڀڳت فرمائي ٿو تہ "هي پيارا، متان ڪو ڊپ ڪرين، مطلب تہ تو تنهنجي سار سنڀال پڻ لهندو."

تات پرج

هن سنڌر شبد ۾ سري ڌنو ڀڳت فرمائي ٿو تہ "هي جيو، تون انهي ڪرتار کي ياد ڪر، جو سڀني کي رزق پهچائيندڙ آهي. هي پيارا، ڪڏهن ساري دنيا پٽڪين، تڏهين بہ ڪرتار کي جيڪي ڪرڻو هوندو سو ڪندو. ڏس تہ پرماتما ڪيئن نہ هن جيو جي ماتا جي گرڀ ۾ رکيا ڪري ٿو! ماديءَ ڪڇون پنهنجا ٻچا جهڙي ڪناري تي ڪڍن کڏ ۾ وجهي ايندي آهي، انهن ويچارن ٻچن کي نہ کاڌي لاءِ کير آهي ۽ نہ ٻچا لاءِ ماءُ جو اچڻ آهي، تنهن بہ رکيا اُهو پورن پرماتما ڪري ٿو. پٿرن ۾ جي ڪيڙيون اکل رهن ٿيون، جتان انهن کي نڪرڻ جي ڪا واھ ڪانهي، تنکي بہ قوت اهو ڏڻي پهچائي ٿو. تنهنڪري هي پيارا! متان ڪو ڊپ ڪرين، اهو ڏڻي تنهنجي بہ اوس رکيا ڪندو."

نوٽ:- منگلاچرڻ سڀني پاتشاهہ سري گورو ارجن ديو جن شيخ فريد صاحب جن جا ٻہ شبد واڳر آسا ۾ چاڙهيا آهن. واڻيءَ جي آرٿ ڪرڻ کان اڳ شيخ فريد جن جا جيون چرتر ڏجن ٿا.

ايڪ اونڪار ست گرپرساد

شيخ فريد صاحب جن جا
جيون چرتر

سري گورو گرنٿ صاحب ۾ جن ڀڳتن جي واڻي چڙهيل آهي، تن منجهان هڪ شيخ فريد صاحب آهي. هو وڏي ڪمائيءَ وارو هو. سندس جنم رمضان مهني جي پهرين تاريخ هجري ٥٦٩ (برابر سنه ١١٧٣ع) کوٺيوال (پنجاب ديس) ۾ ٿيو. سندس پيءُ جو نالو شيخ جمال الدين سليمان ۽ ماڻس جو نالو ڪلثوم خاتون هو. ڪي ڪيس بيبي مريم به چون ٿا.

ڳالهه ٿا ڪن ته جنهن رات هيءُ ٻالڪ ڄائو، تنهن رات سارو آسمان ڪڪرن سان ڇانيو پيو هو ۽ بلڪل گهٽي اوندهه هئي، انهيءَ ڪري چنڊ ڏسڻ ۾ نه ٿي آيو. ادا ڳالهه پرسڌ آهي ته اسانجا مسلمان ڀائر رمضان مهني جو چنڊ ڏسي روزا شروع ڪندا آهن، پر هن ٻهري هو منجهي پيا ته روزا ڪڏهين کان شروع ڪريون. اڃا هو انهيءَ ويچار ۾ هئا ته هڪ درويش وٽن آيو ۽ کين چيائين ته شيخ جمال الدين سليمان کي هڪ سندر پٽ ڄائو آهي، جو خدا صاحب جو هڪ ملائڪ پيو ڏسڻ ۾ اچي. جيڪڏهين هن ٻالڪ اڄ رات ڇڪڙ ورتي ته سمجهو ته روزا اڄ شروع ٿيا آهن، مگر جي ڇڪڙ نه ورتائين ته سڀني مومنن کي ڄاڻڻ گهرجي ته روزا اڄ کان وٺي شروع ٿيا آهن. ٻالڪ انهيءَ رات اصل ڏاڍو

۽ سنڌ ۾ مالڪ جو ... جي اُنهي رکيا ڪري تو؛
... ماهه ۾ ...

(٣) ... ڪٿي ٻڪت ... تاڃو مارڪ ناهي
ڪهي ڏنا ... ڪو، مت ري جيڪا ڏرامي.

... ڪٿيون اڪل رهن ايون، جتان
انهي ڪري جي ڪا وام ڪانهي، تنکي ۾ قوت اُنو سرو ويارڪ
ڏٺي ... سري ڏنو ٻڪت فرمائي تو تہ "هي پيارا،
... ڪري، ... تہ تو تنهنجي سار سنڀال ٻڻ لهندو."

تات ٻرج

... سنڌ ۾ شبد ۾ سري ڏنو ٻڪت فرمائي تو تہ
"هي جيو، تون انهي ڪرتار کي ياد ڪر، جو سڀني کي
رزق پهچائيندو آهي. هي پيارا، ڪٿي ساري دنيا ...،
... ۾ ڪرتار کي ... ڪرڻو ... سو ڪندو.
... تہ ... ڪيئن ... جي ... جي ڪرب ۾
رکيا ڪري ٿو! ... ڪيئن ... ڪناري
تي ڪيئن ڪڏ ۾ ... ايندي آهي، انهن ويچارن
... کي ... ڪير آهي؟ ... جو ...
الن، تنهنجي ۾ رکيا آهو ... ڪري ٿو. ...
۾ ... ڪمايون اڪل رهن ... انهن کي
... ڪا ... ڪانهي، تنکي ۾ قوت اُنو ڏٺي
... تو، ... هي پيارا! ... ڪري ڪرين،
اُنو ڏٺي تنهنجي ۾ ... رکيا ڪندو."
نوٽ ... سري ... ارجن
ديو ... ڇڙهيا
آهن. ... جن
... تو ...

॥ ੧ ॥ ਕੁੰਮੀ ਜਲ ਮਾਹਿ ਤਨ ਤਿਸੁ ਬਾਹਰਿ ਪੰਖ ਖੀਰੁ ਤਿਨ
ਨਾਹੀ ॥ ਪੂਰਨ ਪਰਮਾਨੰਦ ਮਨੋਹਰ ਸਮਝਿ ਦੇਖੁ ਮਨ ਮਾਹੀ
॥ ੨ ॥ ਪਾਖਣਿ ਕੀਟੁ ਗੁਪਤੁ ਹੋਇ ਰਹਤਾ ਤਾਚੋ ਮਾਰਗੁ ਨਾਹੀ॥
ਕਹੈ ਧੰਨਾ ਪੂਰਨ ਤਾਹੂ ਕੋ ਮਤ ਰੇ ਜੀਅ ਡਰਾਂਹੀ ॥ ੩ ॥ ੩ ॥

آسا ٻاڻي ڀڳت ڌني جي کي شبد (٣)

ري چت چيتس ڪين ديال دمودر، ٻيهر ڏ
جاڻس ڪوئي
جي ڌاوهه برهمنڊ کنڊ ڪئُہ، ڪرتا ڪري سُ هوئي
(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي من! تون ديال پريڀو کي ڇو نٿو ياد ڪرين؟
ٻيا ڪي ٻه ٻنهنجا مدد گار نہ سمجهہ. هي پيارا، ڪٽي ساري
دنيا ڀٽڪين، تڏهين بہ ڪرتار کي جيڪي ڪرڻو هوندو
سو ٿيندو.

(١) جنني ڪيري اُدر اُدڪا مهہ، پنڊ ڪيئا دس دُئارا
ديئہ آهارُ آڳن مهہ راکي، ائسا خصم همارا

ارٿ:- اسانجو مالڪ اهڙو آهي جنهن ماتا جي پيٽ جي
باهہ ۾ ڏهن دئارن وارو سرير ساجيو آهــي. پرماتما هنکي
کاڌو ڏيئي جٺرا اگنيءَ ۾ رکيا ڪري ٿو.

(٢) ڪمي جلَ ماهہ تن تس باهر، پنکہ کير تن ناهي
پُورن پرمانند منوهر، سمجهہ ديکہ من ماهي

ارٿ:- مادي ڪڇئون جل ۾ هوندي آهي ۽ سندس
ٻچا جل کان ٻاهر هوندا آهن. هنن ويچارن ٻچن کي نہ ماءُ
جي ٻکن جي اوٽ آهي ۽ نہ کاڌي لاءِ کير آهي، ٻر سرو وياپڪ

ڏوري وقت ڪالپوءِ جڏهين سيٺ پڪت جن راجا رام وٽ ويا ۽ اڏينتا ڏيکاري وينتي ڪرڻ لڳا تہ مون تي ڪرپا ڪجو جو مون کان ديرُ ٿي وئي، تڏهين راجا صاحب ٻه ٽي ڪين ڇڏيو تہ سيٺ، تون تہ اڄا هينئر مون وٽان ٿي ويو آهين. تنهنتي سيٺ پڪت جن ٻُپ ۾ پڙجي ۽ اکين ۾ پاڻي آڻي وينتي ڪري چوڻ لڳا تہ ”مهاراج! منهنجي ڪهڙ تہ سنت آيا هئا. مان تہ انهن جي شيوا ۾ لڳي رهيو هوس.“ تنهنتي راجا کي يقين ٿيو تہ خود پرڀو ڌاڻيءَ جو ويس ڌاري منهنجي خدمت ڪري ويو آهي، سو صاحب ۽ خوشيءَ وچون ڪيس لڙڪ وهڻ لڳا. سيٺ پڪت کي پڻ پرماتما جي هن عجيب کيل جو ذڪر ٻڌي اکين ۾ پاڻي آيو. راجا يڪدم سيٺ پڪت جي چرڻن تي ڪري پيو ۽ هٿ جوڙي وينتي ڪرڻ لڳو تہ اوهانجي ڪرپا سان مون کي پرماتما جو درشن مليو آهي ۽ سمورو روڳ لوڙت ٿيو آهي. مون کي ديا ڪري پنهنجو شش ڪريو. سيٺ پڪت راجا کي پريما ڀڳتيءَ جو اپديش ڏنو. راجا انهيءَ ڏينهن کان وٺي سيٺ پڪت کي گورو ڪري مڃڻ لڳو ۽ ڪاشي ڪوڙ ڪر ڌونئدو هو. پاڻ منهنجي شيوا ڪرڻ لڳو، ۽ راجا جي مرڻ کانپوءِ سندس نيڪ ٻچا بہ سيٺ کي گورو ڪري مڃيندا هئا.

ਆਸਾ

ਰੇ ਚਿਤ ਚੇਤਸਿ ਕੀਨ ਦਯਾਲ ਦਮੋਦਰ ਬਿਬਹਿ ਨ
ਜੇ ਧਾਵਹਿ ਬ੍ਰਹਮੰਡ ਖੰਡ ਕਉ ਕਰਤਾ ਕਰੈ ਸੁ
ਰਹਾਉ ॥ ਜਨਨੀ ਕੇਰੇ ਉਦਰ ਉਦਕ ਮਹਿ ਪਿੰ
ਦੁਆਰਾ ॥ ਦੇਇ ਆਹਾਰੁ ਅਗਨਿ ਮਹਿ ਰਾਖੈ

جڏهين پرماتما وسيو، تڏهين هو ٻه وڏن ڀڳتن ۾ ليکجڻ ۾ آيو. اِهن سنتن جون وارتائون ٻڌي مون جاڻ جي ٻه ڏل سرڪي ته اُٿي ڀڳتي ڪريان. منهنجا وڏا ڀاڳ ۽ ا جو اهڙي سچي سائينءَ مون کي ساکيات پنهنجو درشن ڏنو.”

نوٽ:- هتي وچ ۾ ڀڳت سيڻ جو مختصر جيون چرتر ڏجي ٿو.

سيڻ ڀڳت جو مختصر جيون چرتر

سري سيڻ صاحب سري رامانند صاحب جن جا شش هئا ۽ چوڏهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۽ پندرهينءَ صديءَ ۾ ٿي گذريا آهن. هي ريوا ديس جي راجا رام جا نائي هئا. هو سنتن جي بلڪل چڱيءَ طرح شيوا ڪندا هئا، ۽ ائين ڄاڻندا هئا ته سنتن جي شيوا ڪئي سون ته گويا پرماتما جي ڪئي سون.

ڀڳت مال ۾ لکيل آهي ته هڪ دفعي جڏهن هو هميشہ وانگر راجا رام وٽ ٿي ويا ته واٽ تي ڪين ڪي سادو گڏيا، جن کي ڏسي هو ڏاڍا پرسن ٿيا ۽ هنن کي گهر وٺي اچي هنن جي چڱي ڀل شيوا ڪيائون. راجا رام جو ڪين ذرو به خيال ڪو نه رهيو. پرماتما جو پنهنجن ڀڳتن جي پيج رکندو آهي سو سندن روپ ڌاري پوري وقت تي راجا رام جي محلات ۾ آيو. راجا جي پٺيءَ ۾ ڦرڙي هئي. پرماتما پنهنجن ڪومل هٿن سان جڏهن هن جي تيل ڦليل سان مالش ڪرڻ لڳو، تڏهن هنجي ڦرڙي جي خارش لهندي ويئي ۽ هن کي آرام ايندو ويو.

ڏنائين هريءَ جو درسن پراپت ڪيو. [ڏولتا = ڏوليندو هو. پرگٽ = مشهور ٿيو.]

(٣) سچن نالي ڀُت ڪاريا، اوهُ گهر گهر سُڌما
هردي وسيا پاربرهم، ڀڳتان مهر ڪيما

ارٿ:- ڀڳت سڄڻ جو نالي هو، جو ٺڳي ۽ وهندو هو، جنهن ٻاهر گهر گهر ڀُٽندو هو تر نالي آهي، تنهنجي هردي ۾ جڏهن پار برهم وسيو، تڏهن ڀڳتن ۾ ڳڻاڻي ۾ آيو. [ڀُٽ ڪاريا = ڀٽ سنواريندڙ، سنوارت ڪندڙ، ٺڳي ۾ وهندڙ. گنما = ڳڻاڻي ۾ آيو.]

(٤) اهي پڌ سُنڪي جاترو، اُپ ڀڳتي لاڳا
ملي پرتڪر ڳسائيما، ڏنا وڏ ڀاڳا.

ارٿ:- اهي پرسنگ پڌي مان ڏنو جاٽ ذات جو، اُني پرماتما جي اڳتيءَ کي لڳي پيس. مون سان ساکيات پرماتما آهي مليو ۽ منهنجا وڏا ڀاڳ ٿيا. [جاترو = جاٽ ذات جو. پرتڪر = ساکيات، ظاهر.]

تات پرج

ون سندر شبد ۾ سري ڏنو صاحب فرمائي ٿو تر "سري نامديو ڀڳت جو فقط ڪ ليکو ڇيپو (ڪتي) هو، سو بہ پرماتما جا گڻ ڳائي اُوچي پد تي وڃي پهتو. سري ڪبير صاحب جو ذات جو ڪوري هو، اُهو بہ پرماتما جو پوڄن ڪري وڏو ڪن وان ٿيو. سري روداس صاحب جو ڍوليو (مئل ڍلور) ڍوئيندو هو، تڏهن مهاپُرش ساڌ سنگت ۾ ٿي، هريءَ جو درسن ڪيو. سري سئن ڀڳت جنهنجي ڀيکن کي سڌ آهي تہ ... تي سنوارت ڪندڙ هو، انهي جي هردي ۾ بہ

کي هن سان پريو، جو پرم پرش پرماتما مون کان وسري ويو؟
[جڳت = جڳتي، ريت. نواسي = وسائي. جال = ڄار. ڦند = ڦاسي. سنڀچر = کنا ڪري.]

(٣) گيانُ پرويسُ گُرهِ ڌنُ ديئا، ڌيانُ مانُ منُ ايڪ مئي
پريم ڀڳت ماني سکُ جانيا، ترپت اگهاني مُڪت ڀئي

ارٿ :- گوروءَ جي ڏنل ڌن يعني گيان جو پرويش جڏهين من ۾ ٿيو، تڏهين مان اُنجو ڌيان ڪري اُن سان هڪ روپ ٿي ويس. جڏهين مون پريما ڀڳتيءَ کي سُئيڪار ڪيو، تڏهين مونکي سک جو پتو لڳو. پوءِ مان ڍاپجي، راضي ٿي مڪت ٿي ويس. [پرويش = دخل ٿيڻ. گرهه = گوروءَ جو. ماني = قبول ڪئي، سئيڪار ڪئي.]

(٤) جوت سماءِ سماني جاڪےَ، اڇلي پرڀ پهچانيا
ڌنيءَ ڌنُ پائيا ڌرڻي ڌر، ملِ جن سنت سمانيا.

ارٿ :- پرماتما جي جوت، جا سڀني ۾ سمايل آهي، سا جڏهين منهنجي هردي ۾ سمائي، تڏهين مون پربوءَ کي سڃاتو، جو لڳجڻ جو نه آهي. ڀڳت ڌني جن فرمائين ٿا ته مون ڌرڻي ڌر پرماتما کي پنهنجو ڌن سمجهي پراپت ڪيو آهي ۽ سنت جنن سان ملي هن سان سمائجي ويو آهيان.
[اڇلي = جو ڪنهنجي ڇاڙ يا لڳجڻ جو نه هجي. ڌرڻي ڌر = پرٿوي جو آڌار.]

ٿات پرچ

هن سند ر شبد ۾ ڀڳت ڌني جن پنهنجي حالت ڏيکارين ٿا. هي جيوآتما جو نيون پوکي ٿو، پر منجهي من کي ڪا سانت نه ٿي اچي. هو وشين ۾ مست رهي ٿو، جنهنڪري مالڪ مهربان هن کان وسري وڃي ٿو.

آسا باڻي ڀڳت ڌني جي کي شبد (١)

اڪ اونڪار ستگور پرساد

ڀرمت ڦرت ٻهه جنم بلائي، تن من ڌن نهي ڌيري
لالچ بکُ ڪام لبڌ راتا، من بسري پرڀ هيري
(اڪ رهاءُ)

ارٿ :- جونين ۾ ڀرمندي ۽ ڦرندي ڪيئين جنم گذري ويا، پر سرير ۾ جو من آهي تنهنکي ڌن ڌيارن ڌيرج نه آيو. هي من ڪامادڪ وشين جي لالچ ۾ لوڀجي ۽ مست ٿي پربوءِ کي وساري ڇڏي ٿو، جو هيري وانگي اَمولڪ آهي. [بلائي = گذري ويا. ڌيري = ڌيرج آيو. لبڌ = لوڀجي. راتا = مست ٿي.]

(١) بکُ ڦل ميٺ لڳي من بئوري، چار بچار نه جاڻيا
گن تي پريت ٻڌي آن ڀانتي، جنم مرن ڦر تاڻيا

ارٿ :- آتما هاڃي ڪندڙ ڦل هن مست من کي مٺا لڳن ٿا ۽ سندر وچارن جي هنکي سوجهي نه ٿي پوي. شب گڻن کان مٿي هن جو جي پريت ٻين ڀاتي وڌي، جنهنڪري وري جنم مرڻ جي تاڃي تاڻي بيٺي. [بکُ ڦل = آتما هاڃي ڪندڙ ڦل. بئوري = چريو. چار = سندر. گن = شب گڻ. آن ڀانتي = ٻين ڀاتي.]

(٢) جُڳت جان نهي رديءِ نواسي، جلت جال جم ڦند پري
بکُ ڦل سنچ ڀري من ايسي، پرم پُرک پرڀ من بسري

ارٿ :- پرماتما جي جاڻڻ جي جڳتي مون مردي ۾ ڪانه وسائي، ۽ جم جي جار جي ڦاسيءَ ۾ ڦاسي پئي سڙيس. مون آتما هاڃي ڪندڙ ڦل ڪٺا ڪري ايتري تدر ڀنڊجي من

آخر وقت ڪان وٺي هو پنهنجو ڌنڌو ڇڏي فقط هڪ سچي پرماتما جي ڀڳتي ڪرڻ لڳو.

سري ڌني ڀڳت جا ڪيترا سندر ۽ من موهيندڙ شبد سري گورو ارجن ديو سچي پاتشاه دياپالي سري گورو گرنٿ صاحب ۾ چاڙهيا آهن، جنهنجي پڙهڻ مان اسانکي خبر پوندي ته هن پريمي ڀڳت جو پرميشور ۾ ڪيترو نه نسچو هو. ڌن آهن اهڙا پرميشور جا پيارا، جن پنهنجي ڀڳتيءَ جي پرتاپ ڪري، ساري ڀارت کنڊ جو منهن مٿي ڪيو آهي ۽ جنهنجي اُتم سکيا اسان موڙهن ۽ پاپين کي سڌيون رستو ٻڌائيندڙ آهي.

نوٽ:- هتي ٿي شبد ڌني ڀڳت جا، جي سچي پاتشاه سري گورو ارجن ديو جن راڳ آسا ۾ چاڙهيا آهن، تنهنجو ارٿ ڏجي ٿو.

ਆਸਾ ਬਾਣੀ ਭਗਤ ਧਨੇ ਜੀਉ ਕੀ

੧ ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਭ੍ਰਮਤ ਫਿਰਤ ਬਹੁ ਜਨਮ ਬਿਲਾਨੇ ਤਨੁ ਮਨੁ ਧਨੁ ਨਹੀ ਧੀਰੇ
ਲਾਲਚ ਬਿਖੁ ਕਾਮ ਲੁਬਧ ਰਾਤਾ ਮਨਿ ਬਿਸਰੇ ਪ੍ਰਭ ਹੀਰੇ॥ ੧ ॥
ਰਹਾਉ ॥ ਬਿਖੁ ਫਲ ਮੀਠ ਲਗੇ ਮਨ ਬਉਰੇ ਚਾਰ ਬਿਚਾਰ ਨ
ਜਾਨਿਆ॥ ਗੁਨ ਤੇ ਪ੍ਰੀਤਿ ਬਢੀ ਅਨ ਭਾਂਤੀ ਜਨਮ ਮਰਨ ਫਿਰਿ
ਤਾਨਿਆ ॥ ੧ ॥ ਜੁਗਤਿ ਜਾਨਿ ਨਹੀ ਰਿਦੈ ਨਿਵਾਸੀ ਜਲਤ
ਜਾਲ ਜਮ ਫੰਧ ਪਰੇ ॥ ॥ ਬਿਖੁ ਫਲ ਸੰਚਿ ਭਰੇ ਮਨ ਐਸੇ ਪਰਮ
ਪੁਰਖ ਪ੍ਰਭ ਮਨ ਬਿਸਰੇ ॥ ੨ ॥ ਗਿਆਨ ਪ੍ਰਵੇਸੁ ਗੁਰਹਿ ਧਨੁ
ਦੀਆ ਧਿਆਨੁ ਮਾਨੁ ਮਨ ਏਕ ਮਏ ॥ ਪ੍ਰੇਮ ਭਗਤਿ ਮਾਨੀ ਸੁਖੁ
ਜਾਨਿਆ ਤ੍ਰਿਪਤਿ ਅਘਾਨੇ ਮੁਕਤਿ ਭਏ ॥ ੩ ॥ ਜੋਤਿ ਸਮਾਇ
ਸਮਾਨੀ ਜਾ ਕੈ ਅਛਲੀ ਪ੍ਰਭੁ ਪਹਿਚਾਨਿਆ ॥ ਧੰਨੈ ਧਨੁ ਪਾਇਆ
ਧਰਣੀ ਧਰੁ ਮਿਲਿ ਜਨ ਸੰਤ ਸਮਾਨਿਆ ॥ ੪ ॥ ੧ ॥

ڪم ۾ ٻڌيءَ ٻوڪڙ ۾ سنڀالڻ جو ڪم سڀ ڀاڻ ئي ڪري ٿو ۽ ٿڪجي پئيءَ نه ٿو."

ترلوچن اهو حال ڏسي اسچرج ۾ پيو، ۽ چيائينس ته "ڏسا! مون سان انجاڻ ڪيو دوءَ ته مونکي جيڪي ٺاڪر ڏيندو تنهنجو اڌ توکي ڏيندس. هاڻي تو تنهنجو سڀ ڀنيءَ وغيره جو ڪم ڪار ڪري ٿو. ڀلائي ڪري مونکي به ته سندس درسن ڪراءِ." تنهنتي ڌني ڀڳت چيس ته "واه! هيڏانهن هلو ته اوهانکي درسن ڪرايان."

ائين چئي کيس پنهنجي ڪانئن وٽ وٺي اچي اشارو ڪري چيائينس ته "مهراج، ڏسو منهنجو ٺاڪر هن اڇيءَ ڪانءِ جي پرسان بيٺو آهي. هيڏور وري ڏسو ته اُتان ڇُري ڪاريءَ ڪانءِ پرسان وڃي بيٺو آهي." ويچاري ترلوچن کڻي نهاريو، پر هنکي ڪجهه ڏسڻ ۾ نه آيو. ترلوچن کي پرتيت ٿي ته هن ڀالي ڀولي ڀڳت کي پرماتما درسن ڏنو آهي، سو هنکي وري به وينتي ڪيائين ته "پيارا! جيئن وڻئي تيئن مونکي پرماتما جو درسن ڪراءِ. ڌني ڀڳت هٿ جوڙي پرماتما کي وينتي ڪئي، جنهن ترلوچن پرڀو کي به پنهنجو درسن ڏيئي نهال ڪيو.

ڀڳت مال ۾ لکيل آهي ته ڪجهه وقت کان پوءِ پرماتما ڌني ڀڳت کي پيار سان چيو ته "هي پيارا! تون سري رامانند سواميءَ وٽ وڃ ۽ هنکي پنهنجو گورو ڪري منهنجي پريما ڀڳتيءَ ۾ مگن ره." ڌنو ڀڳت ست وچن ڪري جلدي ئي ڪاشيءَ ۾ سري رامانند سواميءَ وٽ ويو. سري رامانند سوامي هن ڀڳت کي ڏسي گهڻو پرسن ٿيو ۽ هنکي پريما ڀڳتيءَ جو اُپديش ڪيائين.

جڏهن پرماتما ڏٺو، تہ منهنجي درسن بنا هو پنهنجي جان گهات ڪرڻ تي آهي، تڏهن هن کان وڌيڪ سٺو نہ ٿيو ۽ يڪدم پرڪٽ ٿي، هن پنهنجي پياري ڀڳت کي گلي سان لاتو. پرماتما بلڪل خوش ٿي اُهي پار ڦُٽيون روٽيون ۽ ٻاڇي کائڻ لڳو ۽ ڏلي ڀڳت جي مُکہ ۾ پنهنجي پوتر هٿن سان گرهہ وجهڻ لڳو ۽ بار بار ڏلي ڀڳت جي روٽين ۽ ٻاڇيءَ جي ساراهہ ڪري چوڻ لڳو تہ "اڄ کان وٺي تنهنجي ٻچيءَ جي رکواري توڙي تنهنجي کائڻ جي سنڀال آءٌ پاڻ ڪندس، تون اهو سمورو وقت ڀڄن جي موج وٺ."

انهيءَ سال ڏلي ڀڳت جي ٻچيءَ ايترو گهڻو اَن پيدا ڪيو، جو سڀ پاڙيسري عجب کائڻ لڳا. هنجي ٻچيءَ کي اڄا تائين "ڏلي ڀڳت کي ڪيت" يعني ڏلي ڀڳت جي ٻچي ڪري سڏيندا آهن. انهيءَ وچ ۾ ترلوچن برهمڻ ڪنهن ڏورانهين ديس ويو هو. جڏهن هو اتان پنهنجي وطن موٽيو، تڏهن ڏلو ڀڳت ڪيس ڏسي سندس چرڻن تي ڪري پيو. ترلوچن برهمڻ سمجهيو تہ شايد هنجي ماءُ پيءُ ڪيس ڪاريون ڏنيون آهن تہ "ڌهڙا ٽهڙا، تو هڪ لکمي پتر جي عيوض پنهنجي سندر ڪانءُ ڦرائي آيو آهين، سو وڃي پنهنجي ڪانءُ ترلوچن کان موٽائي وٺي اچ." ترلوچن انهيءَ چنتا ۾ ئي هو تہ ڏلو ڀڳت اُٿي هٿ جوڙي ڪيس چوڻ لڳو تہ "هي مهاراج! اوهان مون تي دَيا ڪري مونکي ٺاڪر ڏنو تنهن منجهان مونکي گهڻو سک پراپت ٿيو آهي. اٺ ئي پهر منهنجي شيوا ۾ رُڌل آهي. کائين چارڻ جو

جڏهين اهڙيطرح ورلاپ ڪندي ٻه پهر گذري ويا، تڏهين هو مٿو ڌوڻي چوڻ لڳو ته ”هي دين ديال! هي ڀڳت وڇل! هي اناٿن جا ناٿ مونکي مورک سمجهي، مون جاٿ جون مانيون نٿو کائين؟ ٻڌاءِ ته مان ڀيلڻيءَ کان به ليچ آهيان ڇا، جنهنجا جوٺا ٻير تو پريم سان کاڌا؟ تو ڪورون جي راجا دريوڌن جا (٣٦) پرڪارن جا امرت جهڙا ڀوڄن ڇڏي ودر داسيءَ جي پٽ جو آلوڻو کاڌو ورتايو، ۽ سُداما برهمڻ جو مها ڪنگال هو، تنهنجا چانور توکي بلڪل سوادي لڳا. سو هاڻي منهنجون روٽيون، جي مون گهڻي پريم سان توکي کائڻ لاءِ ڏنيون آهن، سي ڇو نٿو کائين؟“ ائين چئي اهي رڙ ۽ ڇٽڪيو ۽ چوڻ لڳو ته ”هي ڀڳوان! مون وٽ ڌن ڪونهي، جنهنڪري مان توکي ميوا، مٺايون ۽ هر طرح جا عمدا ڀوڄن آڻي کارايان.“

اهڙيءَ طرح جڏهين ليزاريون ڪندي اڌي سانجهي ٿي، تڏهين لاچار ڪري سمجهيائين ته ٺاڪر روٽي ڪين کائيندو. پوءِ هڪ ڇڪيا ڏاڍي پاڻڪي جٿرپڻي سان جو سعيو ڪيائين. هن سمجهيو ته وڌيڪ جيئڻ چڱو نه آهي، ٺاڪر جو ترلو جن برهمڻ مهڻو ڏيندو ۽ چوندو ته مون اڳيئي ٿي سمجهيو ته تون ڪيئن ٺاڪر جي پوڄا ڪين ٿي سگهندين.

پرماتما پريم جو بکيو آهي ۽ اُنري توڙي ڀلي جي الڌ رڌ جيڪي وڌي وانگر تو، سو ڪاٿس ڪجهه نه آهي. جيتوڻيڪ هن پياري ڀڳت جي پاڻ پڙهيو هئي (۽ پڙهيو پوڄا هڪ ڪهڙي قسم جي پوڄا ليکجي آهي)، تنهن هوندي به

"مهاراج! منهنجي ڪائين مان جا ٽوڪي پسند اچي، نه ٿون ڪرڻ." ترلوچن هڪ مها سندر ڪانءُ چونڊي پاڻ سان اُها گهر وٺي ويو.

جڏهين برهمڻ گهر پهتو، تڏهن سندس گهر واريءَ پڇيس ته "مهاراج! هيءَ سندر ڪانءُ اوهانکي ڪٿان هٿ آئي؟" هن سموري وارتا ڌني ڀڳت جي کيس ٻڌائي ته ڪيئن هنکي هڪڙو نڪمو پٿر ڏيئي، هيءَ ڪانءُ اٽڪل سان وٺي آيو آهيان.

ڌني ڀڳت کي پٿر ملڻ ڪري اهڙي ته خوشي ٿي، جهڙي نرڌن کي ڌن حاصل ڪرڻ سان ٿيندي آهي يا چاترڪ پکيءَ کي سواتي بوند ملڻ سان، يا سورمي کي جنگ کٽڻ سان ٿيندي آهي. ٻئي ڏينهن صبح جو سوير اُٿي درياهه تي ويو. پهريائين پاڻ اشنان ڪري، پوءِ ٺاڪر کي اشنان ڪرائي مٽيءَ مان کيس تلڪ ڏنائين ۽ جيڪي ٻاروٽيون روٽيون ۽ ٿيوڻ ماڻس کائڻ لاءِ ڏنو هوس سو به ڪري ٺاڪر جي اڳيان رکيائين، ۽ هٿ جوڙي چيائين: "ٺاڪر جي! هي روٽيون کاءُ."

جڏهين ٿورو وقت گذريو، تڏهين جان ڪٿي ڪپڙي جو پلؤ مٿي ڪري ڏسي ته روٽيون ته اُئين ئي رکيون آهن. پوءِ وري هن ڪپڙي سان ڍڪي رکيون. ٻه چار دفعا ائين ڪيائين، پر ڏٺائين ته ٺاڪر اصل اُنهن کي هٿ به نه لاتو آهي، تڏهين ڏاڍو اُداس ٿيو ۽ چيائين ته، "هي ٺاڪر جي! مان جاٽ ذات، مونکي تنهنجي پوڄا جئن ڪرڻ گهرجي تئن ڪرڻ نه ٿي اچي، تنهن ڪري منهنجون آٽيون ۽ بي سواد روٽيون نٿو کائين."

جڏهن ڏلي ڀڳت اهي لفظ ٻڌا، تڏهن ڪجهه ۽ ڪجهه پاڻي، مٽ جهڙي، نمرتا سان وينتي ڪري چوڻ لڳو ته "مهاراج! مان هر روز صبح جو سوير اٿي، گنگا ۾ سنان اشنان ڪري، ٺاڪر کي اشنان ڪرائيندس ۽ پوءِ ٺاڪر کي ڀوڳ لڳائي پوءِ کائيندس، ديا ڪري مونکي ٺاڪر ڏيو." ترلوچن هنکي گهڻيئي بهانا ڏيڻ لڳو، پر ڏلو اهڙو جاءِ تان اڏو ٿو چوي جهڙي ڀت. ڇڏڻ ڳالهه ئي نه ڪيائين. چي مونکي ڪيئن به پنهنجو ٺاڪر ڏيو.

تنهن تي ترلوچن ڪاوڙجي کيس گهڻو ڏنو، جنهنڪري هو پٽ تي ڪري پيو ۽ بيهوش ٿي ويو. ترلوچن هنکي اهڙي حالت ۾ ڏسي ديا آئي سندس مُنهن ۾ جل وڌو ۽ وڏي آواز سان کيس ڪن ۾ چيائين ته "اٿ ڏلا! مان توکي پنهنجي گهران هنڪان به وڏو ٺاڪر آڻي ٿو ڏيان." جڏهن ڏلي ڀڳت اهي مٺا لفظ ترلوچن جا ٻڌا، تڏهن تڪڙ اٿي کڙو ٿيو. ترلوچن پنهنجو آسڻ ٿوري وقت لاءِ ڏلي ڀڳت جي حوالي ڪري پنهنجي گهر ويو ۽ هڪ ڏکو وڏو ڪارو ڳول پٿر آڻي کيس ڏيئي چيائين ته "ڏلا! هي سڀني ٺاڪرن جو گورو اٿئي، هنجي شيوا ڀلي ڀت ڪجانءِ." ڏلو ڀڳت اهو وٺي بلڪل پرسن ٿيو ۽ ترلوچن کي چوڻ لڳو ته "هي مهراج! تنهنجا لک ٿورا، تنهنجون ڀلايون لاهڻ جون نه آهن." تنهن تي ترلوچن کيس چيو ته "هي پيارا! ڪجهه ته ڏينهن مونکي به ڏي ته آسيس ڪندو رهان." ڏلي ڀڳت کيس چيو ته

ڀڳت ڌنو

سري ڌني ڀڳت کي ڌنو ڄٽ ڀي ڪري سڏيندا آهن. سندس جنم ۱۴۱۵ع ۾ ٿيو. هو راجپوتانا جي هڪڙي ڳوٺ ۾ رهندو هو. ڀڳت مال ۾ لکيل آهي ته جڏهن ڌنو ڀڳت اٽڪل سٺن ورهين جو ٿيو، تڏهن هو ڳائيون چارڻ لڳو. ڳائين کي نديءَ تي پاڻي پيارڻ مهل هو ترلوچن نالي هڪ برهمڻ کي نديءَ جي ڪناري تي ٺاڪرن جي پوڄا ڪندو ڏسندو هو. هن جي دل ۾ اهو خيال ايندو هو ته "جيڪر ترلوچن مون کي ٺاڪر ڏئي ته مان به هن وانگي پوڄا ڪريان."

انهيءَ طرح ويچار ڪندي گهڻيئي ڏينهن گذري ويا. نيٺ هڪ ڏينهن پنهنجون ڳائيون ڇڏي وڃي ترلوچن برهمڻ جي ڀرسان ويٺو. جڏهن ترلوچن پوڄا ڪري اُٿيو، تڏهن ان کي پيرين پئي هٿ جوڙي وينتي ڪيائين ته "مهاراج! ديا پالي مون کي ٺاڪر ڏيو ته مان به سندس پوڄا ڪريان." اهو ٻڌي ترلوچن چيس ته "ڌنا! ٺاڪر جي پوڄا ڪرڻ بلڪل ڪٺن آهي. تون ڄٽ ذات آهين. تو کان اها پوڄا اصل ٿي نه سگهندي. تون ڪيئن صبح جو سوير اٿي ٿڌي پاڻيءَ سان اشنان ڪري ٺاڪر جي پوڄا ڪندين؟ تون صبح جو اُٿڻ شرط جيسين ٻه روٽلا نه کائين، تيسين توکي آرام اصل نه اچي، تنهنڪري چڱو آهي ته انهيءَ ڳالهه تان بلڪل لهي وڃ."

تات پرج

هن سندر شبد ۾ سري رويداس صاحب فرمائين ٿا ته ”جو جيءُ سچي مالڪ کي ياد نه ٿو ڪري سو پنهنجو جنم ڪنوائي ٿو. هي انسان جو مٽيءَ جو ٺاهو آهي، سو اندرين هي ٻ ۽ جي جڙيو آهي. اندريون کيس ٻاهرين والڪو پيئون ٿو لڳائين ۽ هو سڌن سنگ ۾ ڪند ڪند پيو ٿئي. جڏهن ڪو درجو يا ڏڻ ملئيس ٿو، تڏهن ته ٿان ۽ ٿولهه ۾ پئجو وڃي ۽ ڪهڻ ۾ اڪري ٿي پڏيس. پائيندين ٿو ته هون جهڙو ڪو ڄائو ڪو جمندو. وري جڏهن دولت سندس هٿ مان وڃي ٿي، تڏهن ته سندس حال ڏسو. روئيو پيو روئي جي مايا ڪاڏي ڀر ڪري ويئين. مطلب ڳالهه جو ته، الندي وندي سارو ڏينهن هي انسان مايا جي موهه ۾ ڦاٿو پيو آهي. تنهنڪري جڏهن جو هتان راهي ٿئي ٿو، تڏهن ڪا ليکو جو نه وڃي ٿو ٻاني. هي پيارا، هي سنسار ڪڏو ڪيل آهي، تون هتان انسان پريت رکين.“ صاحب فرمائين ٿا ته ”انسان سنسار کي چٽيڪر سمجهي، انسان پريت جوڙي آهي جو هن ڪيل جو وڃڻ ۾ آهي.“

نوٽ:- سري رويداس صاحب جن جي واڻيءَ ڪانهوءَ سچي پاتشاهه سري گورو ارجن ديو جن، ڀڳت ڏني صاحب جن جي واڻي واڳ آسا ۾ چاڙهي آهي. ڀڳت ڏني صاحب جن جي شبدن جي ارٿ ڪان اڳي هتي ڀڳت ڏني صاحب جن جا مختصر جيون چرتر ٻالڪن جي لاءِ ڏجن ٿا.

॥ ੨ ॥ ਕਹਿ ਰਵਿਦਾਸ ਬਾਜੀ ਜਗੁ ਭਾਈ ॥ ਬਾਜੀਗਰ ਸਿਉ ਮੁੋਹਿ ਪ੍ਰੀਤਿ ਬਨਿ ਆਈ ॥ ੩ ॥ ੬ ॥

آسا ڀاڳي سري روداس جي کي شبد (٦)

"خصم وساري سی کمذات"

ماٽي کو پتُرا ڪيسي نچت هئ

ديکئ ديکئ سنئ بولئ، دوڙيو ڦرت هئ

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- انسان جو مٽيءَ جو پتلو آهي، سو ڪيئن ٿو نچي ٿو. ڪڏهين ڏسندو نهاري ٿو، ڪڏهين ٻڌندو نهاري ٿو، ٻڌي ٿو، ڳالهائي ٿو ۽ ڊوڙندو ڦرندو وتي.

(١) جب ڪڇ پاوئ تب گرب ڪرت هئ

مائيا گئي تب روون لگت هئ

ارٿ:- جڏهين ڪجهه مليس ٿو، تڏهين اهنڪار ڪري ٿو. جڏهين مايا هٿون وڃيس ٿي، تڏهين روئڻ لڳي ٿو.

(٢) من بچ ڪرم رس ڪسهِ لڀانا

بنس گئيا جاءِ ڪهوُن سمانا

ارٿ:- من، وچن ۽ ڪرمن ڪري هيءُ جيو خوشين ۾ لالچي وڃي ٿو ۽ جڏهين هو ناس ٿيندو، تڏهين ڪٿي وڃي سمائبو؟ (ڀاو- وڃي ڪا نه پتو جون وسائيندو.) [رس ڪسهِ — خوشيون. لڀانا = لالچي وڃي ٿو.]

(٣) ڪهِ رويداس باجي جڳ ڀائي

باجيگر سنگ موهِ پريت بن آئي.

ارٿ:- سري روداس صاحب جن فرمائين ٿا ته "هي ڀائي! هيءُ جڳ هڪ کيل آهي، پر منهنجي پريت اُن سان جڙي آهي، جو هن کيل جو رچيندڙ آهي."

ڪيرِ ڇڏي ويو؟ من ورائي ڏني ته "بابا سائين! ٻئي ڪڏهن جي ڏسڻ جي اوهين ٻُڌا ڪندا؟ مان اوهان کي روز روز اکين سان اهو حال ڏيکاريان، پوءِ ته بس؟" ائين چئي ڪير جو ڪٽورو تيار ڪري ٺاڪر جي اڳيان رکيو جي روبرو رکيائين ۽ هٿ جوڙي وينتي ڪرڻ لڳو ته "اي ديالو! جهڙيطرح اڳي منهنجي هٿان کير پيتو اٿوَ، تهڙيطرح هيئنر به انگيڪار ڪريو ته بابي کي پرتيت اچي." پيارا پرميشور، جو سدائين پنهنجي ڀڳتن جي ڳوريءَ ۾ ٻڌل رهي ٿو ۽ هميشه انهن جي لڄ رکندڙ آهي، سو ڪئين پنهنجي ڀڳت جي اها وينتي نه ٻڌندو! اماڻ ايشور پنهنجو چتر ڀُڄ سروپ پرگهٽ ڪري اچي کير پي ويو. پٽس جا وڏا ڀاڳ چئجن، جو اهڙي ڀڳت پُٽ جي ڪري هن کي پرميشور جو درسن پراپت ٿيو. درسن ڪري ٻنهي پيءُ پُٽ ڀڳوان جي چرنن تي ڪري ۽ اچي استت ڪري ٻاڻي ڪرتارٿ ڪيائين.

(۳) جن رَوِداس رام رنگ راتا
اِئو گُر پرساد نرڪ نهي جاتا.

ارٿ:- سري روداس صاحب جن داس ٻاو سان فرمائين ٿا ته "اسين رام جي رنگ ۾ رتا پيا آهيون، انهيءَ ڪري گوروءَ جي ديا سان اسين نرڪ ۾ نه ويندا سون."

ਆਸਾ

ਮਾਟੀ ਕੋ ਪੁਤਰਾ ਕੈਸੇ ਨਚਤੁ ਹੈ ॥ ਦੇਖੈ ਦੇਖੈ ਸੁਨੈ ਬੋਲੈ ਦਉਰਿਓ ਫਿਰਤੁ ਹੈ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜਬ ਕਛੁ ਪਾਵੈ ਤਬ ਗਰਬੁ ਕਰਤੁ ਹੈ ॥ ਮਾਇਆ ਗਈ ਤਬ ਰੋਵਨੁ ਲਗਤੁ ਹੈ ॥ ੧ ॥ ਮਨ ਬਚ ਕ੍ਰਮ ਰਸ ਕਸਹਿ ਲੁਭਾਨਾ ॥ ਬਿਨਸਿ ਗਇਆ ਜਾਇ ਕਹੂੰ ਸਮਾਨਾ

وچائڻ لڳو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ ڏٺائين تہ ٺاڪر کير مان ڏرو بہ نہ ورتايو آهي، تنهنڪري انهي ڏاڍيون ليزاريون ڪرڻ لڳو ۽ چيائين تہ "ڪرپا نڌان! مون هي کير خوب ڪاڙهي منجهس مصري وجهي تو دان لاءِ آندو آهي. توهين ڇو ڪين ٿا پيئو؟ جيڪڏهين مون کان ڪا اڻ کيا ٿي هجي تہ ڪرپا ڪري مونکي معاف ڪجو. ڀلائي ڪري هي کير پيئو. جي نہ پيئندا تہ ڀابو مون تي ڪاوڙبو ۽ چوندو تہ تو ٺاڪر جي پوريءَ طرح شيوا نہ ڪئي آهي. هو مونکي آئينده وري اوهانجي شيوا ڪرڻ نہ ڏيندو. تنهنڪري دَيا پالي هن کي پوڄڻ لڳايو." ائين چئي وري جهانجهہ وڄائڻ لڳي رهيو. ڪجهه دير ڪانپوءِ وري ڏٺائين تہ کير تہ اوتري جو اوترو ئي پيو آهي. تنهن تي ڇُري کڻندي پاڻ کي ٿي هڻيائين، تہ ايتري ۾ پرميشور هن جو آتي پريم ۽ نسچو ڏسي اُٿي اچي پاڻ پرگهٽ ٿيو ۽ هن کان ڇري هٿ مان کسي سمورو کير پي الوپ ٿي ويو. ڀڳت نامديو درسن پائي ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ ٺاڪر جي شيوا تيهان ئي ڏاڍي چاهہ سان ڪرڻ لڳو.

جڏهين پٽس موٽي آيو، تڏهين پنهنجي پٽ کان ٺاڪر جي شيوا بابت احوال پڇيائين. هن ٻڌايس تہ مون ٺاڪر کي کيرڻي ڏاڍي جُڳتيءَ سان تيار ڪري پيئاري. پٽس کي اها ڳالهہ وسهڻ ۾ نہ آئي، ڇو جو پاڻ وِچارو ٺاڪر کي رڳو ڇنهو کير جو هٽي ايندو هو ۽ مڪر سان چوندو هو تہ مان ٺاڪر کي پوڄ لڳائي آيو آهيان. پٽ کان پڇيائين تہ ڪهڙن پئي بہ ڏٺو تہ ٺاڪر تنهنجو

تاريخ ١١ ماگهہ سنبت ١٥٧٥ = ١٥١٨ع، ١١٩
ورهين جي ٻرڙ اوستا ۾ ٿيو.

(٢) لمت نامديئہ ڏوڙ ڀيٺائيا
تہ جهڪ جنم سدڪت لهي آئيا

ارت:- ٻتا جي دستور موجب نامديو ٺاڪر کي کير پياريو، تنهنڪري وري سنسار ۾ جنم جو دکہ نہ ڀوڳياليس.
[لمت = ليم، ٻتا جي دستور موجب. سدڪت = دکہ.]

نوٽ:- هڪ دفعي ڀڳت نامديو جو پيءُ ڪنهن ڪم ڪارڻ پنهنجي ڳوٺان ٻئي ڪنهن ڳوٺ ۾ ٿي ويو، سو نامديو کي چيائين تہ "ابا! مان ٻاهر ٿو وڃان. جيئن مون ٺاڪر جي شيوا ڪندو ڏٺو اٿيئي، تيئن تون بہ ڪندو رهجہ. ٺاڪر کي اشنان ڪرائي پوءِ پرساد ڪرائجہ ۽ تنهن کانپوءِ پنهنجي رسوئي وٺجہ. جيڪڏهن من ڪنهن ٻئي طرح ٺاڪر جي شيوا ڪئي تہ پوءِ اٺيندو اهو ڪم توهان پاڻ ٻيو ڪجہ". ڀڳت وچارو ڪيترو ڏينهن ڪان ٿيو سگهندو، هو تہ مون کي ڪڏهن اها شيوا نصيب ٿيندي، سو جڏهن ڏٺائين تہ هاڻي پاڻيءَ مون کي انهيءَ شيوا ڪرڻ جو وجهہ مليو آهي، تڏهن ڪوڙن ۾ نہ پيو ماڻي. ٺا ڪيائين جو جهڙڪ ۾ جي پنهنجن هٿن سان کير ڏهي، اُهر ڳوڙا، مصري ۽ باداميون ۽ ٻيو خوب ڪاڙهيائين. جڏهن کير ڪاڙهي ماني دار ٿيو، تڏهن ان مان ڪٽورو ڀري ٺاڪر جي اڳيان آڻي رکيائين ۽ چيائين تہ اي منهنجا سوامي! مون کي پنهنجو داس ڄاڻي هي کير انگيڪار ڪريو تہ منهنجي من کي آنند اچي. ائين چئي وٺي جهالجہ

ارٿ:- هريءَ جو نام سمرڻ ڪري ڪبير ڀڳت مشهور ٿيو ۽ هن جا جنم جنم جا ليکا چُڪي ويا. [اُجاگر = مشهور. ڪاگر = ڪاغذ، ليکا (جنم جنمانترن جي ڪرمن جا).]

نوٽ:- سري ڪبير صاحب جن جو جنم هڪ برهمڻيءَ جي گهر ٿيو، پر قدرت واهگوروءَ جي سندن نيپاج هڪ ڪوريءَ جي گهر ۾ ٿيو. سري ڪبير صاحب جن ننڍي هوندي پنهنجن سنگتين سان راند ڪندي "هري رام" "هري رام" پيا چوندا هئا. مسلمانن کي اِها ڳالهه ڏان بلڪل مٺيان لڳندي هئي، ڇو هي ڪو ڪافر ٿو ڏسجي. هن ٻار مان خوف آهي.

جڏهن سري ڪبير صاحب جن وڏا ٿيندا ويا، تڏهن منجهن ڀڳتيءَ ۽ نام جو ٻل ويو سرس ٿيندو. هو سمجهندا هئا ته جڳ، ورت، دان ۽ برهمڻ کارائڻ کان هريءَ جي نام جپڻ ۾ وڌيڪ فائدو آهي. سري ڪبير صاحب جن جا شبد گيان، ويراڳ ۽ ڀڳتيءَ سان ايتري قدر ڀرپُور آهن، جو سڀ پنٿ اُنهن کي انگيڪار ڪن ٿا ۽ جيڪو سچيءَ دل سان اُنهن تي عمل ڪندو، سو گهڻو لاڀ پرائيندو.

سري ڪبير صاحب جن سري رامانند سواميءَ جا شِشُ هئا. هو هر روز پنهنجي گوروءَ جو درسن ڪرڻ ويندا هئا ۽ جيڪا گيان گوشٽ سندن گوروءَ ۽ پنڊتن جي وچ ۾ ٿيندي هئي، سا دل لائي ٻڌندا هئا. هو پنهنجو ڪوري ڪو ڌنڌو ٻه ڪندا هئا ۽ ڪمائيءَ مان ڏورو حصو پنهنجي ماءُ کي ڏيندا هئا، باقي ٻيو سمورو سادن جي شيوا ۾ سڦلو ڪندا هئا.

سري ڪبير صاحب جن جو سچو کنڊ ۾ پڪار جڻ

(۳) ہریہر کي جيوري ڈاڈو تيرو جن
کہ روداس چوئيو کون گن.

ارت:- تنهنجو داس ہریہر جي رسيءَ ۾ ٻڌو ہيو آهي. سري روداس صاحب جن فرمائين ٿا تہ اُن رسيءَ کان ڇٽڻ مان ڪهڙو گڻ يا فائدو ٿيندو؟ (يعني ڪو فائدو ڪونہ ٿيندو.) [جيوري = لوري، رسي. گن = فائدو.]

ਆਸਾ

ਹਰਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਹਰੇ ॥ ਹਰਿ ਸਿਮਰਤ ਜਨ ਗਏ ਨਿਸਤਰਿ ਤਰੇ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਹਰਿ ਕੇ ਨਾਮ ਕਬੀਰ ਉਜਾਗਰ॥ ਜਨਮ ਜਨਮ ਕੇ ਕਾਟੇ ਕਾਗਰ ॥ ੧ ॥ ਨਿਮਤ ਨਾਮਦੇਉ ਦੂਧੁ ਪੀਆਇਆ ॥ ਤਉ ਜਗ ਜਨਮ ਸੰਕਟ ਨਹੀ ਆਇਆ ॥ ੨ ॥ ਜਨ ਰਵਿਦਾਸ ਰਾਮ ਰੰਗਿ ਰਾਤਾ ॥ ਇਉ ਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ਨਰਕ ਨਹੀ ਜਾਤਾ ॥ ੩ ॥ ੫ ॥

آسا ٻاڻي سري روداس جي کي شبد (۵)
هريءَ جي نام جي مهما.

هرِ هرِ هرِ هرِ هرِ هرِ هري
هرِ سمرت جن گئي نستر تري (۱ ڪ رهاءُ)

ارت:- هن ٻاڻيءَ ڪرين ڪري جي هريءَ جو نام سمرين ٿا، سي سدئي هريا ڀريا رهن ٿا يعني سدئي تڙيا رهن ٿا. هريءَ جي نام سمرن ڪري ٻاهي ٻرش ۾ تري وڃن ٿا. [هري = هريا ڀريا ٿين ٿا، تڙيا رهن ٿا. نستر = نر ترڻ جوڙا يعني ٻاهي ٻرش.]

(۱۰) هرِ کي نام ڪبير اُجاگر
جنم جنم کي ڪاٽي ڪاگر

آسا پاڙي سري روداس جي ڪي شبد (۴)

نيڻهن نپاهڻ آيو، سو پلي آيو.

(۱) ڪهان ڀئُو جڙُ ٽڻُ ڀئُو کِنُ کِنُ
پريمُ جاءِ ٽئُ ڏرپئِ تيرو جنُ

ارٿ:- ڇا ٿي پيو، جي منهنجو سريرِ ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃي. تنهنجي داس کي اهو ڊپ آهي تہ متان پريم نہ هليو وڃي (ڀاو- مونکي سرير جي ناس ٿيڻ تي ڪو ڊپ ڪونهي. مان فقط ڊڄان ٿو تہ متان تنهنجو پريم نہ وڃي هليو.) [کِن کِن = ٽڪرا ٽڪرا، نـاس. ڏرپئي = ڊپ ڪري ٿـو. جن = داس.]

تُجهہِ چرن اربند ڀوَن مَنُ
پانَ ڪرتِ پائيو، پائيو رامئيتا ڌَنُ

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- تنهنجا ڪمل چرن منهنجي منِ جـو گهر بنيا آهن يعني منهنجي من لاءِ آنند آهن. تنهنجي (چرنن جـو پريم روپي امرت) پيئندي مونکان رام روپي ڌن لڌو آهي. [چرن اربند = ڪمل چرن. ڀون = گهر. پان ڪرت = پيئندي.]

(۲) سنپتِ بپتِ پٽلَ مائيا ڌنُ
تامهہِ مگنُ هوت نہ تيرو جنُ

ارٿ:- سکہ، دکہ، مايا ۽ ڌن اِهي پردا آهن (جي جيو کان پرماتما لڪائين ٿا)، تن ۾ تنهنجو داس مست نہ ٿو رهي. [سنپت = سکہ. بپت = دکہ. ڌن = روڪڙ. پٽل = پردا. مگن = مست.]

(۳) جاتي اوڇا پاتي اوڇا، اوڇا جنم ھمارا
راجا رام ڪي سيو نه ڪيني، ڪھي روداس چمارا.

ارٿ:- مان ذات جو نيچ آهيان، ڀڳت جو نيچ آهيان ۽ منهنجو جنم نيچ آهي. روداس چمار فرمائي ٿا ته مون راجا رام (سري واهگوروءَ) جي سيوا ڪئي آهي. [اوڇا = نيچ. سيون = سيوا.]

نوٽ:- ڪي ٽيڪا ڪار "سيو نه" جدا ڪري ارٿ ڪن ٿا ته "مون راجا رام جي سيوا ڪا نه ڪئي آهي،" پر جنهن صورت ۾ سري روداس صاحب متئين شبد ۾ فرمايو آهي ته سريشٽ ڀڳتي روپ سکيائي مون ۾ واسو ڪيو آهي. مان ڪيئن تنهنجو جس ڳايان ته، تنهن صورت ۾ "سيون" گڏ وٺي ارٿ ڪجي ته "مون راجا رام جي سيوا ڪئي آهي" ڇاڪاڻ ته هڪ ھنڌ چوندا ته مان تنهنجي ڀڳتيءَ ۾ مگن آهيان ۽ ٻئي ھنڌ چوندا ته مون تنهنجي سيوا ڪا نه ڪئي آهي، سو نه ٿو ٺهي.

ਆਸਾ

ਕਹਾ ਭਇਓ ਜਉ ਤਨੁ ਭਇਓ ਛਿਨੁ ਛਿਨੁ ॥ ਪ੍ਰੇਮੁ ਜਾਇ ਤਉ ਡਰਪੈ ਤੇਰੋ ਜਨੁ ॥ ੧ ॥ ਤੁਝਹਿ ਚਰਨ ਅਰਬਿੰਦ ਭਵਨ ਮਨੁ ॥ ਪਾਨ ਕਰਤ ਪਾਇਓ ਪਾਇਓ ਰਾਮਈਆ ਧਨੁ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸੰਪਤਿ ਬਿਪਤਿ ਪਟਲ ਮਾਇਆ ਧਨੁ ॥ ਤਾ ਮਹਿ ਮਗਨ ਹੋਤ ਨ ਤੇਰੋ ਜਨੁ ॥ ੨ ॥ ਪ੍ਰੇਮ ਕੀ ਜੇਵਰੀ ਬਾਧਿਓ ਤੇਰੋ ਜਨ ॥ ਕਹਿ ਰਵਿਦਾਸ ਛੂਟਿਬੋ ਕਵਨ ਗੁਨ ॥ ੩ ॥ ੪ ॥

لوهه ۽ ڪاٺ، جن ۾ ڪا سڳند نه آهي، سي به سدا ٿيو تون (يعني پارس جـي جهڙا ڪري لوهه سون ٿيو پوي ۽ چندن جي ميلاپ سان رواجي ڪاٺ به خوشبوءِ دار ٿيو پوي) مطلب ته جيڪڏهين تون به ڄڻن جي صحبت ڪندين تہ تون به ڄڻو ٿي پوندين جئن ته چيل آهي ته:-

”چندن پاسي رُکڙا، سوبي چندن هوءِ.“

[رکڙا = وڻ.]

مادهو ست سنگت سرنِ تماري
هم اؤگن تم اپڪاري (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي مادوا! مون تنهنجي ست سنگت جي سرن ورتي آهي. مان اوگڻن سان ڀريل آهيان ۽ تون ڪلياڻ ڪندڙ آهين. [اپڪاري = ڪلياڻ ڪندڙ.]

(٢) تم مختوُل سپيد سپيئل، هم بپري جس ڪيرا
ست سنگت مل رهيئي مادهو، جيسي مڌپ مکيرا

ارٿ:- تون اڇي ۽ پيلي وتيل ريشم وانگي آهين ۽ مان ڪينئين وت آهيان ۽ تنهنجو جس ڳايان ٿو. هي مادوُ! مان تنهنجي ساڌ سنگت ۾ رهان ٿو، جئن ماکيءَ جـي مک ماکيءَ ۾ رهي ٿي. [مختول = هي عربي لفظ آهي، جنهنجي معنائي آهي وتيل ريشم. سپيد = سفيد، اڇو. سپيئل = پيلو. بپري = ويچارو. ڪيرا = ڪينئون. مڌپ = ماکي. مکيرا = ماکيءَ جي مک.]

آسا باڻي سري روداس جي جي شبد (٣)

(١) تُم چندن هم ارنڊ باپُري، سنگ تماري باسا
نيچ رُوکر تي اُوچ ڀئي هئي، گنڌ سگنڌ نواسا

ارٿ:- هي پرڀو! تون چندن آهين ۽ مان وڃارو ميرڻ جو ٻوٽو آهيان، پر تنهنجي سنگ ۾ مان وسان ٿو. نيچ ٻوٽي مان، مان اوچو وڻ ٿي پيو آهيان ۽ سريشٽ ڀڳتي روپ سگنڌي مون ۾ واسو ڪيو آهي. [ارنڊ = ميرڻ جو ٻوٽو. باپري = وچارو. روکر = وڻ.]

پرماڻ:- "ڪبير چندن ڪا بِروا ڀلا، بيڙهيو ڍاڪ پلاس
اوءِ ڀي چندن هوءِ رهي، بسي جُ چندن پاس."
[سلوڪ ١١]

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ چندن جو وڻ چڱو آهي، جو جو ڍاڪ جو وڻ جـو سندس چؤگرد هوندو آهي، سو بہ چندن جهڙو خوشبوءِ دار ٿي پوندو آهي، جاڪاڻ تہ سندس پرسان هوندو آهي.

نوٽ:- ڍاڪ جو وڻ اهڙو آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي خوشبوءِ نہ ٿيندي آهي، تهڙيطرح پرماتما ۽ سندس سنتن سان سنگ ڪرڻ ڪري پاپي جيو جن ۾ ڪو بہ گڻ ڪونہ هوندو آهي، سي بہ اُتم ٿيو پون.

پرماڻ:- "ڪبير پارس چندنئي، تن هي ايڪ سگنڌ
تہ مِل تيهو اُوتم ڀئي، لوهہ ڪاٺ نرگنڌ."
[سلوڪ ٧٧]

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ پارس ۽ چندن ۾ ڏک جهڙي چڱي خاصيت آهي. اُنهن سان گڏ جي

ڀاو پرچ

سري گورو ارجن ديو جن شبد ڏواران فرمائين ٿا ته ”هي پيارا، مان سنتن جي خاڪ آهيان ۽ مان سنتن جي شرڻ وچ پيو آهيان. سنت منهنجو مضبوط آجهو آهن ۽ سنت منهنجو ڳهڻو آهن يعني اُنهن جي سنگ ۾ مان سهڻو لڳان ٿو. منهنجي سنتن سان بڻجي آئي آهي. پوُرب جو لکيو مون پاتو آهي، جو تون منهنجي من کي وڻين ٿو. سنتن سان منهنجي ڏي وٺ آهي ۽ سنتن سان منهنجو ڌنڌو آهي. سنتن جي سنگ ۾ مون کي اهو گهڻو فائدو ٿيو آهي، جو هريءَ جي ڀڳتيءَ سان منهنجا ڀنڊار ڀرجي ويا آهن. سنتن مون کي رام نام روپي پونجي ڏني آهي، جنهن ڪري منهنجي من جو انديشو لهي ويو آهي. ڌرمراءِ هاڻي ڇا ڪندو، جڏهين ڪرمن جو سمورو ليکو ڦاٽي ويو. سنتن جي ديا سان منهنجي اندر ۾ مها آنند ٿيو ۽ مون سک پراپت ڪيو. منهنجو من اسچرج روپ پرماتما جي رنگ ۾ رچي هن سان ملي ويو.“

ਆਸਾ

ਤੁਮ ਚੰਦਨ ਹਮ ਇਰੰਡ ਬਾਪੁਰੇ ਸੰਗਿ ਤੁਮਾਰੇ ਬਾਸਾ ॥ ਨੀਚ ਰੂਖ ਤੇ ਊਚ ਭਏ ਹੈ ਗੰਧ ਸੁਗੰਧ ਨਿਵਾਸਾ ॥ ਮਾਧਉ ਸਤ ਸੰਗਤਿ ਸਰਨਿ ਤੁਮਾਰੀ ॥ ਹਮ ਅਉਗਨ ਤੁਮ ਉਪਕਾਰੀ ॥੧॥ ਰਹਾਉ ॥ ਤੁਮ ਮਖਤੂਲ ਸੁਪੇਦ ਸਪੀਅਲ ਹਮ ਬਪੁਰੇ ਜਸ ਕੀਰਾ ॥ ਸਤ ਸੰਗਤਿ ਮਿਲਿ ਰਹੀਐ ਮਾਧਉ ਜੈਸੇ ਮਧੁਪ ਮਖੀਰਾ ॥ ੨ ॥ ਜਾਤੀ ਓਛਾ ਪਾਤੀ ਓਛਾ ਓਛਾ ਜਨਮੁ ਹਮਾਰਾ ॥ ਰਾਜਾ ਰਾਮ ਕੀ ਸੇਵ ਨ ਕੀਨੀ ਕਹਿ ਰਵਿਦਾਸ ਚਮਾਰਾ ॥ ੩ ॥ ੩ ॥

(۳) اؤ را ڪ ما کنہ ڀڳتِ چِنتامنِ
جِٺي لکاوہ آسنت پاپي سرنِ

ارٿ:- ۽ ڪڙي ئي وستو تہ ڪان گهران ٿو، سا آهي ڀڳتي، جا سيني ڪامنائن جي پورڻ ڪرڻ واري مڻي آهي. مي پريو! مٿان مونکي مڪمن ۽ پاپين جو درسن ڪرائين. [جٺي = مٿان. سرڻ = سان.]

(۴) رو داس ڀڻي جو جاڻي سو جاڻ
سنت انتهہ انترُ ناهي.

ارٿ:- سري رو داس صاحب جن فرمائين ٿا تہ ڀيا لوڪ جيڪي وڏين سو جاڻن، پر منهنجي نظر ۾ سنتن ۽ ڀي الت پرماتما جي وچ ۾ ڪو ڀيد ڪونهي. [انتر = ڀيد.]

نوٽ:- هن شبد سان لاڳو پڙ دو ڏيڻيون شبد.

سورٺ محلا پنجوان شبد (۱۹)

(۱) هر سنتن ڪي رين پِٺاري، هر سنتن ڪي سرڻا
سنت هماري اوٽ سٽاڻي، سنت همارا گهنا
هر سنتن سنہ بڻ آئي، پوُرب لکيا پائي.
اِہ من تيرا پائي (اِ ڪ رهاءُ)

(۲) سنتن سنہ ميري ليوا ديوي، سنتن سنہ بِهارا
سنتن سنہ هر لاها کاٽيا، هر ڀڳت پري ڀنڊارا

(۳) سنتن موکنہ پونجي سونپي، تئہ اتريا من ڪا دوکا
ڌرمراءِ اب ڪها ڪرئيگو، جئہ ڦاٽيو سگلو ليکا

(۴) مها انند ڀئي سکہ پائيا، سنتن ڪي پرسادي
ڪهہ نانڪ هرسنہ من مانيا، رنگہ رتي بسمادي.

ڪي انت سمي ۾ پرم آنند ڏي." [تپن تپ = تپشائن ۾ تپشيا. ڀڳت جن ڀئي هرن = ڀڳت جڻن جا ڀؤ دور ڪندڙ. ندان = آخر، انت سمي ۾.]

ٽات پرج

هن شبد ۾ سري روداس صاحب جن فرمائين ٿا ته هرڻ راڳ تي ريجهي شڪاريءَ جي وس ٿئي ٿو. مڇي کاڄ جي لالچ تي مهاڻي جي ڄار ۾ ڦاسي ٿي پوي. ڀؤنر گل جي سڳنڌ تي موهت ٿي پنهنجي جان قربان ڪري ٿو. پتنگ ڏئي جي روشنائي تي مست ٿي پاڻ کي ساڙي پورو ڪري ٿو. هاٿي ڪام جي وس ٿي اوڙاهه ۾ ڪري ٿو. يعني هر ڪو هڪڙي هڪڙي وشيءَ جي وس ٿي پاڻ کي ناس ڪري ٿو. پر منش ته پنجن ئي وشين ۾ ڦاٿل آهي، تنهنڪري سندس بچڻ جي ڪهڙي اميد ٿيندي؟ ضرور هو ناس ٿيندو. هي پرڀو، منش اوديا سان پريت رکي آهي، تنهنڪري سندن اندر جي سوجهي بلڪل گهٽ آهي. نيچ جونين ۾ مُڪتي حاصل ڪرڻ جو ڪو امڪان ڪونهي، ڇو جو انهن جونين ۾ جيو کي چڱي مدي جي خبر پوي ئي ڪا نه ٿي؛ پر مانش ديهه ۾ ئي مُڪتي پراپت ڪري سگهجي ٿي. تنهنڪري جڏهين نصيبا جيو کي مانش ديهي ملي ٿي، تڏهين جي هو وشين جي وس ٿيندو، ته ڪيس ڏڪار آهي. ڪرمن جي ڪري جيو جونين ۾ ڦرن ٿا؛ ڪال جي ڦاسيءَ کان پاڻ ڇڏائي نه ٿا سگهن. روداس، دنيا جي پريتي ڇڏ، من جو شڪ شُبهه ڪڍي ڇڏ؛ گوروءَ جو گيان حاصل ڪري انموجب هل. هي پرڀو! تون ڀڳتن جا

ارٿ:- هي ٽرنڪارا اسان اوديا سان پيار رکيو آهي، جهڙڪري اسان جي وچار جو ڏيو جهڪو آهي (مطلب ته اسان ۾ وچار شڪتي ڪانهي). [ابدئا = اوديا. هت = پيار. بيبيڪ = وويڪ، وچار. ديپ = ڏيو. ملين = گدو، جهڪو.]

(۲) ترگد جون آهيت سنجوگ، پن پاپ آسوچ
مانڪا اوتار دُلڀ، تهي سنگت پوچ

ارٿ:- نيچ جونين وارا جيو بنا وچار جي اُڀِن ٿين ٿا. اُنهنکي پُن ۽ پاپ جي خبر ڪانهي. مانکا جنم دُرلڀ آهي، پر (اسچرج اهو آهي جو) هن جنم ۾ نيچن جو سنگ آهي. [ترگد جون = نيچ جونين وارا جيو جهڙوڪ ڪيئان ڪانگ وغيره. اچيت = بنا وچار جي. سنجوءُ = اُڀِن ٿين ٿا، پيدا ٿين ٿا. اسوچ = خبر ڪانهي. پوچ = نيچ.]

(۳) جيئم جنت جهان، لکُ ڪرم ڪي بس جاءِ
ڪال ڦاس اٻد لاڳي، ڪڇُ نه چلي اُپاءِ

ارٿ:- منک توڙي نيچ جونين وارا جتي ڪٿي ڪرمن جي آسري لڳي رهن ٿا. ڪال جي ڦاسي، جا ڪٽڻ جي نه آهي، سا اُنهنکي لڳي پئي ۽ اُنجو ڪو اُپاءُ هلي نٿو سگهي. [جيئم = جيو يعني منک. جنت = نيچ جونيون يعني ڪيئان وغيره. اٻد = نه ڪٽڻ جهڙي.]

(۴) رويداس داس اُداس، تجُ ڀرم، تپن تپُ گور گيان
ڀگت جن ڀئي هرن، پرمانند ڪرهُ نِدان.

ارٿ:- سري رويداس صاحب داس ڀاءَ سان چون ٿا ته "سنسار کان اُداس ٿي ڀرمن کي ڇڏ ۽ گوروءَ جو گيان تپسائن ۾ وڏي تپسا سمجهه. هي ڀڳتن جا ڀئو دور ڪندڙ ڀڳوان! مون

ਆਸਾ ਬਾਣੀ ਸ੍ਰੀ ਰਵਿਦਾਸ ਜੀਉ ਕੀ

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਮ੍ਰਿਗ ਮੀਨ ਭ੍ਰਿੰਗ ਪਤੰਗ ਕੁੰਚਰ ਏਕ ਦੋਖ ਬਿਨਾਸ ॥ ਪੰਚ ਦੋਖ ਅਸਾਧ ਜਾ ਮਹਿ ਤਾ ਕੀ ਕੇਤਕ ਆਸ ॥ ੧ ॥ ਮਾਧੋ ਅਬਿਦਿਆ ਹਿਤ ਕੀਨ ॥ ਬਿਬੇਕ ਦੀਪ ਮਲੀਨ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਤ੍ਰਿਗਦ ਜੋਨਿ ਅਚੇਤ ਸੰਭਵ ਪੁੰਨ ਪਾਪ ਅਸੋਚ ॥ ਮਾਨੁਖਾ ਅਵਤਾਰ ਦੁਲਭ ਤਿਹੀ ਸੰਗਤਿ ਪੋਚ ॥ ੨ ॥ ਜੀਅ ਜੰਤ ਜਹਾ ਜਹਾ ਲਗੁ ਕਰਮ ਕੇ ਬਸਿ ਜਾਇ ॥ ਕਾਲ ਫਾਸ ਅਬਧ ਲਾਗੇ ਕਛੁ ਨ ਚਲੈ ਉਪਾਇ ॥ ੩ ॥ ਰਵਿਦਾਸ ਦਾਸ ਉਦਾਸ ਤਜੁ ਭ੍ਰਮੁ ਤਪਨ ਤਪੁ ਗੁਰ ਗਿਆਨ ॥ ਭਗਤ ਜਨ ਭੈ ਹਰਨ ਪਰਮਾਨੰਦ ਕਰਹੁ ਨਿਦਾਨ ॥ ੪ ॥ ੧ ॥

آسا باݨي سري روداس جيئ کي شبد (١)

ايک اونکار ستگور پرساد

(١) مرگ مين ڀرنگ پتنگ کنچر ايک دوکھ بناس
پنچ دوکھ آساڌ جا مهِ، تاکي کيتک آس

ارث :- هرڻ، مڇي؛ ڀونر، پتنگ ۽ هاٿي انهن مان هر کو هک وکار کري ناس ٿئي ٿو، پر منکه جنهن پنج ئي وکار آهن، جي وس کري نه ٿا سگهجن، تنهنجي کيتري قدر بچڻ جي آس رکي سگهجي؟ (مطلب نه هو بچي نه سگهندو). [مرگ = هرڻ. مين = مڇي. ڀرنگ = ڀونر. کنچر = هاٿي. اساڌ = نه ساڌڻ جهڙا، مشکل، جي وس کري نه سگهجن. کيتک = کيتري.]

ماڌو اٻديا هت کين، ٻٻيک ديپ ملين
(١ رهاءُ)

سيس نوائي ٿو. هي ٻڌو، ڪاشيءَ جي آس پاس جي
ڍوليءَ پيا ڍوليندا آهن سي مان سڌيو ڍوئيندو آهيان،
۽ انهن جون کلون لاهي صفا ڪري رنگيندو آهيان؛
پر جڏهانڪر مان تنهنجو داس نام ڌاڙيل لکو آهيان،
تڏهانڪر ڪاشيءَ جا وڏا وڏا پنڊت به موڪي نمسڪار
ڪرڻ لڳا آهن. هي منهنجا مالڪ، هيءُ سڀ تنهنجي
نام جي وڏائي آهي."

سري رو داس صاحب جن جا پيا ٻه اهڙا چرتر آهن، جي ڀڳت مال ۾ ڏنل آهن، جتان پاٺڪ پڙهي سگهن ٿا.



ٻه جيئي ڪر نمسڪار ن

ميري ذات ڪُت[1] پاڻي لا،

ڍور ڍوو نتا نتهه بانارسي آس پاسا

اَب بِپر[2] پرڌان[3] تِهِ ڪَرِهِ ڏنڊوُت[4]،

تيري نام سرڻاءِ رَوِداس داسا.

ٽات پرچ.

"هي چاتر برهمڻو، سڀني کي سڌ آهي ته مان ذات جو چمار آهيان، پر منهنجي رڳ رڳ ۾ سد بو رام جو نام وسي پيو. پيارا، جيڪڏهن گنگا جي او جل ۾ پوتر جل مان شراب ٺهي، ته به سنت جن جيڪر اهو ڪين ورتائين، ڇو جو اهو اپوتر آهي. ٺهڙيءَ ريت جيڪڏهن ڪهڙو به اُتم ذات وارو ماڻهو نيچ ڪرم ڪندو ته هنجي آبرو ڪانه رهندي ۽ سڀڪنهن کي ڪانئس پيئي بڇاڻ ايندي، پر جيڪڏهن شراب گنگا ندي ۾ ڪٽي هاربو ته گنگا جي جل سان ملي اهو به گنگا روپ ٿي ويندو. ٺهڙيءَ ريت نيچ پرش به سنتن جي سنگت ۾ سريشٽ ۽ ڪٽوان ٿيو پوي. ٽاڙي وڻ ۽ سندس پن آشڪ ڪري ليکيا آهن، ڇو جو منجهانئس ٽاڙي (هڪ قسم جو شراب) نڪرندو آهي، پر جڏهن اُن وڻ جي پترن تي پاڪونت جهڙا پوتر پستڪ لکبجن ٿا، تڏهن سڀڪو انهن اڳيان

١- چم کي ڪترڻ ۽ ڪپڻ واري. ٢- برهمڻ. ٣- مکيه.
٤- نمسڪار.

امنڪارين کي چڱو سبق سيکاريو. بس انهن چڱي آدي سپ ڀڳت جي چرڻن ۾ وڃي ڪريا ۽ هٿ جوڙي ڪانئس ڪڏهن بخشائڻ لڳا. سري روداس صاحب انهن رلڪو پسي پرماتما جي اُستت ڪرڻ لڳو ۽ اُن وقت دن ڏيئي مها سند ر شبد ۽ برهمڻن کي اُپديش ڏنو. چون ٿا ته اُنهيءَ موقعي تي سري روداس صاحب جا ڪٽيئي شش ٿيا.

راڳ ملار باڻي سري روداس جي شبد (١)

ايڪو اونڪار ست گور پرساد

ناگر جنان ميري ذات بکيات چمارن

رديءِ رام گوبند گن سارن ۔ ۔ ۔ ۔ ۔ ۔ ۔ ۔ اِ ڪ رهاءُ

سُرسري سلل ڪرت بارني ري

سنت جن ڪرت نهي پانن

سُرا اپوترنت اور جل ري،

سُرسري ملت نهي هوءِ آنن

ترتار اپوتر ڪري مانيئي ري،

جيسي ڪا ڪرا ڪرت بيچارن

ڀڳت ڀاڳوت لکيئي تهي اوپري،

١- چتر (ڏاڏا) برهمڻ. ٢- مشهور آهي. ٣- گنگا. ٤- باڻي. ٥- ڏاڍي. ٦- شراب. ٧- ٻيڙ. ٨- شراب. ٩- (اٽوا) باڙ. ١٠- وڻ. ١١- تاري. ١٢- ڪاغذ.

ايندا سين." راجا سنت جي آدرڀاءُ ڪرڻ لاءِ چڱا بندوبست ڪيا. جڏهن ڀڳت روداس چتور ۾ آيو، تڏهن راجا هڪ خاص محلات کيس رهڻ لاءِ ڏنو، ۽ ٻي به هرطرح جي سندس خاطري ڪيائين. راجا کي سنت سان ٻه چار ڏينهن سنگ ڪندي مس ٿيا، ته سندس منجهس اهڙو نسچو ٿي ويو، جو هو کيس پنهنجو ست گورو ڪري مڃڻ لڳو. تنهنتي راڻيءَ خوشيءَ وچون هڪ وڏو ڀنڊارو ڪيو، جنهن ۾ سڀ شهر جا غُربا، ۽ اناٿ گهرايا ۽ انهن سان گڏ برهمڻن کي به ڪوٺ ٿي. جڏهين برهمڻن سڀني آشرمن ۽ ورنن جا ماڻهو اتي ڪٺا ٿيل ڏٺا، تڏهين اُهي ذات جي ايمان ۾ ٻڏجي چوڻ لڳا ته "اسين ڪو هن چمار سان گڏ ويهي ڀوڄن کائيندا سون ڇا؟ اسانکي پنهنجو جنم ڀرشٽ ڪرڻو ڪونهي." برهمڻن جا اهي لفظ ٻڌي ڪميا جو ساگر سري روداس صاحب بلڪل ڪومل وچن سان راڻيءَ کي چوڻ لڳو "پتري، تون ڪو ويچار نه ڪر. مهراج ڀلي ته هن هنڌ رسوئي وڃن. مان ڀرواريءَ ڪنهن ۾ اڪيلو ڀوڄن ڪندس. ائين چئي هو يڪدم اُٿي ڪڙو ٿيو. جنهن مهل پرساد پروسي ويا ۽ برهمڻ رسوئي کائڻ ويٺا، تنهن مهل هڪ عجيب کيل ٿي گذريو! هرڪو برهمڻ ڏسي ته سندس ساڄي پاسي توڙي ڏائي پاسي کان سري روداس صاحب براجمان آهي! اهو ڪوتڪ ڏسي سڀ برهمڻ وسمئي ۾ پئجي ويا ۽ چوڻ لڳا ته "مار، اسان ڀڳت جو پرتاپ نه ڄاتو. بيشڪ هي پرماتما جو پرم ڀڳت آهي. پرڀوءَ سندس سروپ ڌاري اسان ذات پات جي

ڇڏيندس ۽ ڪن ٻه ڪيس جيئرو نه ڇڏيندس.
تنهنتي سندس سمجهو ۽ ڏاهپ وارن وزير کيس سمجهايو ته
"مهراج! ويچار ڪان سواءِ ڪو به ڪم ڪرڻ اجوڳو آهي،
مٿان اوهين انهن ريساري برهمڻن جي چٺي تي اسڪو.
انهن جي ليکي ته چمار اُپديش ڏيڻ جو لائق نه آهي، پر
ائين نه آهي، جو پلل آهن. سري رو داس صاحب جن
جي ڀڳتيءَ جو پرتاپ هنديري ما ڪين مشهور آهي. اوهين
پنهنجي راڻيءَ کي لکي موڪليو ته ڀڳت کي ڪهن
نه ريت ڇڏو ورلي اچي. جڏهن مهل اوهين سنت جو
درسن ڪندا، تنهن مهل نهال ٿي ويندا. پيو به هتي
اوءَ لڪي پريکيا وٺڻ جو پورو وجهه ملندو." راجا کي
وزير جي صلاح بلڪل پسند آئي. هن پنهنجي راڻيءَ کي
لکي موڪليو ته ڀڳت کي پاڻسان هت ضرور ولي
اچجه. راڻي جهالي راجا جو ليايو ڏاڍي خوش ٿي، چي
"اسانجي لڪر جا ڀاڳ چٺا، جي ڀڳت رو داس اوڏانهن
هلڻ قبول ڪندو." هن هت جوڙي ڪهڻي نمرتا ڀاءُ
سان ڀڳت کي وينتي ڪئي ته "سوامي، اوهين ديا
جا ساگر آهيو. ڪرپا ڪري اسانجي لڪر ۾ هلي پنهنجا
ڪمل روپي پير چرن ڪهمايو ۽ لوڪن جو ڀلو ڪريو.
راجا جي ڪهڻي خواهش آهي ته اوهين اُتي هلو." سري
رو داس صاحب راڻيءَ کي چيو ته "ڀيري تنهنجو پريم ۽
شردا ڏسي مان توکي جواب ڏيڻ نه ٿو سگهان. ڇاڪو
جئن تنهنجي مرضي هوندي، تئن مان ڪندس."
سنت جو اهو جواب ٻڌي راڻي خوش ٿي ۽ راجا کي
جوابي موڪليائين ته اسين سيگهي جلد چتوڙ ۾

پيري پوڻ لڳا. ڀڳت ڪبير جو ذات جو ڪوري هو، سو پڻ گوبند جي گڻ ڳائڻ ڪري پرماتما جو هڪ پورن ڀڳت ٿيو. هي راڄن، ڪهڙو به ماڻهو پرماتما سان سچي پريت رکندو ته هو پرميشور جي پيارن ۾ ليکجڻ ۾ ايندو." هي سندر اپديش ٻڌي راجا بلڪل گهڻو پرسن ٿيو ۽ هو اُنهيءَ ڏينهن کان وٺي کيس گورو ڪري مڃڻ لڳو.

جڏهن سري روداس صاحب جي ڀڳتيءَ جو ناماچار چتور جي راڻيءَ جهاليءَ جي ڪنِ پيو، تڏهن کيس سنت جي درسن ڪرڻ جي گهڻي اُڪير ٿي ۽ سو راجا کان موڪلائي ڪي سهيليون، ٻانهيون ۽ برهمڻ پاڻ سان وٺي ڪاشيءَ ۾ اچي سهڙي. سنت جو درشن ڪندي ئي هنجي من کي آنند اچي ويو. تنهن تي جهاليءَ راڻيءَ کي پرتيت ٿي ته هي ڪو وڏو سنت آهي. هن ٻئي هٿ جوڙي سري روداس صاحب کي پرارٿنا ڪئي، ته "هي ڀڳونت روپ، مون داسيءَ کي ديا ڀالي اُپديش ڏيو." ڀڳت روداس راڻيءَ جو پريم ۽ شرڌا ڏسي پرسن ٿيو ۽ کيس اُپديش ڏنائين. اهو ڏسي برهمڻ جلي خاڪ ٿي ويا، ۽ ترت راجا وٽ وڃي سندس ڪَن ڀرڻ لڳا، چي، "مهراج اوهانجي راڻي چمار جي وڃي چيلي ٿي آهي. سائين، چمار ۾ الاجي ڪهڙو گڻ ڏٺائين، جو هلندي شرط سندس چيلي بڻجي ويئي. مهراج، اسان کان اِهو سٺو نه ٿيو. هوءَ هيٺئين ڀرشٽ (اڀوتر) ٿي رهي آهي." هي ٻڌي راجا کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ پڻ ڪيائين ته راڻيءَ کي اچڻ شرط مارائي

آهي، جو وتن هن چمار کي پيتائون ڏيندا، هاڻ ته
ڪيس هڪ عمدو مندر به ٺهرائي ڏنو اٿن. اسانکي ته
وساري ڇڏيو اٿن. بس ڪو بلو پيٽي ڪرڻ گهرجي
نه ته چڱائي ڪانه ٿيندي. پوءِ هنن پاڻ پڻ ڪري
ڪاشيءَ جي راجا کي وينتي ڪئي ته "هي راڄن،
ڪهڙو سمو اچي بڻيو آهي! اڄ ڪلهه گرو ڪنهجو جيڪو
گهر ڪان رسي سو پاڻکي پنڊت پيو سڏائي. پوءِ ڇو نه
ڌرم جي هاڃي ٿيندي؟ روداس چمار به ڇوي ته آءٌ پنڊت!
ماڻهن ويچارن کي ڪهڙي سمجهه، دو ته سندس زبان
جي چترائيءَ تي پلجي ٿا وڃن. هنن پورڙن جي ليکي
ته هي چمار به ڪو پهتل شخص آهي. پلائي ڪري
اوهين ڪا هنکي سيکت ڏيو، نه ته نکري ناس ٿي
ويندي." تنهنتي راجا پنڊت روداس کي سڏائي چيو ته
"روداس، موکي تنهنجي برخلاف ڪي دانهون
پهتيون آهن. جيڪڏهن اها ڳالهه سچي آهي، ته تو هاڻي
پنهنجي ابي ڏاڏي جو ڌندو ڇڏي هڪ مندر وجهي
وسايو آهي، جتي تون لوڪن کي اُپديش ٿو ڏين!"
پنڊت جواب ڏنو، ته "هائو راڄن، جيڪي اوهين چئو
ٿا سو سچ آهي، پر الهيءَ ۾ مون ڪهڙو ڏوهه ڪيو؟
ڇا ٿيو جي مان ذات جو چمار آهيان. الهيءَ ڪري مان
پڪوان جي ڀڪتي نه ٿو ڪري سگهان ڇا؟ پرماتما کي ته
ذات پات جو ڪو خيال ڪونهي. هنجي نظر ۾ سڀ
هڪجهڙا آهن. هو ته رڳو پريم تي پرسن ٿئي ٿو. پنڊت
نامديو به ذات جو ڇيپو (ڪتي) هو، پر اُنجو پريم ڏسي
پڪولت اُنجي اڏي مهر ڪئي جا وڏا پنڊت هنکي

پڇري پوڻ لڳا. ڀڳت ڪبير جو ذات جو ڪوري هو، سو پڻ گوبند جي گن ڳائڻ ڪري پرماتما جو هڪ پورن ڀڳت ٿيو. هي راجن، ڪهڙو به ماڻهو پرماتما سان سچي پريت رکندو، تہ هو پرميشور جي پيارن ۾ ليکجڻ ۾ ايندو." هي سندر اپديش ٻڌي راجا بلڪل گهڻو پرسن ٿيو ۽ هو انهيءَ ڏينهن کان وٺي ڪيس گورو ڪري مڃڻ لڳو.

جڏهين سري روداس صاحب جي ڀڳتيءَ جو نامچار چتور جي راڻيءَ جهاليءَ جي ڪنِ پيو، تڏهين ڪيس سنت جي درسن ڪرڻ جي گهڻي اُڪير ٿي ۽ سو راجا کان موڪلائي ڪي سهيليون، ٻانهيون ۽ برهمڻ پاڻ سان وٺي ڪاشيءَ ۾ اچي سهڙي. سنت جو درشن ڪندي ئي هنجي من کي آنند اچي ويو. تنهن تي جهاليءَ راڻيءَ کي پرتيت ٿي تہ هي ڪو وڏو سنت آهي. هن هٿ جوڙي سري روداس صاحب کي پرارٿنا ڪئي، تہ "هي ڀڳونت روپ، مون داسيءَ کي ديا پالي اُپديش ڏيو." ڀڳت روداس راڻيءَ جو پريم ۽ شردا ڏسي پرسن ٿيو ۽ کيس اُپديش ڏنائين. اِهو ڏسي برهمڻ جلي خاڪ ٿي ويا، ۽ ترت راجا وٽ وڃي سندس ڪن ڀرڻ لڳا، چي، "مهراج او هانجي راڻي چمار جي وڃي چيلي ٿي آهي. سائين، چمار ۾ الاجي ڪهڙو گڻ ڏٺائين، جو هلندي شرط سندس چيلي بڻجي وئي. مهراج، اسان کان اِهو سٺو نہ ٿيو. هوءَ هينئر ڀرشٽ (اپوتر) ٿي رهي آهي." هي ٻڌي راجا کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ ڀڻُ ڪيائين تہ راڻيءَ کي اچڻ شرط مارائي

آهي، جو وٽن هن چمار کي پيٽائون ڏيندا، حالت تہ
ڪيس هڪ عمدو مندر بہ ٺهرائي ڏنو اٿن. اسانکي تہ
وساري ڇڏيو اٿن. بس ڪو بلو پيٽي ڪرڻ کهرجي
نہ تہ چڱائي ڪانہ ٿيندي. پوءِ هنن پاڻ ۾ هڏي ڪري
ڪاشيءَ جي راجا کي وينتي ڪئي تہ "هي راڄن،
ڪهڙو سمو اچي بڻيو آهي! اڄ ڪلهہ ڪرو ڪنجو جيڪو
ڪهر ڪان رسي سو ڀاڳڪي ڀڳت ٿيو سڏائي. پوءِ ڇو نہ
ڏوهہ جي هاڃي ٿيندي؟ روداس چمار بہ ڇوي تہ آءٌ ڀڳت!
ماڻهن وڃارن کي ڪهڙي سمجهہ، هو تہ سندس زبان
جي چترائيءَ تي ڀلجي ٿا وڃن. هنن ٻو ڙن جي ليکي
تہ هي چمار بہ ڪو ڀڳل شخص آهي. ڀلائي ڪري
اوهين ڪا هنکي سيکت ڏيو، نہ تہ لڪري ناس ٿي
ويندي." تنهنتي راجا ڀڳت روداس کي سڏائي چيو تہ
"روداس، مونکي تنهنجي برخلاف ڪي دانهون
پهتيون آهن. ڇا اها ڳالهہ سچي آهي، تہ تو حاڪي
پنهنجي ابي ڏاڏي جو ڌنڌو ڇڏي هڪ مندر وجهي
وسايو آهي، جتي تون لوڪن کي اُپديش ٿو ڏين!"
ڀڳت جواب ڏنو تہ "هائو راڄن، جيڪي اوهين چئو
ٿا سو سچ آهي، پر انهيءَ ۾ مون ڪهڙو ڏوهہ ڪيو؟
ڇا ٿيو جي مان ذات جو چمار آهيان. انهيءَ ڪري مان
ڀڳوان جي ڀڳتي نہ ٿو ڪري سگهان ڇا؟ پرماتما کي تہ
ذات پات جو ڪو خيال ڪونهي. هن جي نظر ۾ سڀ
هڪجهڙا آهن. هو تہ رڳو پريم تي پرسن ٿئي ٿو. ڀڳت
نامديو بہ ذات جو ڇيپو (ڪتي) هو، پر اُنجو پريم ڏسي
ڀڳوانت اُنجي اڏيءَ مهر ڪئي جا وڏا پنڊت هنکي

حڪم ملڻ بعد ڪاريگر ڪم کي لڳي ويا، ۽ ٿوري عرصي ۾ هڪ بلڪل عمدو سونهيڪ مندر ٺاهي تيار ڪيو، جنهن جي اپما ڪرڻ مشڪل آهي. منجهس نقش ۽ ڪاريگري اهڙي سندر رکيل هئي، جو ڏورانهين ديسن جا ماڻهو پيا سڪندا هئا، ته ڪٿي ڪو موقعو ملي، ته وڃي انهيءَ مندر جو ديدار ڪري اچون. مندر جي ٺهڻ کان پوءِ هن داتي پرش سنت کي هٿ جوڙي وينتي ڪئي ته "سوامي ديالپالي اوهين هلي مندر ۾ رهو." ڀڳت روداس پنهنجي پياري شش جو ايترو پريم ڏسي منس ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ وڃي مندر ۾ رهيو. مندر ۾ رهڻ ڪري ڀڳت جو ڪو خيال وڌي ڪونه ويو. هو هميشه وانگر نماڻو هوندو هو ۽ اڻ ٿي پير سندس آڳار پريم هڪ سچي مالڪ سان هوندو هو، سري گورو ارجن ديو سنتن جي اُستت ڪندي ڀڳت روداس بابت هيئن فرمائين ٿا:-

"روداس ڍوروندا ڍورين، تن تياڳي مايا
پرگهٽ هوئا ساڌ سنگ، هرِ درسن پايا."

(راڳ آسا)

ارٿ

سري گورو ارجن ديو فرمائين ٿا ته "روداس ڀڳت جو روز ڍورين ڍوئيندو هو، تنهن مايا کي تياڳيو، ۽ هن ساڌ سنگت پائي هري جو درسن پراپت ڪيو.

چوندا آهن ته سُکئي کي سهي ڪونه، بکئي کي ڏئي ڪونه. ڀڳت روداس کي سکيو ڏسي ڪاشيءَ جا برهمڻ پيا پوسرندا هئا. ڇي لوڪن کي الاجي ڇا ٿيو

پڪڙڻ کي ڇڏيندي ڪوٺ. ڪر پيا مرڻ تہ بہ ڪيس اونو ڪونہي. تنهنڪري هي سمجهيندي آيل ڏني جنهن وڏيءَ تڙن ڪجھ لائي ڇڏ." هي لفظ ٻڌي پڪيت جواب ڏنو تہ "هي ٻڌو، مان تنهنجي داسن جو داس آهيان. جا آگيا مجهي سا مان ڪريان." بس انهيءَ ڪانپور روز آهو سا ڪيو ستي ٻرش سري روداس صاحب وٽ پنجھ اشرفيون پيشا طور اچي رکندو هو. جڏهن سري روداس صاحب جي ٻين شش کي خبر پيئي، تہ پڪيت پيشا ارپيا ڪري ٿو، تڏهن هو پڻ ڪيس پيشائون ڏيڻ لڳا. هروز تس ڪيترائي پنسو اچي ڪٺو ٿيندو هو، پر هو پاڪوٽ پائي بہ ڪين رکندو هو. جڏهن تہ سندس جهوپڙيءَ ۾ آئي ويئي جي رهڻ لاءِ اڌو سٺو بندوبست ڪوٺ هو، تنهنڪري هن هڪڙي عمدي ڌرمسالا ٺهرائي، جنهن ۾ پاردوئي ڪي نہ ڪي مسافر ٽڪيا پيا هوندا هئا. جيڪي بہ سنت مهاتما آئي اچي لهندا هئا، تنهنجي چڱيءَ پرڪار شيوا ٿيندي هئي.

جنهن دالي پرش جو مٿي ذڪر ڪيل آهي، تنهنجي شرڌا پڪيت ۾ ويئي ڏينهون ڏينهن وڌندي. هو ڪيس پڪيوڻت جو روپ ڪري سمجهندو هو. هن وٽ مايا اڻ ميئي هئي، سو ويچار ٿيس ڪيئين تہ ڪهڙيءَ ريت اها چڱي ڪجھ لايان. ٺيٺ خيال آيس تہ هڪ عاليشان مندر پنهنجي ڪوروءَ سري روداس صاحب جي لاءِ ٺهرايان. پوءِ هن ڪتان ڪتان جا هوشيار ڪاريگر گهرائي کين حڪم ڏنو تہ "جلدئي هڪ سندر مندر ٺاهي راس ڪريو. پئسي پنجھ جو ڪو خيال ڪوڙ ڪجو. ڪيترو بہ خرچ لڳندي تہ مان ڏيڻ لاءِ تيار آهيان."

پيارا، اوهين مايا سان ايتري پريت ڇو ٿا رکو؟ اُدو داتار
جنهن اوهانکي سڀڪي ڏنو آهي، جو ڏينهن رات اوهان
جي سار سنڀال لهي ٿو، تنهن سان پريت رکو. اُهو ئي
اوهانجو سچو پريتم آهي. ڏک سک ۾ اُهو ئي اوهان سان
سهائتا ڪندو. تنهنڪري منهنجي اوهانکي هيءَ وينتي
آهي ته هن مايا جو موهه ڇڏي هڪ پرماتما سان دل رکو
ته اوهانجا ڪلياڻ ٿين." هي سندر اُپديش ٻڌي راڄا،
راڻي ۽ برهمڻ سري روداس صاحب جن جا شش ٿيا ۽
رام نام سمرڻ لڳا.

هڪ دفعي هڪڙو سنتي پرش سري روداس صاحب
جو درشن ڪرڻ ويو. ڏٺائين ته ڀڳت سماڌي لڳائي
ويٺو آهي، تنهنڪري پنهنجي هٿ مان پنج اشرفيون
ڪڍي سندس اڳيان پيٽا رکي نمسڪار ڪري هليو
ويو. جڏهين ڀڳت روداس سماڌي مان اُٿيو، تڏهين ڇا
ڏسي ته اڳيان پنج اشرفيون پيئون آهن. مايا جو منهن
ڏسي ڀڳت کي ڄڻ ڄوري لڳي ويئي. چئي "پربو، مايا
منهنجي پٺيان هٿ ڌوئي لڳي آهي. مان ڪيترو به
ڪانئس پري ٿو ڀڄان، ته به هوءَ ڦري ڦري اچيو مونکي
لالچائي. هي ديناناٿ، ڪرپا ڪري هن نڌوريءَ مايا
کي مون وٽان ٽري ڪڍ. هنجو منهن ته مونکي ڏٺو
نٿو وڻي."

انهيءَ ساڳي رات ڀڳت کي آڪاس واڻي ٿي ته
"پيارا، تون اُداس نه ٿيءُ. هيءَ مايا منهنجي موڪليل آهي.
تون اها انگيڪار ڪر. جي تون ڏکيو گذاريندين،
ته لوڪ ڇا چوندا؟ اُهي ائين چوندا ته ڀڳوان ته پنهنجن

آهي، جو مان راڻيءَ جي مراد پوري ڪريان. عرض
اڪهائڻ وارو پرڀو آهي. ڏيڻ يا نه ڏيڻ سندس هٿ وس
آهي. مون داس جو مٿس ڪهڙو زور هلندو؟ اوهان
جي چرڻ تي مان ڪالهس دعا گهو پنڌان. ڏسون ته آڇا.
اڪهامي ٿي ياد"، ائين چئي ڏو پنهنجي ماڙيءَ جي ڪوٺڙيءَ
اڳيان ويهي رام نام سمرڻ لڳو. بس آچا هن دريءَ جو
سمرڻ شروع ڪيوئي ڪين، ته جل ۾ اچي ڪرڪڙي،
۽ ڪيترن پرڪارن جا سهڻا سهڻا ڪنگڻ راجا ۽ راڻيءَ کي
ڏسڻ ۾ آيا. هڪڙو ڪنگڻ پٿي ڪان وڏيڪ سندر هو. هي
اسرار ڏسي راجا ۽ راڻي سري روداس صاحب جي چرڻن
تي ڪري پيا ۽ چوڻ لڳا ته "هي سوامي اسان اوڇهن
تي ڪرپا ڪريو. اسين ته مايا جي موهه ۾ ڦاٿا پيا آهيون.
جيتوڻيڪ ڄاڻون به ٿا ته هن ڪوڙيءَ مايا ڪنهن سان
به ڪين رهايو آهي، تنهن هوندي به اسين اکيون پٽي
نٿا هلون. ڏينهن رات اسين ان جي پٺيان پيا ڀڄون.
ڪيترو به ڏن هڃيمون، ته به اسانکي ڍؤ ٿيڻ جو نـ
آهي. پاڻيون ته ڪجهه وڌيڪ ملي تـ چڱو. مهراج،
اوهين ديا ڀالي اسانکي ٻڌايو ته اسين ڪيئن مايا کان
ڇٽون" پڪت جواب ڏنو ته "هي راجن، هي جيو جو
مٽيءَ جو پتلو آهي، سو مايا ڪري اچي موڙهو آهي. جو
ڪن ماٺ به سچي مالڪ کي نه ٿو ياد ڪري. جڏهين ڏن
مال ملئيس ٿو تڏهين ٿانءَ ۽ ٿولهه ۾ پرچي ٿو وڃي ۽
ڪنهن ۾ به اکر نه ٿي پڙهيس. مايا جي مک ۾ هو نه ٿو
سمجهي ته هيءَ مايا ڪنهن جي آپائل آهي. وري جي
دولت هٿان نڪري وڃيس ته پوءِ هاءِ هاءِ پيو ڪري. هي

چڱي ڪمائي وارو پرش ۽ ڪرامت جو صاحب آهي تہ تون اسانکي وٽس وٺي هل تہ اسين هلي ڪانئس پيو ڪنگرط گهرون. پوءِ سچہ ڪوڙ جي پرکہ پاڻيهي پئجي ويندي." برهمط اها ڳالهہ قبول ڪئي. پوءِ راجا ۽ راڻي ٻئي برهمط سان گڏجي سري روداس صاحب جني مڪان تي اچي سهڙيا. برهمط راجا کي چيو تہ "اوهين ڪن ساعت ٻاهر ترسو تہ مان وڃي سنت کي اوهانجي اچط جو ٻڌايان." برهمط گهڙط سان ڀڳت جي پيرن تي ڪري پيو ۽ گوڏها کاڙي چوط لڳو تہ "هي سوامي، ڪرپا ڪري منهنجا اپراڌ بخشيو. مون اوهانجي سرن پڪڙي آهي. هاڻي جئين وڻيو تئين مونکي بچايو." ڀڳت روداس برهمط کي ڇاتيءَ سان لائي پڇيو تہ "پيارا، ڪهڙيءَ اڙيءَ ۾ ڦاٿو آهين، جو هيترو ٿو روئين." تنهنتي برهمط سموري وارتا کيس ٻڌائي. سري روداس صاحب برهمط کي پرتو ڏنو تہ "مهراج، تون ڪو اُلڪو نہ ڪر. ڀڳوننت سڀ ڀلي ڪندو. هاڻي اُٿي راجا ۽ راڻيءَ کي ٻاهران سڏي اچ."

جڏهين راجا ۽ راڻي اندر آيا، تڏهين ڀڳت روداس کين گهڻو آدر ستڪار ڪري هڪ تڏي تي ويهاريو ۽ ڪانئن حال احوال پڇيو. راجا چيو تہ "سائين منهنجي استريءَ هن ڪنگرط تي موهجي پيئي آهي. چوي ٿي تہ جيسين هن جهڙو پيو ڪنگرط مونکي نہ ملندو، تيسين منهنجو من جاءِ تہ رهندو. ڀلائي ڪري اوهين سندس ڪامنا پوري ڪريو." سري روداس جواب ڏنو، تہ "هي راجن، مون غريب کي ڪهڙي سمرٿي

ورِي ٻه ڏل جهلي جواب ڏنائين ته ”هي راڄن، مون
وٽ اهڙو ٻيو ڪنگڻ ڪونهي. راجا چيس ته ”مهراج
تو ضرور جوڙو ڪنگڻن جو ٺهرايو هوندو. توهين ٻيو ڇا
جو ڪرين؟ ٻانهين کا تنهنجي شيءِ مفت ڪٿي کا
نه ٿا وٺون. هي ته سوُدي جو ڪم آهي، جي پيسن ۾
نه ٿيون ته شيءِ نه ڏجي. برهمڻ هٿ جوڙي وينتي ڪئي،
ته ”هي راڄن، اوهانکان مونکي ڪنگڻ لڪائڻ جو
ڪهڙو سبب؟ مونکي ته پاڻ اوهان وٽان سڀ ڪجهه رقم
ملندي. جي مون وٽ ڪنگڻ هجي ته مان جيڪر
ٻه ڏئي اوهانکي ڏيان، پر ڇا ڪريان، مون وٽ
ڪونهي.“ اهي تي راجا کي ڏاڍي ڇرڪ ويٺي؟ برهمڻ کي
چيائين ته ”مهراج، ڪوڙ نٿا ڇا جي لاءِ ڪريو؟ چڱو ڀلا
مونکي ٻڌاءِ ته اهڙو ڪنگڻ ڪٿان مٿي ڇڙهيو؟“
راجا جا هي لفظ ٻڌي برهمڻ جا ڏندڙا ڏري ڏيا ۽
سندس منهن جو پنوڻي اچي ويو. مڙس جون ٻه ٻه
ويئون ته ڇهه ٻه ويئون. سچو اهي ڏي ڪنهن لڪو. ڀلا
جنهن امانت ۾ خيانت ڪئي هوندي، تنهنجي دل
ڪيئن نه ڪانپندي؟ برهمڻ ڏٺو ته هي سچ نه ڪبي
ته راجا الاجي ڪهڙي سزا ڏيندو. تنهنڪري هن ٻيو
وڃون ساري ڳالهه راجا کي پدرائي ڪري ٻڌائي. برهمڻ
ارٿ :- جهڙيطرح شينهن ٻنهنجي گهر (يعني ٻن يا غار) ۾ ويهي پان (وڪڻڻ لاءِ) لاهي ۽ ڪوئو پان جا بيرا ان ڪان (حوالہ ڪري) ولي اهي؛ جهڙيطرح ڪوئي گهر گهر ۾ حوشيءَ جا گيت ويهي ڳائي ۽ ڪڇون ناد وڄائي وڄائي (يعني جهڙيطرح اهي ڳالهيون است آهن، تهڙيطرح جڳت بہ است آهي). [لگاوئي = لاهي. گهيس = ڪوئو. گاؤري = پان جا بيرا. مسري = ڪوئي. منگل = حوشيءَ جا گيت.]

(٣) بنس ڪو پوت بياهن چليا، سُئني منڍپ ڇائي
روپ ڪنيا سندر بيدي، سسي سنگهہ گن ڳائي

ارٿ :- جهڙيطرح سنڍ زال جو ٻٽ آڪاس ۾ وحسي شادي لاءِ اسٿ لٿي؛ جهڙيطرح هو سندر روپ واري ڪنيا سان شادي ڪري ۽ اُهن جي جڃ ۾) سهو ۽ شينهن (گهوٽ ڪموار جا) گڻ ڳائيندا هئن (يعني جهڙيطرح اهي ڳالهيون ست آهن تهڙيطرح جڳت بہ است آهي. [بنس = سنڍ زال ٻٽاهن = پرڻجڻ. سُئني = سُن منڊل يعني آڪاس. بيدي ي ڪري. سسي = سهو.]

ਸੁੰਦਰਿ ਬੋਧੀ ਸਸੈ ਸਿੰਘ ਗੁਨ ਗਾਏ ॥ ੩ ॥ ਕਹਤ ਕਬੀਰ ਸੁਨਹੁ ਰੇ ਸੰਤਹੁ ਕੀਟੀ ਪਰਬਤੁ ਖਾਇਆ ॥ ਕਛੂਆ ਕਹੈ ਅੰਗਾਰ ਭਿਲੋਰਉ ਲੂਕੀ ਸਬਦੁ ਸੁਨਾਇਆ ॥ ੪ ॥ ੬ ॥

* آسا سري ڪبير جيئه ڪی شبد (٦)

اُٿانڪا :- ڪنهن شخص سري ڪبير صاحب جن کان پڇيو ته سنسار ست آهي يا اَست ؟ تنهن تي هي شبد اُچاريائون ، جنهن ۾ هيٺ ڏيکاريل مثال ڏيئي چيائون ته جيڪڏهين اُهي ڳالهيون اوهين مڃي سگهو ته ڀوءِ سنسار کي به ست سمجهو، مگر جيڪڏهين اُهي ڳالهيون اڻ ٿيڻيون آهن ته ڀوءِ سنسار کي به اَست ڪري سمجهو.

(١) فيِلُ رَبابي بَلَدُ پکاوَجَ ، ڪَئوئا تالَ بجاوِئي
پَهر چولنا گَدَها ناچِئي ، ڀَئِسا ڀَڳتِ ڪراوئي

ارٿ :- جهڙيطرح هاٿي رباب تي سگهي يا ڏڳــو طبلو وڄائيندڙ ٿي سگهي يا ڪانءُ جهانجهه وڄائي سگهي ؛ جهڙيطرح گڏهه جامون پائي نچي سگهي يا مينهن وشن پد ڳائي سگهي (يعني جهڙيطرح اِهي ڳالهيون اَست آهن تهڙيطرح جڳت بـــ اَست آهي) . [فيل == هاٿي . بلد == ڏڳو. پکاوج == طبلو وڄائيندڙ تال == جهانجهه . چولنا == جامون . ڀئسا == مينهن . ڀڳت ڪراوئي == ڀڳتي ڪري سگهي يعني وشن پد ڳائي سگهي .]

راجا رامَ ڪَڪَريا بَري پڪائي
ڪنئي ٻو جهنبارئي کائي (١ رهاءُ)

---

* هن شبد جا ڪيترائي ارٿ ڪيا ويا آهن . جيڪو ساڌارڻ ۽ ٺيڪ ارٿ آهي، سو فقط هتي ڏجي ٿو .

دوائون جاڻندڙ ههي ته به آخر دو مرندو. [آگر - شاستر. نرگر = ويد. جوتڪ = جوتش. ٻنا ڪرنا = وياڪرڻ يعني ٻوليون. اؤکد = دوائون.]

(٣) راج ڀوگ اُر ڇتر سنگهاسن، بهُ سُندر رمنا
پان ڪپوُر سباسڪ چندن، انت تئو مرنا

ارٿ:- ڪٿي ڪيترائي راج ڀوگ ڪر، ڇٽ ۽ تخت ههي ۽ گهڻيون ئي سندر استريون هجن ۽ ڪٿي ڪوپان، ڪافور ۽ خوشبوءِ دار چندن (ماڻيندڙ ههي)، ته به آخر تو مرندو. [ڇتر = ڇٽ. سنگهاسن = تخت. رمنا = استريون. سباسڪ = خوشبوءِ دار.]

(٤) بيد پُران سمرت سڀ کوجي، ڪهوُ نه اوبرنا
ڪهُ ڪبير ائين رامهِ جپئو، ميٽ جنم مرنا.

ارٿ:- ويد، پران ۽ سمرتيون، اهي سڀ جاچي ڏٺا اٿم ته (نام کان سواءِ) ڪال کان ڇوٽڪارو ڪنهن به نه لکيل آهي. سري ڪبير صاحب جي فرمائين ٿا ته پرماتما کي جپيو ۽ اهڙيءَ ريت ئي آواڳون جنم مرڻ ميٽجي ويندو. [اوبرنا = ڇٽڻ، ڇوٽڪارو. ڪهوُ = ڪنهن به طرح يا ڪٿي به، ڪنهن به نه.]

ਆਸਾ

ਢੋਲੁ ਰਬਾਬੀ ਬਲਦੁ ਪਖਾਵਜ ਕਊਆ ਤਾਲ ਬਜਾਵੈ ॥ ਪਹਿਰਿ ਚੋਲਨਾ ਗਦਹਾ ਨਾਚੈ ਭੈਸਾ ਭਗਤਿ ਕਰਾਵੈ ॥ ੧ ॥ ਰਾਜਾ ਰਾਮ ਕਕਰੀਆ ਬਰੇ ਪਕਾਏ ॥ ਕਿਨੈ ਬੂਝਨਹਾਰੈ ਖਾਏ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਬੈਠਿ ਸਿੰਘੁ ਘਰਿ ਪਾਨ ਲਗਾਵੈ ਘੀਸ ਗਲਉਰੇ ਲਿਆਵੈ ॥ ਘਰਿ ਘਰਿ ਮੁਸਰੀ ਮੰਗਲੁ ਗਾਵਹਿ ਕਛੂਆ ਸੰਖੁ ਬਜਾਵੈ ॥ ੨ ॥ ਬੰਸ ਕੋ ਪੂਤੁ ਬੀਆਹਨ ਚਲਿਆ ਸੁਇਨੇ ਮੰਡਪ ਛਾਏ ॥ ਰੂਪ ਕੰਨਿਆ

ਭੋਗ ਅਰੁ ਛਤ੍ਰ ਸਿੰਘਾਸਨ ਬਹੁ ਸੁੰਦਰਿ ਰਮਨਾ ॥ ਪਾਨ ਕਪੂਰ ਸੁਬਾਸਕ ਚੰਦਨ ਅੰਤਿ ਤਊ ਮਰਨਾ ॥ ੩॥ ਬੇਦ ਪੁਰਾਨ ਸਿੰਮ੍ਰਿਤਿ ਸਭ ਖੋਜੇ ਕਹੂ ਨ ਊਬਰਨਾ ॥ ਕਹੁ ਕਬੀਰ ਇਉ ਰਾਮਹਿ ਜੰਪਉ ਮੇਟਿ ਜਨਮ ਮਰਨਾ ॥ ੪ ॥ ੫ ॥

آسا سري ڪبير جيءَ ڪی شبد (٥)

(هريءَ جو نام ئي جنم مرڻ کان ڇڏائيند ڙ.)

(١) جوگي جتي تپي سنياسی، بهُه تيرت ڀرمنا
لُنجت منجت مون جٽاڌر، انت تئُو مرنا

ارٿ :- (ڪٿي ڪو) جوگي، جتي، تپشي، سنياسي هجي يا ڪيترن ئي تيرٿن تي گهمند ڙ هجي؛ (ڪٿي ڪو) وار پٽيند ڙ يا وار ڪوڙائيند ڙ، موني يا جٽائون رکند ڙ هجي، تہ بہ آخر هو ڪال جي وس ٿيندو. [ڀرمنا = گهمند ڙ. لنجت = وار پٽيند ڙ (سريورا). منجت = وار ڪوڙائيند ڙ. مون = موني.]

تاتي سيو يئلي رام نا
رسنا رام نام هت جاڪئ، ڪها ڪريءِ جمنا (اڪ رهاءِ)

ارٿ :- تنهنڪري پرماتما جو نام جپڻ گهرجي. جنهن زبان جو پيار پرماتما جي نام سان آهي، تنهنکی جم ڇا ڪري سگهندو؟ [رام نا = رام نام. هت = پيار. سيو يئلي = جپڻ گهرجي. جمنا = جم.]

(٢) آگم نرگم جوتڪ جانهہ، بهُه بهُه ٻياڪرنا
تنت منتر سپ اؤکد جانهہ، انت تئُو مرنا

ارٿ :- (ڪٿي ڪو) شاستر، ويد، جوتش ۽ گهڻيئي ٻوليون ڄاڻند ڙ هجي؛ (ڪٿي ڪو) تنتر، منتر ۽ سڀيئي

اُن جي منهنجي مٿي تي سدائين قائم آهي، پاڻي جهڙو منهنجي ويجهو نٿو اچي. (يعني ڪنهن جي مون تي وس ڪين ڪيو آهي). [پرتا — يعني.]

(٤) ناڳڻ ڪاڻي، ڪاڻ ڪاڻي، ڪاڻ ڪوڙي ڪي ڏاري
ڪهُه ڪبير سنتن ڪي ٻيرن، تين لوڪ ڪي پياري.

ارٿ :- سري ڪبير صاحب جن چون ٿا ته مون هنجو نڪ ۽ ڪن وڍي ڇڏيو ۽ وڍي وڍي ڪٽي اُڇلائي ڇڏيو اٿس. اها مايا سنتن جي دشمن آهي مگر ٻين لوڪن جي ماڻهن کي پياري لڳي ٿي. [ڏاري = اڇلائي ڇڏيو اٿس. ٻيرن = ويري، دشمن.]

سري ڪبير صاحب مايا نسبت هيٺيون ساکي پڻ اُچاريو آهي :-

"ڪبير مايا ڏورتي، مُس مُس لاوئي هاٽ
ايڪ ڪبيرا نا مُسي، جن ڪيني بارهه باٽ."

ارٿ :- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته مايا ڏوروالي آهي ۽ اُٺي اُٺي جيون کي ٺڳ يعني چورائين ٿي اُٺي ٿي. فقط ڪبير اُنهيءَ مايا کان ڪين ٺڳيو ويو. جنهن اُنهي کي ٻارهن ٽڪرا يعني ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو.

ਆਸਾ

ਜੋਗੀ ਜਤੀ ਤਪੀ ਸੰਨਿਆਸੀ ਬਹੁ ਤੀਰਥ ਭ੍ਰਮਨਾ ॥ ਲੁੰਜਤ ਮੁੰਜਿਤ ਮੋਨਿ ਜਟਾਧਰ ਅੰਤਿ ਤਊ ਮਰਨਾ ॥੧॥ ਤਾਤੇ ਸੇਵੀਅਲੇ ਰਾਮਨਾ । ਰਸਨਾ ਰਾਮ ਨਾਮ ਹਿਤੁ ਜਾਕੈ ਕਹਾ ਕਰੈ ਜਮਨਾ ॥੧॥ ਰਹਾਉ। ਆਗਮ ਨਿਰਗਮ ਜੋਤਿਕ ਜਾਨਹਿ ਬਹੁ ਬਹੁ ਬਿਆਕਰਨਾ । ਤੰਤ ਮੰਤ੍ਰ ਸਭ ਅਉਖਧ ਜਾਨਹਿ ਅੰਤਿ ਤਊ ਮਰਨਾ ॥

"ڪبير آئي مُجهه ۾، الڪ ڪري ڪَرِ ڀِس
ڄم راکي گور آپڻي، اَن ڪيڏو آڏيس."

[سلوڪ (١)]

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته (مايا) مون وٽ طرح طرح جا ويس ڪري آئي، پر مونکي ڀڳتي گوروءَ جن کان ڀلائي ورتو، جنهنڪري مون مونکي نمسڪار ڪيو.

سري ڪبير صاحب جن انهيءَ موقعي بنسبت هيٺيون شبد پڻ اُچاريو آهي:-

(١) اِڪتُ پَتر پَر اُرڪَت ڪُرڪَت، اِڪتُ پَتر پَر پالي
آس پاس پنچ جوگيا بيٺي، بيچ نڪٽ ديراني

ارٿ:- (ليچيءَ کي ٻرايت ڪريل آهه) ڪڏهن ٿالهه ۾ قل ڦول ۽ ٻئي ٿالهه ۾ جل ڪٺي، مٿي جي چوگرد پنجن ڀت جا پنجن جوڳي ويٺا آهن ۽ وچ ۾ نڪ وڍيل واري ديوي (يعني ليچي) ويٺي آهي. [اُرڪت = اول. ڪرڪت = قل. نڪٽ = نڪ وڍيل واري ... ويٺي، ... ديراني = ديوي.]

نوٽ:- ڪي ٽيڪا ڪار "اُرڪت ڪرڪت" جو ارٿ ڪُتل ڪڪڙ ڪن ٿا ۽ "پالي" جو ارٿ شراب ڪن ٿا. اُن موجب مٿين اکرن جو ارٿ هي ٿيندو ته (وام مت وارا مايا کي پوڄيل آهه) ڪڏهن ٿالهه ۾ ڪُتل ڪڪڙ رکندا آهن ۽ ٻئي ٿالهه ۾ شراب رکندا آهن. چوگرد پنج جوڳي ويٺا آهن ۽ وچ ۾ نڪ وڍي رانڍي (يعني مايا) ويٺي آهي. [اُرڪت = ڪڍيل وڍيل يعني ڪرڪت = ڪڪڙ. پالي = شراب.]

نَڪٽي ڪو ٺنگُن ٻاڍا ڏوُن

ڪِنهِ ٻبيڪي ڪاٽي تونُ (اڪ رهاءِ)

ارٿ :- (هي مايا!) تو نہ وڏجڻ واريءَ جو چمتڪار ٻنهي لوڪن ۾ وڏو آهي جنهنڪري تنهنجو اثر اگيانين تي ٿئي ٿو. هي مايا! ڪنهن ويچاروان توکي ڪٽيو آهي يعني تنهنجو تياڳ ڪيو آهي. [ٺنگن = چمتڪار. ٺاخرو = ڄم ڄم. ٻاڍا = وڏو. ڏون = ٻنهي لوڪن ۾. ٻبيڪي = ويچاروان.]

(٢) سَگلَ ماهِ نَڪٽي ڪا واسا، سگل مارِ اؤهيري

سَگلِيا ڪي هَمُ ڀهِن ڀاڻجي، جِنهِ ٻري تِسُ چيري

ارٿ :- سڀ هند نڪٽيءَ جو واسو آهي ۽ سڀني کي ماري پنهنجو شڪار ڪري ٿي. مون جوي ٿي تہ مان سڀني جي ڀيڻ يا ڀاڻيجي آهيان (يعني سڀيئي مونکي ڀيڻ يا ڀاڻيجي سمجهي مونهنجي رکڻ جو جتن ڪن ٿا ۽ مونکي ڪنو ڪن ٿا)؛ جيڪو مون سان پرڻجي ٿو، تنهنجي مان داسي آهيان. يعني جيڪو مونکي پنهنجي وس رکي ٿو تنهنجي مان شيوا ڪريان ٿي. ٻ/و- شوم جي مونکي جمع ڪن ٿا، تن جي مان ڀيڻ آهيان، جيڪي مونکي ٻنيءَ ڪين خرچين، تن جي مان ڀاڻيجي آهيان ۽ جيڪي مونکي چڱي پاسي خرچين ٿا تن جي مان داسي آهيان. [اؤهيري = شڪار ڪريان ٿي. ڀهن = ڀيڻ. ڀاڻجي = ڀاڻيجي. ٻري = وري ٿو، پرڻجي ٿو. چيري = داسي.]

(٣) هَمرو ڀرٿا ٻڏو ٻبيڪي، آهي سنتُ ڪهاوئي

اوهِ هماري ماٿئي قائِم، اؤرُ همري نِڪٽ نہ آوئي

ارٿ :- (پرشن :- تو سان ڪو پرڻيو آهي؟ مايا جواتر:) منهنجو پتي وڏو ويچاروان آهي ۽ هو سنت ڪري ڪوٺبو آهي.

"ڪبير آئي مُڇجهه ڀهه ، اِڪ ڪري ڪريس
ءِ راکي کور آيهي ، اَن ڪيڏو آديسُ."

[سلوڪ (۸)

ارٿ :- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته رامايا مون وٽ طرح طرح جا ويس ڪري آئي ، پر مونکي پنهنجي گوروءَ جن کان سچائي ورتي، جنهنڪري هن مونکي نمسڪار ڪيو
سري ڪبير صاحب جن الهيءَ موقعي بنسبت بئيون شبد پڻ اُچاريو آهي :-

۱) اِڪُ پتر ڀرِ اُرڪت ڪُرڪت، اِڪُ پتر ڀرِ ڀالي
آس پاس پنجهه جوگيئا ٻئٺي، بيچ نڪٽ ديرالي

ارٿ :- (اجيمي کي براهت ڪرڻ لاءِ) هڪڙي ٿانو ۾ لال لول ۽ ٻئي ٿانو ۾ حل ڪٺي، هن جي چؤگرد ويٺو پنج جا ماتر جوڳي وس ٿا ۽ وچ ۾ نر ودجڻ واري ديوي (يعني اجيمي) وهي ٿي. [اُرڪت = لول. ڪرڪت = لسال. اڪت = نر ودجڻ واري ساڪ ودي، نرتي.
ديرالي = ديوي.

نوٽ :- ڪي ٽيڪاڪار "اُرڪت ڪُرڪت" جو ارٿ ڪُٺل ڪڪڙ ۽ "ڀالي" جو ارٿ شراب ڪن ٿا. اُن موجب مٿين تُڪ جو ارٿ هيئنڊ ڪن ٿا. اُن موجب مٿين تڪ جو ارٿ هيئنڊ و ته (وام مت وارا ديوي کي ريجهائڻ لاءِ) هڪڙي ٿانو ۾ ڪُٺل ڪڪڙ رکندا آهن ۽ ٻئي ٿانو ۾ شراب رکندا آهن. چؤگرد پنجهه جوڳي ويهندا آهن ۽ وچ ۾ ڪا ودي راڻي (يعني مايا) ويهندي آهي. [اُرڪت = ڪُٺل ودهل يعني ڪُٺل. ڪرڪت = ڪڪڙ. ڀالي = شراب.]

ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، پر ڪبير صاحب ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيائين ته مان ئي ڪپڙو هڪ آئي هٽ جي حساب ڏيندو آهيان ۽ انهيءَ کان مٿي بلڪل ڪين وٺان. مائي لڇميءَ هن کي ڪيترن نمونن سان هرڪائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪبير صاحب اڏول ۽ اچل رهيا. سري ڪبير صاحب جن اندر ڌيان تي ڏٺو ته هيءَ مائي جيڪا هون وٽ آئي آهي، سا رواجي استري نه آهي پر خود لڇمي آهي، جا جڳتر کي پالڻ تي ۽ پنهنجي چنچي ۾ آڻي تي ۽ تنهنڪري گوروءَ کي سنڀاري لڇميءَ کي چيائين ته تون اسانکي ڪام ڇڏڻ ۾ ورکهن وجهڻ آئي آهين ۽ سچ جي ڪمائيءَ ۾ ٺڳي سيکارڻ آئي آهين، سو جيڪڏهين توکي پنهنجي عزت پياري هجي ته هتان هلي وڃ ۽ وڃي پيا گهر ڳول. پر لڇمي وڃڻ جي نه پئي ڪئي. تنهن تي هنکي چوٽيءَ کان جهلي سندس نڪ چپ پنهنجي ڇريءَ سان وڍي ڇڏيائين ۽ چيائينس ته هاڻي جنهنکي دانهن ڏيڻي هجيئي تنهنکي وڃي ڏي. مٿان سري نارائڻ مهراج آيو. انجي ڪبير صاحب ڏاڍي وندنا ڪئي. لڇمي اُڏان لڇي تي سري نارائڻ کي گڏي ۽ نمسڪار ڪري چيائين ته سائين! تو هانجا اُپاشڪ بيشڪ وڏا آهن ۽ مان پليس. مونکي منهنجي گستاخيءَ ۽ مغروريءَ لاءِ معافي ڏجو. تنهن تي نارائڻ لڇميءَ کي پنهنجي گلي لڳائي هن جي منهن تي هٿ ڪڍي ڦيريو ته اُنجا وڍيل عضوا سڄا ٿي پيا. پوءِ لڇمي سري ڪبير صاحب جي چرنن تي ڪري پيئي ۽ هنکي نمسڪار ڪيائين. انهي موقعي نسبت سري ڪبير صاحب جن هيٺيون سندر سلوڪ اُچاريو آهي:-

والدي ڪرڻي پوندي. ساڌوءَ چيو تہ مان والدي ڪري
ڪين سگھندس. تنھن تي ساڌوءَ کي زور سان ڌڪالي
سندس سامان سڀ ڪوٺيءَ کان ڪڍي ٻاھر ڪيائين
۽ لڇميءَ کي اچي وھاريائين. ساڌوءَ پنھنجو سامان کڻي
تي رکي ڪوٺ کان ٻاھر ٿي نڪتو تہ لڇمي اڳيان اچي
نمسڪار ڪيس ۽ چيائينس تہ سوامي! ڪيڏانھن ٿا ھليو؟
ڏٺو تہ اوھان جي عزت اوکن ۾ وڌيڪ، ڪين
منھنجي؟ ناراض آھي ڏاڍو تہ پيا منھنجي پٽن کي تہ موڏي
ڏيکار تہ پوءِ جوان تہ تون برابر ڀلوان آھين. لڇميءَ
پتاڪ ڌڻين تہ آھي بہ منھنجي اثر کان پري نہ آھن.
ناراض چيس تہ منھنجو ڀڳت ڪبير، جو ھن ڪوٺ کان
اڪو ھر پد تي رھي ٿو، تنھنکي وڃي لڳي ڏيکار تہ
الصاف مڃان. لڇميءَ چيو تہ چڱو. پوءِ ڪٿي ھار سينگار
ڪيائين، پوان ۾ ڪٿي کھڪھٽا پڌائين ۽ سٺي ۾ سٺا
وسترا پھري ڪبير ڀڳت وٽ آئي. ڪبير صاحب تہ
پنھنجي تاڃي اڻڻ ۽ زبان سان رام رام جپڻ ۾ مشغول
ھئا ۽ لڇميءَ ڏانھن ڪو بہ خيال نہ ڏنائون. لڇمي ڏٺو
تہ ھيءُ ماڻھو ڪڏھن بہ متي نٿو ڪري، سو سري ڪبير
صاحب کي چوڻ لڳي تہ ”اي ڪوري! توکي ايڏو
ھٿ چاڙھو ٿيو آھي، جو تون منھنجي بہ متي نٿو ڪرين.
ھوڪي تنھنجي اڻبل ڪاڏي ڪپي تون پنھنجي ڪرادڪن
کي بہ منھن نہ ڏيندين تہ تنھنجو ڪم ڪيئن ھلندو؟“
ڪبير صاحب وراڻي ڏني تہ جيڪا ڪاڏي تيار وٺو
ڪريان، سا اڳھين پوليل اٿم ۽ آڌا ڏيئي نہ سگھندس.
لڇميءَ چيس تہ مان توکي ڏھ روپيا ھٽ جي حساب

ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، پر ڪبير صاحب ڏيڻ کان انڪار
ڪيو ۽ چيائين ته مان هي ڪپڙو هڪ آئي هٽ جي
حساب ڏيندو آهيان ۽ انهيءَ کان مٿي بلڪل ڪين
وٺان. مائي لڇميءَ هن کي ڪيترن نمونن سان هرڪائڻ
جي ڪوشش ڪئي پر ڪبير صاحب اڏول ۽ اچل رهيا.
سري ڪبير صاحب جون انترڌيان ٿي ڏٺو ته هيءَ مائي
جيڪا مون وٽ آئي آهي، سا رواجي استري نه آهي پر
خود لڇمي آهي، جا جڳتر کي پالڻ ٿي ۽ پنهنجي چنچل
۽ آڪي ٿي ۽ تنهنڪري گوروءَ کي سنڀاري لڇميءَ کي
چيائين ته تون اسانکي ڌام ڇوڙ ۽ وڪهن وڃڻ آئي
آهين ۽ سچ جي ڪمائيءَ ۽ نڳي سيڪارڻ آئي آهين،
سو جيڪڏهين توکي پنهنجي عزت پياري هجي ته هتان
هلي وڃ ۽ وڃي ٻيا ڪهر ڳول. پر لڇمي وڃڻ جي نه
پئي ڪئي. تنهن تي هنکي چوٽيءَ کان جهلي سندس
نڪ چپ پنهنجي ڇريءَ سان وڍي ڇڏيائين ۽ چيائينس
ته ها ٿي جينهنکي دائين ڏيڻي هجيٺي تنهنکي وڃي ڏي.
مٿان سري نارائڻ مهراج آيو. اُنجي ڪبير صاحب ڏاڍي
وندنا ڪئي. لڇمي اُڏان لڇي ٿي سري نارائڻ کي
گڏي ۽ نمسڪار ڪري چيائين ته سائين! تو هالنجا اُپاشڪ
بيشڪ وڏا آهن ۽ مان پليس. مونکي منهنجي
گستاخيءَ ۽ مغروريءَ لاءِ معافي ڏجو. تنهن تي نارائڻ
لڇميءَ کي پنهنجي ڳلي لڳائي هن جي منهن تي هٿ
ڪڍي ڦيريو ته اُنجا وڍيل عضوا سڄا ٿي پيا. پوءِ لڇمي
سري ڪبير صاحب جي چرنن تي ڪري پيئي ۽ هنکي
نمسڪار ڪيائين. انهي موقعي نسبت سري ڪبير
صاحب جن هيٺيون سندر سلوڪ اُچاريو آهي:-

ڏيئل آهين. تو مالڪن کي چڱي طرح پرکيو ته آهي ته
ڪيترو سچ پوئي ٿو. پکين ايڪن ۽ انهيءَ ڪيترو
مٿي آهي. مشهور پکين وڃي تنهن انهيءَ ڪوڏي
هوندو پر ڏٺو ڪونهي. هو ٿورڪي سرهي ڪري ڪولين
ڏني هو پڻ پيڇي ادب مٿي ته ڏيکاريو ته هلو ته الهه
ڳالهه جي پڙيڪيا ونڃي اهڙن. اوهين فلاڻي شاهوڪار
جي گهر ويو، مان ٻڌي ٻڌيان اچان. ڏسون ته هو اوهان
کي ڪو وڏيڪ عزت ڏئي، ڪين مولڪي ڪو وڌيڪ ڏئي.
پوءِ سوڌي ڌاڙط وڃي پيدا ڪري ساڌ وڃي ويس ڪري آهي
شاهوڪار جي گهر ويو، جنهن هن کي مها سخت سمجهيو
ڏاڍي عزت ڏني ۽ عرض ڪيائين ته ديالي ڪهه
وقت اسان ڏي وڃو. ڌاڙط جواب ڏنس ته پيارا اسير
جي ۽ پالڻا آهيو ته ڪهڙو وقت اسانکي ڪهڙو
آهي او ٿورو وقت رهندا آهيون، سو جيڪڏهن ٿوڪي
اسانجي ڌاڙط جي سرڻا آهي ته اسانکي ايڪلت ڪ
ڪرو ڪمرو ڏي ۽ اُن مان ڪنهن به صورت
اسانکي نه اٿاريندين." شاهوڪار جواب ڏنو ته سائين
اوهين بالشڪ پنهنجي پسند جو موجب ڪمرو وٺو
مان ڪڏهن اوهانکي اٿارڻ لاءِ نه ويندس.
ڌاڙط ڪنڊ ڪمرو ڏٺي ۽ جيڪو وقت لڳو ته
ڏينهن ڪڍڻ بعد انهيءَ ڪمرا سندو اسري جو
ڪري، پر ڪٿا ڏئي ۽ ڏنو جنهن ويٺو ڪي ڪ
ٿي ڪئي هي اُن شاهوڪار جي پنهنجي جي ٿوري
ٻڌي ۽ ٿي ڏيئي، ڪهڙو پر تنهن ڪري ڏٺي ته
ڪريٿي هم اسان ڪجهه ڏنس ۽ ٿي پنهنجي

ڪہُ ڪبير جنِ ايڪو بوُجهِيا
گور پرساد مئي سڀ ڪڇهُ سوُجهِيا.

ارٿ :- (هي هري!) مان تنهنجو پٽر آهيان ۽ تون منهنجو پيا آهين. (هاڻي) هڪڙيئي هنڌ اسان ٻنهي جو رهڻ ٿيو آهي يعني هردي روپي استان ۾ اسان ٻنهي جو رهڻ آهي. سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ (مون) داس تو هڪڙي کي ئي ڄاتو آهي، (جنهنڪري) گوروءَ جي ديا سان مون کي سڀني ڳالهين جي سوجهي ٿي آهي. [ٺاهر = هنڌ. بسيرا == رهڻ.]

ਆਸਾ

ਇਕਤੁ ਪਤਰਿ ਭਰਿ ਉਰਕਟ ਕੁਰਕਟ ਇਕਤੁ ਪਤਰਿ ਭਰਿ ਪਾਨੀ॥
ਆਸਿ ਪਾਸਿ ਪੰਚ ਜੋਗੀਆ ਬੈਠੇ ਬੀਚਿ ਨਕਟ ਦੇਰਾਨੀ ॥ ੧ ॥
ਨਕਟੀ ਕੋ ਠਨਗਨੁ ਬਾਡਾਡੂੰ ॥ ਕਿਨਹਿ ਬਿਬੇਕੀ ਕਾਟੀ ਤੂੰ ॥੧॥
ਰਹਾਉ ॥ ਸਗਲ ਮਾਹਿ ਨਕਟੀ ਕਾ ਵਾਸਾ ਸਗਲ ਮਾਰਿ ਅਉਹੇਰੀ ॥
ਸਗਲਿਆ ਕੀ ਹਉ ਬਹਿਨ ਭਾਨਜੀ ਜਿਨਹਿ ਬਰੀ ਤਿਸੁ ਚੇਰੀ
॥ ੨ ॥ ਹਮਰੋ ਭਰਤਾ ਬਡੋ ਬਿਬੇਕੀ ਆਪੇ ਸੰਤੁ ਕਹਾਵੈ ॥
ਓਹੁ ਹਮਾਰੈ ਮਾਥੈ ਕਾਇਮੁ ਅਉਰੁ ਹਮਰੈ ਨਿਕਟਿ ਨ ਆਵੈ ॥੩॥
ਨਾਕਹੁ ਕਾਟੀ ਕਾਨਹੁ ਕਾਟੀ ਕਾਟਿ ਕੂਟਿ ਕੈ ਡਾਰੀ॥ ਕਹੁ ਕਬੀਰ
ਸੰਤਨ ਕੀ ਬੈਰਨਿ ਤੀਨਿ ਲੋਕ ਕੀ ਪਿਆਰੀ ॥ ੪ ॥ ੪ ॥

آسا سري ڪبير جيئہ شبد (٣)

اُٿانڪا :- هڪ دفعي سري نارائڻ ۽ لڇمي ڪٺا ويٺا هئا. لڇمي ڏاڍي ڏولاءُ ۾ پرجي چوڻ لڳي تہ "مهراج! مون ساري سنسار کي پنهنجي وس ڪيو آهي، منهنجي عزت لوڪن ۾ اوهان کان بہ گهڻي آهي." تنهن تي نارائڻ سوامي چوڻ لڳو تہ "لڇمي! تون

ٿي لڳي. [مائي = ماءُ يعني ممتا. ڪرا = ٻاڪل، ڏاڍو.
ٻڪالا = سکي. ڏڳاي = ڳوڏڙي. ٻالا = ٻارو، ننڍ.] .

(٢) ٻلِ تسُ ٻاپِيُ، جِن ھمُ جائيا
پنچا تي ميرا سنگُ چڪائيا
پنچ مارِ ٻاوا تلِ ڏبهي
ھرِ سمرنِ ميرا منُ تنُ ڀيڻي

ارٿ:- ٻالار وڃان اُنهيءَ پتا تان جنهن مونکي پيدا ڪيو ۽ جنهن مونکي پنجن (ڪام آدڪ وڪارن) جي سنگ کان دور ڪيو. مون پنجن وڪارن کي جيتي پنهنجي پيرن ھيٺ لتاڙي ختم ڪيو آھي يعني انهن کي پنهنجي وس ڪيو آھي ۽ هريءَ جي سمرڻ ۾ منهنجو من تنوڙي تن ڀنل آھي. [جائيا = پيدا ڪيو. چڪائيا = دور ڪيو. ٻاوا = پير. تل = تري. ڀيهي = ڀنل.]

(٣) پتا ھمارو وڏ ڳوسائي
تسُ پتا پھ ھمُ ڪيُمُ ڪرِ جائي
ستگورِ ملي تہ مارگُ ڏکائيا
جڳت پتا ميريءَ منِ ڀائيا

ارٿ:- منهنجو پتا وڏو آھي ۽ ڌرتيءَ جو مالڪ آھي. ... پتا وٽ مان ڪيئن وڃان؟ جڏھين ستگورو مونکي ... مونکي رستو ڏيکاريو. (تڏھن) جڳت جو پتا ... ڏاڍو پيارو لڳو. [ڳوسائي = ڌرتيءَ جو مالڪ. ڀائيا = وڻيو، پيارو لڳو.]

ھمُ پُوت تيرا، تُون ٻاپُ ميرا
ايڪي ٺاھر ڏھا بسيرا

ਪੰਚ ਮਾਰਿ ਪਾਵਾ ਤਲਿ ਦੀਨੇ ॥ ਹਰਿ ਸਿਮਰਨਿ ਮੇਰਾ ਮਨੁ ਤਨੁ ਭੀਨੇ ॥ ੨ ॥ ਪਿਤਾ ਹਮਾਰੋ ਵਡ ਗੋਸਾਈ ॥ ਤਿਸੁ ਪਿਤਾ ਪਹਿ ਹਉ ਕਿਉ ਕਰਿ ਜਾਈ ॥ ਸਤਿਗੁਰ ਮਿਲੇ ਤ ਮਾਰਗੁ ਦਿਖਾਇਆ ॥ ਜਗਤ ਪਿਤਾ ਮੇਰੈ ਮਨਿ ਭਾਇਆ ॥ ੩ ॥ ਹਉ ਪੂਤੁ ਤੇਰਾ ਤੂੰ ਬਾਪੁ ਮੇਰਾ ॥ ਏਕੈ ਠਾਹਰ ਦੁਹਾ ਬਸੇਰਾ ॥ ਕਹੁ ਕਬੀਰ ਜਨਿ ਏਕੋ ਬੂਝਿਆ ॥ ਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ਮੈ ਸਭੁ ਕਿਛ ਸੂਝਿਆ ॥ ੪ ॥ ੩ ॥

آسا سري ڪبير جيءَ شبد (٣)

هن شبد ۾ سري ڪبير صاحب جن پنهنجي سنڌر دشا ٻڌائين ٿا ۽ پرڀوءَ جي ديا جو ورڻن ڪن ٿا.

(١) ٻاپ دلاسا ميرو ڪينا
سيجهه سکالي، مکِ امرت دينا
تِس ٻاپ ڪُنْ، ڪِيُن منهُ وساري
آگي گئيا، نه ٻازي هاري

ارٿ :- (هري) پتا مونکي آٿت ڏنو آهي. هن مونکي (انتهڪرڻ روپي) سکي ڪئي ۽ مک ۾ (نام جو) امرت ڏنو آهي. اهڙي پتا کي مان ڇا لاءِ وساريان؟ ڇو ته جڏهين مان سرير تياڳيندس، تڏهين مان بازي نه هارائيندس. [دلاسا = آٿت. سکالي = سکي. آگي گئيا = پرلوڪ وڃڻ، ديهي ڇڏڻ، سرير تياڳڻ.]

مُئي ميري مائي، هَئُن کَرا سُکالا
پهِرَنِ نهي دَگلي، لَکي نه پالا (اِڪ رهاءُ)

ارٿ :- منهنجي ممتا مري ويئي آهي، جنهنڪري مان بلڪل سکي ٿيو آهيان. هاڻي مان (ديهه ابهمان روپي) گودڙي نه پهريندس جو ته (اگيان روپي) ٿڌ مونکي ڪانه

ارت :- جو باپ ملی جاہر تی جاڑدیں ناں ؛ کالیوں ڈرئی ہاریں نا. ڈرتیء کی کوتی نہ جلیوں تائیں نا، پر سچا منگر حیئرانی کابو وحن (یا- سبنی ماٹھن حا مردا کائیں نا). [مابحر = ملی. ہسدا = ڈرتی. کود = کوتی.]

(۳) اوہ پئی سدا تُوَہ آپراڈی ، مُکہہ آبرس کہاوہ
سدا سدا تُوَہ اپمالی ، سکل کٹنب ڈہاوہ

ارت :- اُدی ہابی سدائیں ابراڈن سان یریل رہن نان بر مکر سان ہالکی "ابرس" حوائیں نا (یعنی دو جوندا آدن تر متان کو اسانکی جھی ، اسان تی حوب لگائی). دو سدائیں امنکاری تی ورتن نا ؛ پنہندحو سحو کٹنب ہوڑین نا. [ابرس = نہ جھت جوڑو، نہ سرش کرن جوڑو. ڈہاوہ = ہوڑین نا.]

(۴) جت کو انیا تعہی اکا ، تتسی کرم کماوی
کہہ کبیر جس ستگور بیتی ، ہنرب جنم نہ آوی.

ارت :- جتی جتی جیو کی برماتما (کرس موجب) لگایو آہی ، اُتیٹی دو لگو ہیو آہی ؛ انہیء موجب اُسی دو کرم کری تو. سری کبیر صاحب جن فرمائین نا تر جنہنکی پورن ستگورو ملی تو ، سو وری جنم نہ تبواجی.
[بیتی = ملی تو ، درس ڈئی تو. ہنرب = موتی.]

ਆਸਾ

ਬਾਪਿ ਦਿਲਾਸਾ ਮੇਰੋ ਕੀਨਾ ॥ ਸੇਜ ਸੁਖਾਲੀ ਮੁਖਿ ਅੰਮ੍ਰਿਤੁ ਦੀਨਾ॥
ਤਿਸੁ ਬਾਪ ਕਉ ਕਿਉ ਮਨਹੁ ਵਿਸਾਰੀ ॥ ਆਗੈ ਗਇਆ ਨ
ਬਾਜੀ ਹਾਰੀ ॥ ੧ ॥ ਮੁਈ ਮੇਰੀ ਮਾਈ ਹਉ ਖਰਾ ਸੁਖਾਲਾ ।
ਪਹਿਰਉ ਨਹੀ ਦਗਲੀ ਲਗੈ ਨ ਪਾਲਾ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਬਲਿ
ਤਿਸੁ ਬਾਪੈ ਜਿਨਿ ਹਉ ਜਾਇਆ ॥ ਪੰਚਾ ਤੇ ਮੇਰਾ ਸੰਗੁ ਚੁਕਾਇ

ਕੋ ਲਾਇਆ ਤਿਤਹੀ ਲਾਗਾ ਤੈਸੇ ਕਰਮ ਕਮਾਵੈ ॥ ਕਹੁ ਕਬੀਰ
ਜਿਸੁ ਸਤਿਗੁਰੁ ਭੇਟੈ ਪੁਨਰਪਿ ਜਨਮਿ ਨ ਆਵੈ ॥ ੪ ॥ ੨ ॥

آسا سري ڪبير جيءَ شبد (٢)

هيءُ شبد ۾ سري ڪبير صاحب جن ڪاشيءَ جي برهمڻن جي پاکنڊ کي ننديو آهي ۽ سندن ڪپٽ ۽ ڍونگي ظاهر ڪيا اٿن.

(١) گڄ ساڍي ٽيءِ ٽيءِ ڌوتيئا، ٽهري پائن تڳ
گلي جنا جپ ماليئا، لوٽي هٿ نبگ
اوءِ هرڪي سنت نه آکيئهه، بانا رس ڪي ٺڳ

ارٿ :- (برهمڻ) ساڍن ٽن ٽن هٿن جون (ٻه) ڌوتيون رکن ٿا (يعني هڪڙي ڌوتي سنان ڪرڻ مهل ڌوئي سڪائين ٿا ۽ ٻي پائين ٿا) ۽ ٽن تندن وارو جڻيو پائين ٿا. انهن جي ڳچيءَ ۾ جپڻ لاءِ مالهائون پيئون آهن ۽ هٿن ۾ بلڪل اوجل لوٽا اٿن. انهن کي هريءَ جو سنت ڪري نه سڏڻ گهرجي، پر بنارس جو ٺڳ چوڻ گهرجي. [گڄ = گز، هٿ. ٽيءِ ٽيءِ = ٽي ٽي. ٽهري = ٽن تندن وارو. تڳ = جڻيو. جپ ماليئا = مالهائون. نبگ = بلڪل اوجل، چلڪندڙ.]

آئسي سنت نه مو ڪئه ڀاوهه
ڏالا سئه پيڏا گٽڪاوهه (١ رهاءُ)

ارٿ :- اهڙا سنت مونکي وڻندڙ نه آهن (جو ته) اهي ڏارين سوڌا وڻ ڳرڪايو وڃن. (مطلب ته جيون کي ڦري ڦانگ ڪن). [ڏالا = ڏاريون. پيڏا = وڻ. گٽڪاوهه = ڳرڪايو وڃن.]

(٢) باسن مانجه چراوهه اوپر، ڪاٺي ڌوءِ جلاوهه
بسڌا کوڌ ڪرهه دءِ چولي، ساري ماڻس کاوهه

[ڪٺي = گوڙ جي سڪا. اُڀجي = اُتپن ٿئي، ابرڪري. اُڀجي = من جي مت. ٻاٻاڙا = ست ؛ اُست ، ڌرم ؛ اڌرم ٻيو ڻا = رمت، ڏالي. اُڏيءَ = ساڳر اُبرڻ يعني جمڻ. اُست يعني مرڻ. ٻڌ = خيال. سوامي = شانت روپ پرماتما.]

(۳) جهڙ پرتيبنب بنب ڪئو ملي جي اُدڪ ڪُنڀ بگرانا.
ڪهُ ڪبير اَئسا گُڻ ڀرم ڀاڳا، تئو من سُن سمانا.

ارٿ :- جهڙيطرح پاڻي جي دلي ڀڄي پوڻ سان سورج جو پاڇو، جو دلي ۾ هو، سو وري سورج سان مليو، تهڙيطرح اگيانڪرڻ روپي دلو، جو واشنا روپي جل سان ڀريو پيو آهي، سو جڏهين ٽٽي ٿو، تڏهين جيو جو پاڇي روپ آهي، سو وري پرماتما روپي سورج سان ملي ٿو. سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ جڏهين اهڙيطرح گيان روپي گڻ، جيو کي پراپت ٿئي ٿو؛ ڀرم ڀاڄي وڃي ٿو، تڏهين هي من پرماتما ۾ سمائجي وڃي ٿو. [پرتبنب = ڪنهن شيءِ جو پاڇو. بنب = اصلوڪي شيءِ. اُدڪ = پاڻي. بگرانا = ڀڄي پوڻ سان. سن = اڦر پرماتما.]

ਆਸਾ

ਗਜ ਸਾਢੇ ਤੈ ਤੈ ਧੋਤੀਆ ਤਿਹਰੇ ਪਾਇਨਿ ਤਗ ॥ ਗਲੀ ਜਿਨਾ ਜਪ ਮਾਲੀਆ ਲੋਟੇ ਹਥਿ ਨਿਬਗ ॥ ਓਇ ਹਰਿ ਕੇ ਸੰਤ ਨ ਆਖੀਅਹਿ ਬਾਨਾਰਸਿ ਕੇ ਠਗ ॥ ੧ ॥ ਐਸੇ ਸੰਤ ਨ ਮੋਕਉ ਭਾਵਹਿ ॥ ਡਾਲਾ ਸਿਉ ਪੇਡਾ ਗਟਕਾਵਹਿ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਬਾਸਨ ਮਾਂਜਿ ਚਰਾਵਹਿ ਊਪਰਿ ਕਾਠੀ ਧੋਇ ਜਲਾਵਹਿ ॥ ਬਸੁਧਾ ਖੋਦਿ ਕਰਹਿ ਦੁਇ ਚੂਲ੍ਹੇ ਸਾਰੇ ਮਾਣਸ ਖਾਵਹਿ ॥ ੨ ॥ ਓਇ ਪਾਪੀ ਸਦਾ ਫਿਰਹਿ ਅਪਰਾਧੀ ਮੁਖਹੁ ਅਪਰਸ ਕਹਾਵਹਿ ॥ ਸਦਾ ਸਦਾ ਫਿਰਹਿ ਅਭਿਮਾਨੀ ਸਗਲ ਕੁਟੰਬ ਡੁਬਾਵਹਿ ॥ ੩ ॥ ਜਿਤੁ

جنم مرن دُکُ ڦيڙ ڪرم، سُکُ جيءَ جنم تي ڇُوٽيءِ
(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- (اُتر پهرين پرشن جو) جنم مرڻ جو دک، ڪيل ڪرمن ڪري ٿئي ٿو؛ سک جيو کي تڏهين ملي، جڏهين هو جنم مرڻ کان ڇٽي وڃي. [ڦيڙ = ڪيل.]

(٢) مائيا ڦاس بنڌ نهي ڦاريءِ، اُرمن سُن نہ لُوڪيءِ
آپا پد نرباڻُ نہ چينتا، اِن بدِ اَپِٿُر نہ چُوڪيءِ

ارٿ:- (ٻهرئين پرشن جو اُتر) جيو مايا روپي ڦاهيءَ جا بندن نٿو ٽوڙي؛ هن جو من پرماتما ۾ استٿ نٿو ٿئي. هو پنهنجي سروپ کي؛ دک کان رهت واهگوروءَ کي نٿو ڄاڻي، انهيءَ ڪري ڀو کان رهت نہ ٿو ٿئي؛ ڀلل آهي. (انهي سبب آتما سريرن ۾ وڌي ويٺي آهي). [سن = پرماتما. لوڪيءِ = استٿ ٿئي. آپاپد = پنهنجو سروپ. نرباڻ = دک کان رهت. اپٿر = ڀو کان رهت. چوڪيءِ = ڀلل.]

(٣) ڪهي نہ اُپجيءِ، اُپجي جا ڻيءِ، ڀاو اڀاو بِهُوڻا
اُديءِ آست ڪي مَن بدِ ناسي، تُہ سدا سهجہ لِو ليڻا

ارٿ:- (ٽئين پرشن جو اُتر) گورو جي سکيا جيو جي هردي ۾ اُتپن نہ ٿي ٿئي يعني اثر نٿي ڪري؛ هو پنهنجي من جي مت کي (جڳي) سمجهي ٿو؛ هو ست؛ آست جاڻڻ کان رهت آهي. (پرشن) هاڻي هنجو ڪاياڻ ڪئن ٿئي؟ (اُتر) جڏهين جمڻ مرڻ جو خيال جيو جي من مان ناس ٿئي ٿو، تڏهين هو سدائين شانت روپ پرماتما ۾ پنهنجي لو لڳائي رهي ٿو.

راڳ آسا ڀڳتان ڪي واڻي

ﻪ ستگرپرساد / ايڪ اوڪار ست نام ڪرتا پرک نربهؤ نرويرو اڪال مورت اجوني سئيڀن گرپرساد

آسا سري ڪبير جيئه شبد (١)

هن شبد جي پهرين تن تڪن ۾ سري ڪبير صاحب پنهنجي گرو ديو سري رامانند صاحب کان پرشن ڪيا آهن، جن جا اُتر سري رامانند صاحب هن شبد جي باقي پاڱن ۾ ڏنا آهن.

(١) گر چرن لاڳ هم بنوتا، پوچهت ڪه جيئُ پائِيا

ارٿ:- (پهرين پرشن) - گرو ديو! مان اوهان جي چرڻن تي لڳي بنتي ڪري پڇان ٿو ته آتما، سرير روپي قيد خاني ۾ ڇو وڌي ويئي آهي؟ يعني آتما جو سنبنڌ سرير سان ڇو ٿيو آهي؟ [جيئه = آتما.]

ڪوَن ڪاج جڳ اُپجي بنسي، ڪههُ موهِ سمجهائِيا

ارٿ:- (ٻيو پرشن) جاجي ڪري جڳت جا جيو پيدا ٿين ٿا ۽ وري ناس ٿين ٿا، اها ڳالهه مونکي سمجهائي ٻڌايو. [موهِ = مونکي.]

ديوَ ڪرهُ دَيا موهِ مارگ لاوَهُ، جت ڀي بنڌن تُوٽئي

ارٿ:- (ٽيون پرشن) - هي گرو ديو! مونکي اهڙي وات ۾ لڳايو، جنهن ۾ (جنم مرڻ سان) ڊپ ۽ بندن ٽٽي وڃن. [ديو = پرڪاشڪ گرو.]

ਰਾਗੁ ਆਸਾ ਭਗਤਾਂ ਕੀ ਬਾਣੀ

ੴ ਸਤਿਨਾਮੁ ਕਰਤਾ ਪੁਰਖੁ ਨਿਰਭਉ ਨਿਰਵੈਰੁ

ਅਕਾਲ ਮੂਰਤਿ ਅਜੂਨੀ ਸੈਭੰ ਗੁਰਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਰਾਗੁ ਆਸਾ ਬਾਣੀ ਭਗਤਾ ਕੀ

ਕਬੀਰ ਜੀਉ ਨਾਮਦੇਉ ਜੀਉ ॥ ਰਵਿਦਾਸ ਜੀਉ ॥

ਆਸਾ ਸ੍ਰੀ ਕਬੀਰ ਜੀਉ

ਗੁਰ ਚਰਣ ਲਾਗਿ ਹਮ ਬਿਨਵਤਾ ਪੂਛਤ ਕਹ ਜੀਉ ਪਾਇਆ ॥ ਕਵਨ ਕਾਜਿ ਜਗੁ ਉਪਜੈ ਬਿਨਸੈ ਕਹਹੁ ਮੋਹਿ ਸਮਝਾਇਆ ॥੧॥ ਦੇਵ ਕਰਹੁ ਦਇਆ ਮੋਹਿ ਮਾਰਗਿ ਲਾਵਹੁ ਜਿਤੁ ਭੈ ਬੰਧਨ ਤੂਟੈ ॥ ਜਨਮ ਮਰਨ ਦੁਖ ਫੇੜ ਕਰਮ ਸੁਖ ਜੀਅ ਜਨਮ ਤੇ ਛੂਟੈ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਮਾਇਆ ਫਾਸ ਬੰਧ ਨਹੀ ਫਾਰੈ ਅਰੁ ਮਨ ਸੁੰਨਿ ਨ ਲੂਕੇ ॥ ਆਪਾ ਪਦੁ ਨਿਰਬਾਣੁ ਨ ਚੀਨਿਆ ਇਨ ਬਿਧਿ ਅਭਿਉ ਨ ਚੂਕੇ ॥ ੨ ॥ ਕਹੀ ਨ ਉਪਜੈ ਉਪਜੀ ਜਾਣੈ ਭਾਵ ਅਭਾਵ ਬਿਹੂਣਾ ॥ ਉਦੈ ਅਸਤ ਕੀ ਮਨ ਬੁਧਿ ਨਾਸੀ ਤਉ ਸਦਾ ਸਹਜਿ ਲਿਵ ਲੀਣਾ ॥ ੩ ॥ ਜਿਉ ਪ੍ਰਤਿਬਿੰਬੁ ਬਿੰਬ ਕਉ ਮਿਲੀ ਹੈ ਉਦਕ ਕੁੰਭੁ ਬਿਗਰਾਨਾ ॥ ਕਹੁ ਕਬੀਰ ਐਸਾ ਗੁਣ ਭ੍ਰਮੁ ਭਾਗਾ ਤਉ ਮਨੁ ਸੁੰਨਿ ਸਮਾਨਾਂ ॥ ੪ ॥ ੧ ॥

ارٿ:- جيون کي اها ئي ڪرت ڪمائڻي آهي، جا
انهيءَ پرماتما ڌُر کان ٻالي هلدي آهي يعني لکي هلدي آهي.
سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ هڪ پرميشور کان
سواءِ ٻي ڪا جاءِ نہ آهي يعني اسان کي اُنجوئي آسرو وٺڻ
گهرجي. [ٻاهري = کان سواءِ.]

سو ڪريءِ، جي تسيءِ رضاءِ.

ارٿ:- پرماتما اهو ئو ڪري، جيڪي کيس وڻي ٿو.
[رضاءِ = وڻي ٿو.]

پرمان:- (١) ”جو تِسُ ڀاوي سوئي ڪَرَسي،
حُڪَمُ نہ ڪَرڻا جائي
سو پاتشاهُ ساها پاتِ صاحِبُ، نانڪ رَهڻُ رَضائي.
[سري جپ صاحب پؤڙي (٢٧)]
(٢) ”جو ڪِڇُ هوئا سُڀ تيرا ڀاڻا“
[پرڀاتي باڻي ڀڳت ڪبير جي شبد (١)]

سکيا.

پؤڙي (٢٤) جي سلوڪن ۾ ٻہ سا کي سکيا ٿين
موهيندڙن لفظن ۾ آهي تہ رچڻهار ساري سرشٽيءَ جو
پرڀو ئي آهي ۽ پؤڙي ۾ سکيا آهي تہ پرميسر جي وڏائي
چوڻ کان ٻاهر آهي. پرڀو سڀ سمرٿ ۽ ديالو آهي.
سڀني کي رزق پهچائيندڙ ۽ سڀدان راکو ٻاڻ ئي آهي.
تن جو ئي پاڙو ورتي گو.

ست سري اڪال

ارٿ :- پاڻ ئي جيون کي بڻائي ٿو ۽ پاڻ ئي اُنهن کي استان ڏيئي رکي ٿو. پنهنجي سرشٽيءَ ۾ جيو جنت پيدا ڪري اُنهن جي پالنا ڪري ٿو ۽ وري اُنهن کي ناس ڪري پاڻ وينو ڏسي. [جائي = ڄاءِ تي، استان ڏيئي. ٿاپ = پالنا ڪرڻ. اُٿاپ = ناس ڪرڻ.]

ڪِسِ نو ڪهيئي نانڪا، سَڀُ ڪِڇهُ آپِ آپِ.

ارٿ :- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته جڏهين سيڪي پاڻ ئي پاڻ آهي، تڏهين ٻئي ڪنهن کي ڇا جي يعني ڪنهن سان پنهنجو حال اورجي.

پؤڙي (۲۴)

(پرماتما جي اُستت.)

وَڏي ڪيما وَڏِئا ئيمآ، ڪِڇهُ ڪَهڻا ڪَهڻُ نه جاءِ .

سو ڪَرتا قادر ڪريمُ، دي جيئا رِزقُ سنباهِ

ارٿ :- وڏي پرماتما جي وڏاين جو ڪجهه بيان ڪجي نه ٿو سگهجي. اهو ڪرتار قدرت وارو ۽ ديال آهي ۽ جيون کي رزق پهچائي ڏئي ٿو. [قادر = قدرت وارو، شڪتيوان ڪريم = رحيم، ديال. سنباهِ = پهچائي]

پرماڻ :- "سِرِ سِرِ رِزقُ سنباهي نانڪُ ڪاهي مَن ڀَئُ ڪرئا."

[راڳ گوجري محلا (۵) شبد (۱).]

جنهنجو مطلب آهي ته پرماتما هر هڪ جيو جو رزق ڏاهي ڇڏيو آهي. هي مَن! تون ڇو ڀَو ڪرين؟

سائي ڪار ڪماوڻي، ڌرِ ڇوڏي تنيءَ پاءِ

نانڪ ايڪي ٻاهري، هور دوُجي ناهي جاءِ

ਦੂਜੀ ਨਾਹੀ ਜਾਇ ॥ ਸੋ ਕਰੈ ਜਿ ਤਿਸੈ ਰਜਾਇ ॥ ੨੪ ॥ ੧ ॥

(١) سلوڪ محلا پهلا

(پرماتما جي پن پن رچنا ۽ بخشش .)

آپي پالدي سا جڻن ، آپي پوُرڻ ديهه

اِڪِي دُهُ سمائيئي ، اِڪ چلي رمن ڪڙي

ارٿ :- پرماتما سريو روپ ٿيو پاڻ بڻايا آهن ۽ پاڻ ئي اُنهنکي (جيئن روپي) پورنتا ڏني اٿس . (ڪرمن اوسار) ڪڙن جي اندر ڪير سمايو پيو آهي ۽ مطلب ته اُنهن ۾ پگولت جي لڳتي ، ڪيرتن ۽ گڻ جو جس روپي کير جمدو پيو آهي ۽ ڪڙا (راڳ دويش روپي) جاڻي تي جڙهيا پيا آهن ۽ ايرڪا ۽ ترشنا جي اگني سان سدائين جار ٿا پا ڪاماڌڪ روپي جاڻي بي جڙهيا پيا آهن.

اِڪ نهالي پيئي سوُنِ ، اِڪ اُپرِ رهنِ ڪڙي

تِنا سواري نانڪا ، جنِ ڪَنهُ ندرِ ڪريب .

ارٿ :- ڪڙا پٿرٽين تي سمهي پون ٿا، ڪڙا (اُنهن جي سنڀال لاءِ) کڙا ٿي پهرو ڏين ٿا. (ڀاو- ڪڙا راجسا آدڪ ساري رات آنند ۾ گذارين ٿا ۽ پيا سپاهي ٿي سندن درن تي ساجهي رات پهرو ڏين ٿا.) سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائن ٿا ته ايشور اُنهن کي ئي سنواري ٿو يعني مڪت ڪري ٿو، جن تي سندس ڪرپا جي نظر آهي. [نهالي = پٿرٽي . سون = سمهن .]

(٢) محلا دوجا

(پرماتما جي رچنا .)

آپي ساجي ڪري آپ ، جاتي ڀي رکيئي آپ

تسُ وچِ جنت اُپائڪي ، ويکيئي ٿاپ اُٿاپ

جيڪي پرماتما راضي ٿي ڏئي، اُن کان وڌيڪ ٻي ڪا
بخشش نہ آهي. سلوڪ (٢) ۾ هيءَ سکيا آهي تہ سچي
چاڪري اُها آهي، جو آهستي آهستي مالڪ جو روپ ٿي
وڃي ۽ چاڪر پريم سان مالڪ ۾ سمائجي وڃي.

نوٽ:- هن سان گڏ پڙهو پؤڙي (٥) جو سلوڪ
(٢)، جنهن ۾ لکيل آهي ”نانڪ جن مَن ڀؤ، تنا مَن
ڀاءُ.“ انهيءَ مان صاف آهي تہ پهرين پهرين جگياسوءَ جي
مَن ۾ ڀؤ پيدا ٿيڻ گهرجي يعني بڇڙن ڪمن جو ڀؤ،
موت جو ڀؤ، انهيءَ ڪري پرماتما جو ڀؤ، انهي ڀؤ مان
ڀاءُ يا پريم پيدا ٿئي ٿو. جنهن وقت جگياسو اُوچي
پد ويءَ کي پهچي ٿو، تنهن وقت هنجو سنساري ڀؤ
دور ٿيو وڃي ۽ پريوءَ سان اهڙو لولين ٿيو وڃي، جو
پريوءَ کان ڌار ٿيڻ جي بدران پريوءَ ۾ سمائجيو وڃي. هن پؤڙيءَ
۾ سکيا آهي تہ پريوءَ بي انت آهي. ٺاهيندڙ ۽ ڊاهيندڙ اُهو ئي
آهي ۽ دک سک جو ڏيندڙ بہ اُهو ئي آهي ۽ اُهو ئي ساري
جگت جي سار لهي ٿو.

ਸਲੋਕੁ ਮਹਲਾ ੧

ਆਪੇ ਭਾਂਡੇ ਸਾਜਿਅਨੁ ਆਪੇ ਪੂਰਣੁ ਦੇਇ ॥ ਇਕਨੀ ਦੁਧੁ ਸਮਾਈਐ ਇਕਿ ਚੁਲੈ ਰਹਨਿ ਚੜੇ ॥ ਇਕਿ ਨਿਹਾਲੀ ਪੈ ਸਵਨਿ ਇਕਿ ਉਪਰਿ ਰਹਨਿ ਖੜੇ ॥ ਤਿਨਾ ਸਵਾਰੇ ਨਾਨਕਾ ਜਿਨ ਕਉ ਨਦਰ ਕਰੇ ॥ ੧ ॥ ਮਹਲਾ ੨ ॥ ਆਪੇ ਸਾਜੇ ਕਰੇ ਆਪਿ ਜਾਈ ਭਿ ਰਖੈ ਆਪਿ ॥ ਤਿਸੁ ਵਿਚਿ ਜੰਤ ਉਪਾਇ ਕੈ ਦੇਖੈ ਥਾਪਿ ਉਥਾਪਿ ॥ ਕਿਸਨੋ ਕਹੀਐ ਨਾਨਕਾ ਸਭੁ ਕਿਛੁ ਆਪੇ ਆਪਿ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਵਡੇ ਕੀਆ ਵਡਿਆਈਆ ਕਿਛੁ ਕਹਣਾ ਕਹਣੁ ਨ ਜਾਇ ॥ ਸੋ ਕਰਤਾ ਕਾਦਰ ਕਰੀਮ ਦੇ ਜੀਆ ਰਿਜਕ ਸੰਬਾਹਿ ॥ ਸਾਈ ਕਾਰ ਕਮਾਵਣੀ ਧੁਰਿ ਛੋਡੀ ਤਿੰਨੈ ਪਾਇ ॥ ਨਾਨਕ ਏਕੀ ਬਾਹਰੀ ਹੋਰ

تو جاڻي ته تنهنجي رچنا ڪيڏي آهي ۽ سندس انت ڪيڏو آهي؟

آپِ ڪرائي ساختي، تُو آپِ ڪرائي مارَ

ارٿ:- پاڻ ئي اُتپتي ڪري ٿو ۽ پاڻ ئي ماري ٿو يعني پرلي ڪري ٿو. [ساختي = سازش، اُتپتي.]

نوٽ:- ڪي ٽيڪاڪار "ساختي" جو ارٿ "سختي" ۽ "مار" جو ارٿ جي دونهن جي "مار ڪٽ" ڪن ٿا.]

اِڪنا گلي زنجيريا، اِڪ تُري چڙهِ بسيار

آپِ ڪرائي ڪَري آپِ، هَئُ ڪَينُ ڪَري پُڪارَ

ارٿ:- ڪن جي ڳچيءَ ۾ زنجير ٿا ڇون يعني ڪيدون ٿا ۽ ڪن گهڻن گهوڙن تي ٿا چڙهن يعني گهڻا آنند ڀوڳين ٿا. پاڻ ئي پريو ڪرائي ٿو ۽ پاڻ ئي پريو ڪري ٿو، پوءِ مان ڪنهن وٽ وڃي پڪار ڪريان.
[تري = گهوڙو.]

نانڪ ڪرڻا جن ڪيا، ڦِر تِسهي ڪرڻي سار.

ارٿ:- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته جنهن ڪرتار سنسار جي رچنا رچي آهي، وري سنڀال به تنهنکي ئي ڪرڻي آهي.

پرماڻ:- "جن ڪرتي ڪرڻا ڪيا، چنتا ڀِ ڪرڻي تاهِ."
[آسادي وار پؤڙي (٨) سلوڪ (١).]

يعني جنهن ڪرتار هي سنسار رچيو آهي، اُن جي چنتا به تنهن کي ئي ڪرڻي آهي.

سکيا.

(٢٣) جي سلوڪ (١) ۾ سکيا آهي ته

پاوارٿ.

اها ڪهڙي وستو آهي جا جيو کي پنهنجي طاقت سان ملي سگهي يعني ڪا به وستو جيو کي پنهنجي طاقت سان ملي نٿي سگهي. وستو اها ئي سڦل آهي، جا ستگورو پرسن ٿي پنهنجي ٻاجھ سان ڏئي ٿو.

(٢) محلا دوجا.

(سچي پريم سان شيوا.)

ايهہ ڪيهي چاڪري، جت ڀؤ خصم نہ جاءِ
نانڪ سيوڪ ڪاڍيئي، جہ سيتي خصم سماءِ.

ارٿ:- اها چاڪري يعني شيوا ڪهڙي جنهن ۾، جنهن جي ڪرڻ ڪري ڌڻيءَ جو ڀؤ نہ وڃي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ سيوڪ انهيءَ کي چئجي جو ڌڻيءَ سان ملي رهي. [ڪاڍيئي == سڏجي.]

پؤڙي (٢٣)

(پريو سرو سمرٿ ۽ بي انت.)

نانڪ انت نہ جاپني، هر تا کي پار اوار

ارٿ:- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ انهيءَ هريءَ جي ارين ۽ پرين پر جو انت نہ ٿو ڄاتو وڃي.

پرماڻ:- "وڏي ميري صاحبا، گهر گنهيرا گڻي گهيرا
ڪوئي نہ جاڻي تيرا ڪيتا ڪيوڏ چيرا."
[آسا محلا پهلا شبد (١)]

جنهنجو ارٿ آهي تہ هي منهنجا وڏا صاحب! تون اونهو، اٿاهہ ۽ گڻن سان ڀرپور آهين. ڪو بہ ڪونہ

سي اِهي ٻوليءَ سان لاڳو ٿيندڙ آهن. اُهي نه سگهيا
آهي نه چاڪر جو ڪم نه آهي ڪرڻ؛ ٻڪواد ڪرڻ، ۽
جنهنجي من ۾ جهڙي سگهيا اسٿت ٿيندي، تهڙو ئي ٿو
ڦل پائيندو. مورک سان ٻريت رکڻ مان ڪڏهين نه
فائدو ملندو ۽ پرميسر جي اڳيان سدائين ويننتي ڪرڻ
ئي چڱائي.

ਸਲੋਕੁ ਮਹਲਾ ੨

ਏਹ ਕਿਨੇਹੀ ਦਾਤਿ ਆਪਸ ਤੇ ਜੋ ਪਾਈਐ ॥ ਨਾਨਕ ਸਾ ਕਰਮਾਤਿ ਸਾਹਿਬ ਤੁਠੈ ਜੋ ਮਿਲੈ ॥ ੧ ॥ ਮਹਲਾ ੨ ॥ ਏਹ ਕਿਨੇਹੀ ਚਾਕਰੀ ਜਿਤੁ ਭਉ ਖਸਮ ਨ ਜਾਇ ॥ ਨਾਨਕ ਸੇਵਕੁ ਕਾਢੀਐ ਜਿ ਸੇਤੀ ਖਸਮ ਸਮਾਇ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਨਾਨਕ ਅੰਤ ਨ ਜਾਪਨੀ ਹਰਿ ਤਾ ਕੇ ਪਾਰਾਵਾਰ ॥ ਆਪਿ ਕਰਾਏ ਸਾਖਤੀ ਫਿਰਿ ਆਪਿ ਕਰਾਏ ਮਾਰ ॥ ਇਕਨਾ ਗਲੀ ਜੰਜੀਰੀਆ ਇਕਿ ਤੁਰੀ ਚੜਹਿ ਬਿਸੀਆਰ॥ ਆਪਿ ਕਰਾਏ ਕਰੇ ਆਪਿ ਹਉ ਕੈਸਿਉ ਕਰੀ ਪੁਕਾਰ ॥ ਨਾਨਕ ਕਰਣਾ ਜਿਨਿ ਕੀਆ ਫਿਰਿ ਤਿਸਹੀ ਕਰਣੀ ਸਾਰ ॥ ੨੩ ॥

(١) سلوڪ محلا دوجا.

(ڏڻيءَ جي دات.)

اِهه ڪنهين دات، آپس تي جو پائجي
نانڪ سا ڪرمات، صاحب تُٺي جو ملي.

ارٿ:- اُها ڪهڙي دات جنهن (يعني انهي جنهن کي) جا پنهنجو پاڻ تي (آسرو رکي) پائجي يعني سمجهجي ته اسان پاڻهي پاتي. اها پنهنجي وس جي نه آهي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته بخشش اها آهي جا ڏڻي راضي ٿي ڏئي. [ڪنهين = ڪهڙي. دات = بخشش. ڪرمات = بخشش. تُٺي = راضي ٿي.]

خصمئ ڪري برابري، ڦر غيرت اندر ڄاء
وجهہ گواء آکلا، مهي مهر ڄاٺا ڪاء

آرٿ :- جو جيڪڏهين ڌڻي سان برابري ڪندو يعني ڄاٺڪي اُن جهڙو سمجهندو ته پوءِ اُهو شرمندگي حاصل ڪندو. اڳيون پگهار ته وڃائيندو، پر منهن تي به ڪلا کائيندو.
[ڄاٺا = جتيون.]

پرماڻ :- "چاڪر ڪهيئي خصم ڪا، سمهي اُتر ديئہ
وجهہ گوائي آپڻا، تخت نہ بيسهہ سيئہ."
[راماڪلي دکڻي اونڪار محلا پهلا پؤڙي (٤٥)]
(سمهي = سامهون.)

جنهنجو ارٿ آهي ته جيڪو ڄاٺڪي مالڪ جو نوڪر ڪوٺائي ٿو ۽ ورِي اُنکي سامهون جواب ڏئي ٿو، سو پنهنجو پگهار وڃائي ٿو ۽ تخت تي نٿو وهي يعني عزت نٿو پائي.

جسدا ديتا کاوڻا، تس ڪهيئي شاباس
نانڪ حڪم نہ چلئي، نال خصم چلئ آرداس.

آرٿ :- جنهن پرماتما جو ڏنو کائجي، تنهنجو ڌنيواد ڪجي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته ڌڻي سان حڪم نہ هلندو، پر هن وٽ وينتي هلندي.

سکيا.

سري گ... نانڪ صاح... جن پؤڙي (٢٢) ۾ سکيا
ڏين ٿا ت... ...اڪ... جي آهي، جو پوريءَ
نمرتا سا... جي ڄاٺي تي هلي ٿو.
هن پؤ... ...رو انڪد ديو جا آهن،

”منهنجا ڪيري دوستي، مائيا ڪا سنهنڌ
ويندڙا مي پنهنجي جان، ڪدي ۾ پاڻ پنڌ
جيڪو پيشن ڪاولي، تنهن ۾ ڪن ڪنڌ
جت ڏين ڪيهه ۾ دوني، تت ڏين بولن ڪنڌ.“

(٥) محلا دوجا

(موڙڪ ڪان ڪو ڪاج سڌ نه ٿيندو.)

جي اڪا ڏڪري ڪم، آهي ڌ سڀ راس
جي اڪ آڌ چنگي ڪري، ته هي ٻي وراس.

ارٿ:- جيڪڏهن ڪو موڙڪ ماڻهو ڪيتري ئي ڪم ڪري ته انهن پورو ڪي نه سگهندو. هي ڪڏهن (ڳالهه) يعني ڪابه ڳالهه ڪتي ڇڱي ڪندو ته هي (موڙائي) بگڙجي ويندي ٿي. [ويراس = بگڙيل.]

پؤڙي (٢٢)

(ڏڻيءَ سان برابريءَ جو نتيجو.)

چاڪر لڳي چاڪري، جي چلي خصمي ڀاءِ
حرمت تنسو اڳلي، اوهو وڌهي دؤڻا ڪاءِ

ارٿ:- نوڪر جيڪڏهن نوڪري ڪندو ۽ ڏڻي جي مرضيءَ موجب هلندو ته انکي عزت گهڻي ملندي ۽ پگهار به ٻيڻو حاصل ڪندو. [حرمت = عزت. اڳلي = گهڻي. وجه = پگهار.]

١- جي؛ ٢- ميلاپ؛ ٣- پاڃي وحي ٿا؛ ٤- ميلاپ؛ ٥- جيسيتائين؛ ٦- بهرڻ؛ ٧- ڪاٽڻ؛ ٨- تيسيتائين؛ ٩- ملاپ؛ ١٠- ڳاريون.

سنئين راهه کان ڀلائي ڪُراهه ڏي وٺيو پيو وڃي. جيسين تو مون مان مليندڙ ۽ چنچلتا دور نه ڪئي آهي، تيسين من ۾ گيان اِستٿت ٿي نه سگهندو. هڪ ڏانهن ۾ ٻي شيءِ تڏهين سمائبي، جڏهين منجهس جيڪا شيءِ اڳيئي پيئي آهي، سا ڪڍي وٺبي، سو جيڪڏهين توکي سروپ جي پراپتي ڪرڻي آهي ته من مار. "من جيتي جگ جيت." انهيءَ لاءِ تون سديو واهگورو کي ارداس ڪر ته توکي همت بخشي، ته تون من پنهنجي وس ڪرين. پرماتما وٽ ڪنهنجو حڪم نه ٿو هلي سگهي. هن سان سديو نمرتا سان هلڻ گهرجي. هي پيارا ڪوڙن پدارٿن جي پٺيان لڳڻ سان هي جيو ڪوڙي ڪمائيندو. تنهنڪري تون سچا ٿي هريءَ جا گن ڳاءِ، ته تنهنجا انت ڪلياڻ ٿين.

(٤) محلا دوجا

(مورکه ۽ استري سان اجائي پيار مان ڇيهو.)

نال اِڃاڻي دوستي، وڏارو سِئُ نيهُ
پاڻي انڌ ليڪ جئن، تِسدا لاءِ ٿاءُ نه ٿيهُ

ارٿ:- مورکه سان دوستي رکڻ ۽ استريءَ سان بيحد نينهن رکڻ اهڙو آهي جهڙو پاڻيءَ تي ليڪو، جنهنجو نڪو نشان نڪو پتو. [وڏارو = (١) استري (٢) اهنڪاري بزرگ (٣) پاهتريو پڻ و.]

نوٽ:- مومن جي دوستي بابت سري گورو [illegible] جن ديو سچا پاتشاهه رامڪلي جي وار پؤڙي (٥) سلوڪ (٢) ۾ هن ريت فرمائين ٿا:-

آتريشي هاٿ ڪندو، (اما گاليو) ويچار ڪري ڏسو. [راس = پوري، نيڪ. نرجاس = نرئي، ويچار.]

پرمارٿ :- "ذاتڪ منمکا ڏاو ٿئي پاپ، جن ماڻڊا موه پيار."

[گوڙي ڪي وارعطا جوتان ٻوڙي (٣١) سلوڪ (١)]

سري گورو رامداس صاحب فرمائين ٿا ته منمکه جنجو مايا جي موه سان پيار آهي، تن سان دستو رکڻ چڱو نه آهي.

سندر داس پکت پڻ چون ٿا ته :-

"سندر سب ڏک تور ٻڻو وجهي ڏارزي مچه،

پر جو سنگ مور ڪ سنگ، ڏاڍ پاپ ٿاه ڪوه."

وسڻو آلد ر وسٽ سماوي، دوري دووي ڏمرا

سه صاحب سيتي ڪرد جاءِ، ڪهي ٻڌيءَ آرداس

آرٿ :- جڪ ڏاو پر اي شئي تڏمن سمائجي، جڏهن اي (يعني انگي ٻيلي شئي) ان ڏاو مان ڪرودي، پالڪ تي حڪم هلائڻ نه ليندو، پر ان سان ويچي ڪرڻ ليندي.

ل ڪوڙ ڪماٽي ڪوڙو هووي، ذاتڪ جنت ڊ ڪاس.

آرٿ :- ڪوڙ ڪمائيندو سو ڪوڙو ليندو، سري گورو ذاتڪ صاحب جن فرمائن ٿا ته (پرماتما جي) استت ڪرڻ پر ئي آنند آهي.

ڀاو آرٿ

جن سلوڪ ۾ صاحب فرمائين ٿا ته جڻن موه ڪر سان دوستي رکجي ته پاڇڪي دوکي ۾ ٿي جهڙو، تڏهن هي جيئو، تو جو من سان سنگت رکي آهي، سو ڏوکي ٻڌي ۾ وجهندو. من چنچل آهي، سو ڏوکي

آرٿ :- پوکي ٿو وکر ۽ گهري ٿو امرت ، ڏسو هيءَ (عجيب) نياءُ !

پرماڻ :-" فريدا لوڙي داکر بجؤريا، ڪِڪر بيجي جٽُ هنڍيءِ اُن ڪتائدا ، پِڌا لوڙيءِ پٽ."

[فريد صاحب جو سلوڪ (٢٣).]

آرٿ :- فريد صاحب جن فرمائين ٿا تہ جٽ پوکي ٿو ڪرڙ جو وڻ ۽ چاهي ٿو تہ بجور ملڪ جي ڊاکر هٽ ڪريان. ڪتيندو وتي اُن ۽ چاهہ ٿو رکي پٽ پهرڻ جي (مطلب تہ جهڙي ڪو پوکہ پوکيندو، تهڙي لڻندو. جو ڪندا پوکيندو سو گل ڪڏهين ڪين ماڻيندو. هنجو اندروني ارٿ آهي تہ هي جيو چاهي ٿو تہ مونکي گرهست ۾ سکہ ملي، پر ڪري ٿو پاپ ، سو هنکي سکہ ڪٿان ملندو؟ هو سڪام ڪرم ڪندو وتي ٿو ۽ چاهي ٿو تہ مونکي گيان ملي، سو ائين ڪٿن ٿي سگهندو؟) [لوڙي = چاهي. بجؤريا = هڪڙي ملڪ جو نالو، جتي ڊاکہ تمام عمدي ٿيندي آهي. ڪِڪر = ڪرڙ جو وڻ. بيجيءِ = پوکي. جٽ = ذات جو نالو. هنڍيءِ = ڦرندو وتي. ڪتائدا = ڪتيندو. پِڌا = پهرڻ]

(٣) محلا دوجا

(مورکہ جي دوستيءِ مان ڇيهو ۽ مڻ مارڻ کان سواءِ گيان حاصل نہ ٿيندو.)

نال اِئاڻي دوستي، ڪدي نہ آويءِ راس
جيها جاڻيءِ تيهو وَرتيءِ ، ويکہ ڪو نِرجاس

آرٿ :- مورکہ سان دوستي ڪڏهين بہ ٺيڪ نہ بيٺي؛ (چاڪاڻ تہ) هو جهڙو جاڻندو يعني جهڙي ٻڌي هونديس ،

۽ جهڳڙا ڪري، ۽ گهڻيون ڳالهيون ڪري ته مالڪ جو سواد نه پائيندو يعني مالڪ کي خوش نه ڪندو. [نالي = سان. گارب = اهنڪار. گلا = ڳالهيون. ساد = سواد.]

آپُ گوا٭ سيوا ڪري، تا ڪڇهه پائي مانُ

آرٿ:- (ٻر جيڪڏهن جو) ايمان خدي شيوا ڪندو، تڏهن ڪجهه مان پائيندو.

پرماڻ:- "آپُ گوائيڪي تا شهه پائيئي، آؤر ڪتسي چترائي."

[هزاري دي شبد امبر (۴)]

نانڪ جسدو لڳا تس مليءِ، لڳا سو پروانُ.

آرٿ:- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جنهنکي (پريم جي چوٽ) لڳي ٿي، تنهنکي پريو ملي ٿو ۽ اڏڙو پريم ۾ لڳل پروان يعني قبول آهي.

(٢) محلا دوجا.

(جيڪي اندر هوندو سوئي ظاهر ٿيندو.)

جو جيئہ هوءِ سُ اُگوءِ، مُهه ڪا ڪهيا واءِ

آرٿ:- جيڪي اندر ۾ هوندو، سو ظاهر ٿيندو ۽ منهن جو چيل وئرٿ آهي. (ٻاو- منهن سان ڪيتريون بہ ڳالهيون ڪري ٻاهرکي جڳ ڪوالمنداسين تہ اهو اجايو آهي، جيڪي سچ پچ اسانجي اندر هوندو، سو ڪڏهن نہ ڪڏهن ظاهر ٿيندو). [اُگوءِ = اُپري. واءِ = اجايو.]

نوٽ:- شاهه لطيف پڻ انهيءَ جي بہ چوڻي آهي تہ "مُٺ ڀيڙيائي ڀلي جي ڀتي تہ واءِ."

پهچي ڀکُ مڻکيءَ اُمرتُ، وکهُ اپهہ لپاءِ

॥ ੧ ॥ ਮਹਲਾ ੧ ॥ ਜੋ ਜੀਇ ਹੋਇ ਸੁ ਉਗਵੈ ਮੁਹ ਕਾ ਕਹਿਆ ਵਾਉ ॥ ਬੀਜੇ ਬਿਖੁ ਮੰਗੈ ਅੰਮ੍ਰਿਤੁ ਵੇਖਹੁ ਏਹੁ ਨਿਆਉ ॥ ੨ ॥ ਮਹਲਾ ੨ ॥ ਨਾਲ ਇਆਣੇ ਦੋਸਤੀ ਕਦੇ ਨ ਆਵੈ ਰਾਸਿ ॥ ਜੇਹਾ ਜਾਣੈ ਤੇਹੋ ਵਰਤੈ ਵੇਖਹੁ ਕੋ ਨਿਰਜਾਸਿ ॥ ਵਸਤੂ ਅੰਦਰਿ ਵਸਤੁ ਸਮਾਵੈ ਦੂਜੀ ਹੋਵੈ ਪਾਸਿ ॥ ਸਾਹਿਬ ਸੇਤੀ ਹੁਕਮੁ ਨ ਚਲੈ ਕਹੀ ਬਣੈ ਅਰਦਾਸਿ ॥ ਕੂੜਿ ਕਮਾਣੈ ਕੂੜੋ ਹੋਵੈ ਨਾਨਕ ਸਿਫਤਿ ਵਿਗਾਸਿ ॥ ੩ ॥ ਮਹਲਾ ੨ ॥ ਨਾਲਿ ਇਆਣੇ ਦੋਸਤੀ ਵਡਾਰੂ ਸਿਉ ਨੇਹੁ ॥ ਪਾਣੀ ਅੰਦਰਿ ਲੀਕ ਜਿਉ ਤਿਸਦਾ ਥਾਉ ਨ ਥੇਹੁ ॥ ੪ ॥ ਮਹਲਾ ੨ ॥ ਹੋਇ ਇਆਣਾ ਕਰੇ ਕੰਮੁ ਆਣਿ ਨ ਸਕੈ ਰਾਸਿ ॥ ਜੇ ਇਕ ਅਧ ਚੰਗੀ ਕਰੇ ਦੂਜੀ ਭੀ ਵੇਰਾਸਿ ॥ ੫ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਚਾਕਰੁ ਲਗੈ ਚਾਕਰੀ ਜੇ ਚਲੈ ਖਸਮੈ ਭਾਇ ॥ ਹੁਰਮਤਿ ਤਿਸਨੋ ਅਗਲੀ ਓਹੁ ਵਜਹੁ ਭਿ ਦੂਣਾ ਖਾਇ ॥ ਖਸਮੈ ਕਰੇ ਬਰਾਬਰੀ ਫਿਰਿ ਗੈਰਤਿ ਅੰਦਰਿ ਪਾਇ ॥ ਵਜਹੁ ਗਵਾਏ ਅਗਲਾ ਮੁਹੇ ਮੁਹਿ ਪਾਣਾ ਖਾਇ ॥ ਜਿਸਦਾ ਦਿਤਾ ਖਾਵਣਾ ਤਿਸੁ ਕਹੀਐ ਸਾਬਾਸਿ ॥ ਨਾਨਕ ਹੁਕਮੁ ਨ ਚਲਈ ਨਾਲਿ ਖਸਮ ਚਲੈ ਅਰਦਾਸਿ ॥ ੨੨ ॥

(١) سلوڪ محلا دوجا.

هي پؤڙي ۽ مٿين معنئي تي چيل آهي ۽ ساڳي
ڪوره انگد صاحب جن جا رچيل سلوڪ سري گرو
ارجن ديو پؤڙيءَ سان ملائي ڇڏيا آهن.

(نوڪر کي هٺ نه ڪرڻ گهرجي.)

چاڪرُ لڳي چاڪري، پالي ڪارِبِ واد
ڳالا ڪري ڪٿيريا، خصم نه پاتي ساد

ارٿ :- جيڪڏهن نوڪر نوڪري [illegible]
نوڪري ڪري ۽ ان سان گڏ ٻئي نوڪري [illegible]

گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته منهنجو سلام توڙي جواب
ٻئي ڪوڙيون ڳالهيون آهن ۽ انهن ڪرڻ وارو ڪٿي به
جاءِ نه پائيندو (ڀاو- ڪٿي به منهنجي عزت نه ملندي.)

پؤڙي (۲۱)

(پرماتما کي ياد ڪجي ۽ ڪو به بُرو ڪم نه ڪجي.)

چِتِ سيوِئِي سُکُ پائيئي، سو صاحِبُ سدا سماليئي
جِتُ ڪيتا پائيئي آپڻا، سا گهالَ بُري ڪِئُ گهاليئي

أرت:- جنهن پرماتما جي سيوا ڪري سُک پائجي، سو صاحب سدائين ياد ڪرڻ گهرجي. اهڙو برو ڪم ڇو ڪجي، جنهنڪري انهيءَ ڪيتو لوڙڻو پوي. [گهال = ڪمائي]

مَندا مُول نه ڪيچئي، دي لمي نَدرِ نهاليئي
جِئُ صاحِب نالِ نه هاريئي، تيوَ ڍاپا ڍاليئي

أرت:- بڇڙا ڪرم بلڪل نه ڪجن، پر ڊگهي نظر ڪري ڏسجي يعني دورانديشي ڪجي. اهڙو داوُ اهلائجي يعني اهڙو ڪم ڪجي، جنهن صاحب وٽ هارائڻو نه وڃجي، يعني صاحب جي دربار ۾ شرمندو ٿي نه وڃجي.

ڪِڇُ لاهي اُپرِ گهاليئي.

أرت:- ڪجهه فائدي لاءِ محنت ڪرڻ گهرجي. [لاهو = فائدو.]

ਸਲੋਕੁ ਮਹਲਾ ੨

ਚਾਕਰੁ ਲਗੈ ਚਾਕਰੀ ਨਾਲੇ ਗਾਰਬੁ ਵਾਦੁ॥ ਗਲਾ ਕਰੇ ਘਣੇਰੀਆ
ਖਸਮ ਨ ਪਾਏ ਸਾਦੁ ॥ ਆਪੁ ਗਵਾਇ ਸੇਵਾ ਕਰੇ ਤਾ ਕਿ
ਮਾਨੁ ॥ ਨਾਨਕ ਜਿਸਨੋ ਲਗਾ ਤਿਸੁ ਮਿਲੈ

۽ ڪاهي ٿي وڃين، ۽ سندن ساري ٻوڪر اُجاڙ ڪري ڇڏين. تڏهن توکي ڪو خيال نه ٿيو ته انهن جي قوت تي اِت ٿيندو ڏيان؟ ويچارن غريبن جي رڙ تي به ڪو قياس ڪيو. هيئنر توکي پنهنجي ڪرمن جو حساب ڏيڻو آهي. غريبن جي آه تنهنجي هٿن کي ماريو آهي. هي دنيا، جنهن لاءِ تو پرماتما جي ڏس وساري آهي، جنهن کي ڪوڙي ته ڪوڙي ۽ تڪليف آڏو اهڙس ته اُها صبر ساڻ سهي. روئڻ پٽڻ مان ڇا ورندو. جيڪي پرماتما ڪري ٿو، سو سڀ لوڪن جي ڀلي لاءِ آهي. تنهنڪري مورک کي گهرجي ته سڀ ڏک سک ڪري ڄاڻي ۽ انهن سڀني ۾ به ڪا حڪمت آهي. جيڪي سدائين پرماتما کي ياد ڪرڻ گهرجي ۽ ڪو به برو ڪم نه ڪرڻ گهرجي، جو ته مورک ڪم جو اسين ڪريون ٿا، تنهنجو حساب ايشور وٽ ڏيڻو آهي. هي حمق، تنهنڪري ڪرڻ جهڙي ڳالهه.”

صاحب الهيءَ پرسنگ تي هيٺين پؤڙي اُچاري ۽ سري گورو ارجن ديو ۽ سري گورو انگد ديو جا رچيل (٢) سلوڪ سالڪي ۾ مضمون تي پرماڻ طرح ملائي ڇڏيا آهن، جنهن سڪيا آهي ته سچي عاشقي اُها آهي، جنهن ۾ دنيوت نه آهي ۽ سچو پرماتما جو چاڪر اهو آهي، جو مالڪ ساڻ سدائين ڏسو ڏهي ماڻي ۽ ڪڏهن اُهو جواب نه ڏئي.

نوٽ:- هيءَ اُها پؤڙي آهي جا ڀائي جوڌي کنڌؤر صاحب ۾ ڪ رات امرت ويلي ويلي اُچاري، جڏهن ٻڌندي ئي ڀائي لهڻي کي ويراڳ اچي ويو ۽ هن

ڪرڻ واسطي سورج گرهڻ ڏينهن ڪُرڪيتر ۾ آيا ۽ ڏاڍو ۽ پيرن پنڊتن سان گفتگو ڪيائون. اُتي اُنهن کي اڪال پرک جي اُپاشنا جو اُپديش ڏيئي دهلي روانا ٿيا. جمنا جي ڪنڌي تي سرڪاري باغ ۾ اچي منزل ڪيائون جتي ڀائي مردانو رباب وڄائڻ لڳو ۽ صاحب شبد اُچارڻ لڳا. انهيءَ باغ جي وڇڙو ڇانو ڪيئي ۾ بادشاه جو هاٿي اوچتو مري ويو. تنهن تي پيلوان کي ڏاڍو خيال ٿي ويٺو ته هاڻي ته بادشاه مون تي ڏاڍو ڏمربو ۽ مون کي چوندو ته تنهنجي غفلت ڪري ئي اوچتو هي منهنجو پيارو هاٿي مري ويو آهي، تنهنڪري تون هاڻي موقوف آهين. اهو خيال ڪندي پوءِ هو اچي رڙ ۾ ڇٽڪيو ۽ بس ئي نه ڪري. هو صاحبن وٽ لنگهي ويو ۽ سائين پنهنجو حال وڃي اوريائين. صاحبن هن شخص کي پرڀوءَ ڏي ڏسڻ لاءِ فرمايو ته:-

”نه رزق دست آ کسي، ہمارا ايک آس وسي
آست ايک دِکر ڪُٽي، ايک ڏؤئي، ايک ڏؤئي.“

[مانجهه کي وار سلوک (٥) پؤڙي (١٣)]

ارٿ:- رزق ڪنهن ماڻهوءَ جي هٿ ۾ نه آهي. سڀني جو تو هڪڙي ۾ ئي آسرو آهي. تون هڪڙوئي آهين، ٻيو ڪير آهي؟ هڪڙوئي تون هڪڙوئي تون.

پيلوان ۽ سنڌس ڪٽنب جا ڀاتي صاحبن کي پيرين پيا ۽ وينتي ڪيائون ته ”مهرباني ڪري هي مئل هاٿي اسان کي جيئاري ڏيو.“ گورو صاحبن فرمايو ته ”هي پيلوان، ڪالهه ته تون الله جي گهوڙي تي ... انهي ۽ ساڳئي هاٿيءَ سان ويچارن غريبن جي ...

... آپڻ هٿي آپڻا، آپي هي ڪاج سوارئي .

ارٿ :- پنهنجو ڪم پنهنجي هٿن سان سنواري وٺجي .

سکيا .

پؤڙي (۲۰) جي سلوڪ (۱) ۾ صاحبن سخت ڪؤڙن و چئن کي ننديو آهي ۽ سلوڪ (۲) ۾ پاکنڊي ننديل آهن ۽ سچن بي پرواه سڄڻن جي سو پيا ڏيکاريل آهي . پؤڙي ۾ سکيا آهي تہ ساري جڳت جو ڪرتا ڌار ڪ پرماتما آهي ۽ جو آيو آهي، سو اوس موٽي ويندو . هر ڪنهن کي واجب آهي تہ پرماتما کي ڌيان ۾ رکي ساري پنهنجو جنم سنواري .

ਸਲੋਕੁ ਮਹਲਾ ੨

ਏਹ ਕਿਨੇਹੀ ਆਸਕੀ ਦੂਜੈ ਲਗੈ ਜਾਇ ॥ ਨਾਨਕ ਆਸਕੁ ਕਾਂਢੀਐ ਸਦਹੀ ਰਹੈ ਸਮਾਇ ॥ ਚੰਗੈ ਚੰਗਾ ਕਰਿ ਮੰਨੇ ਮੰਦੈ ਮੰਦਾ ਹੋਇ ॥ ਆਸਕੁ ਏਹੁ ਨ ਆਖੀਐ ਜਿ ਲੇਖੈ ਵਰਤੈ ਸੋਇ ॥ ੧ ॥ ਮਹਲਾ ੨ ॥ ਸਲਾਮੁ ਜਬਾਬੁ ਦੋਵੈ ਕਰੇ ਮੁੰਢਹੁ ਘੁਥਾ ਜਾਇ ॥ ਨਾਨਕ ਦੋਵੈ ਕੂੜੀਆ ਥਾਇ ਨ ਕਾਈ ਪਾਇ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਜਿਤੁ ਸੇਵਿਐ ਸੁਖੁ ਪਾਈਐ ਸੋ ਸਾਹਿਬੁ ਸਦਾ ਸਮਾਲੀਐ ॥ ਜਿਤੁ ਕੀਤਾ ਪਾਈਐ ਆਪਣਾ ਸਾ ਘਾਲ ਬੁਰੀ ਕਿਉ ਘਾਲੀਐ ॥ ਮੰਦਾ ਮੂਲਿ ਨ ਕੀਚਈ ਦੇ ਲੰਮੀ ਨਦਰਿ ਨਿਹਾਲੀਐ॥ ਜਿਉ ਸਾਹਿਬ ਨਾਲਿ ਨ ਹਾਰੀਐ ਤੇਵੇਹਾ ਪਾਸਾ ਢਾਲੀਐ ॥ ਕਿਛੁ ਲਾਹੇ ਉਪਰਿ ਘਾਲੀਐ ॥ ੨੧ ॥

پائي سردوا سنگهہ جي ٽيڪا ۾ لکيل آهي تہ سري گورو نانڪ صاحب جن کي ڏيهن سلطان پور ۾ آڪار ڪندا رها . پوءِ "ويٺي" ندي ۾ تبي ڏئي نڪار جو درسن پائي تيوگن تي لڪتا . جڳت جي اڌار

پؤڙي (۲۰)

(جڳت جي ڪرڻ هار کي نہ وسارجي.)

آپي ھي ڪرڻا ڪيئو، ڪل آپي ھي تي ڌاريئي
ديکھي ڪيتا آپڻا، ڌر ڪچي پڪي سارِيئي

ارٿ:- ھي واھگورو! تو پاڻھين رچنا ڪري اُنھئ ۾ ڪلا يعني جوت رکي آھي. جيئن روپي ڪچيون پڪيون سارين ڌاري يعني استاپن ڪري، تون ٻنھني جي رچنا پاڻ ئي ويٺو ڏسين.

جو آئيا سو چلسي، سڀ ڪوئي آئي واريئي
جسڪي جيئہ پراڻ ھہ، ڪيئہ صاحب منھ وساريئي

ارٿ:- جو ھن سنسار ۾ آيو آھي، سو سڀڪو پنھنجي واري تي ھليو ويندو. جنھن صاحب جو جيئہ پران ڏنل آھي، تنھنکي من مان ڇو وسارڻ گھرجي؟

پرمان:- "راڻا راءِ نہ ڪو رھئي، رنگ نہ تنگ فقير
واري آپو آپڻي، ڪوءِ نہ بنڌي ڌير."

[دکڻي اونڪار محلا پهلا پؤڙي (۴۴).]

جنھنجو مطلب آھي تہ راجا، راڻو، غريب، امير، فقير ڪوبہ ھن دنيا ۾ نہ رھندو. سڀڪو پنھنجي پنھنجي واري تي ھن دنيا مان اڏامندو؛ ڪال جي اڳيان ڪوبہ ڌيرج ٻڌي نہ سگھندو. (پاؤ- انھيءَ مھل ڌيرج ڇڏائي ويندو؛ سڀڪو ڇپ ۾ پيو ڏڪندو). [راءِ = راجڪنور، واءِ عھد يا شھزادو. رنگ = رنڪ، ڪنگال، غريب. تنگ = تونگر = شاھوڪار، امير. ڌير = ڌيرج.]

رنگ هسي رنگ رووي، ڇپ ڇپي ڪري ڇڏي
پرواهه نانهي ڪنهن کيري، پاڻ سڀني ناهه

ارٿ:- پرماتما جي شبد ۾ ڪيترين مرڪن ايا، رنگ ڀيا ۽ ڪيترين مات ۾ اچيو وڃن. انهن کي سڀني ڳالهي ڪان سواءِ هٿي ڪنهن جي پرواهه نه آهي. [ڪيري = جي، ناهه = مالڪ، سوامي.]

دروات اپر خرچ منڪا، جهڙي ديٺ تر ڪاهه
ديوان ايڪو قلم ايڪا، هما تما ميلُ
درلئي ايڪا پيڙ ڇٽي، ناڪا چڙ ديلُ.

ارٿ:- پرماتما جي دروازي تان (سڀڪار روپي) وان لاهه (نام روپي) خرچ پئي ٿا ۽ جڏهن پرمسٽور ڏئين ٿو، تڏهن ڪائين ٿا. (انهن جي نظر ۾ پرماتما جي) درباز ڪڙي آهي ۽ سڀني حڪم روپي قلم به ڪڙوئي آهي، سڀر جيڪي "مان" ۽ "تون" ۾ ممل ڪن ٿا يعني اهتا ۽ ممتا جا جنال رکن ٿا، انهن کان سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائن ٿا ته درگاهه ۾ سڀ لکو ورتو ويندو، اهڙي طرح جيئن ترن مان تيل سڙي ڪڍيو آهي.

پرماڻ:- "ڪرمي آپو آپڻي آپي پڇتائي
عزرائيل فرشتا، تل پيڙي گهاڻي."

[ڳوڙي کي وار (١) نوڙي (٢٧) محلا (٥).]

يعني پنهنجن جيون کي پنهنجي ڪرمن تي پڇتائڻو پوندو ۽ فرشتو عزرائيل کين ائين پيڙيندو، جيئن تر ۾ پيڙيا آهن.

(٢) محلا پهلا

(سنتن ۽ پاکنڊين جي پيٽ .)

آنڌر هه جهوٺي پنج پاپ، دنيا آنڌر فئل
اٺ سٺ تيرٿ جي ناوهه، اُترئ ناهي ميل

ارٿ :- جي اندر جا جوٺا آهن ۽ پاپران دنيا ۾ پاڄ يعني ملمع ڪري وڏو وستار ڪن ٿا يعني پاڻکي مشهور ڪن ٿا، اهڙا ڪپٽي ماڻهو، جي اٺهٺ تيرٿن تي وڃي اشنان ڪن، تڏهن ۾ سندن من جي پاپن روپي ميل نه لهندي. [پنج پاڄ يعني ملمع. فئل = پسارو، وستار.]

پرماڻ :- " جيٺهه مٺلي پاپر هه نرمل
پاپر هه نرمل جيٺهه ته مٺلي، تني جنم جوئي هارئا. "

[انند صاحب پؤڙي (١٩)]

يعني جي پرش آندر ۾ اشڌ ۽ پاپر شڌ آهن، هائو، جي پاپران شڌ آهن، پر جنهجو اندر اشڌ آهي، تن هي مانڪا جنم جؤا ۾ هاريو آهي.

جن پٽ آندر پاهر گدڙ، تي ڀلي سنسار
تن نيهه لگا رب سيٺي، ديکني ويچار

ارٿ :- پر جي (سنت جن) اندران ٻت پورين ٿا ۽ پاپران گودڙيون ڍڪين ٿا، اُهي سنسار ۾ چڱا پرش آهن. (ڀاو- اندر ۾ سنت جن شڀ ڪرمي آهن- اُنهن جو هردو ڪومل آهي، اُهي ديال، ڪميا وان ۽ نمرتا وارا آهن ۽ پاپران غريبي ويس رکن ٿا ۽ ڪلا ڌاري ٿي پنهنجي ڪلا جي ڪا لکا نه ٿا چاڙائين). انهن کي پرماتما جي ماڻ جو نيهن لڳو پيو آهي ۽ سدائين اُنهنکي پرماتما جي درسن جو ويچار آهي.
[رب = پرماتما.]

(ڪوڙن وچن ٻوليندڙ جو حال .)

نانڪ ڦِڪي ٻولئي ، تن مَنُ ڦِڪا ٿيءِ
ڦِڪو ڦِڪا سديئي ، ڦِڪي ڦِڪي سوءِ

ارٿ :- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ ڪوڙي ڳالهائڻ ڪري تن من سڀ ڦِڪو ٿئي ٿو يعني خراب ٿئي ٿو . ڪوڙي وچن ٻوليندڙ کي سڀڪو خراب سڏي ٿو ۽ ڪوڙي ڳالهائڻ واري جي سوڀيا خراب ٿي ٿئي .
[ڦِڪي = ڪوڙي . ڦِڪو = ڪوڙا وچن ٻوليندڙ . ڦِڪا = بيڪار، خراب . سديئي = ڪوٺجي ٿو . سوءِ = سوڀيا .]

ڦِڪا درگهہ سٽيئي ، مُهہ ٿُڪا ڦِڪي پاءِ
ڦِڪا مورک آکيئي ، پاڻا لهي سزاءِ .

ارٿ :- ڪوڙي ڳالهائڻ واري کي درگاهہ ۾ ڦٽو ڪن ٿا يعني ڪڍي ڇڏين ٿا ۽ ڪوڙي ڳالهائڻ واري کي منهن ۾ ٿُڪون ٿيون پون يعني اُن کي سڀڪو ڌڪاري . ڪوڙي ڳالهائڻ وارو مورک چوڻ ۾ اچي ٿو ۽ موچڙن جي مار ملس ٿي . [سٽيئي = ڦٽو ڪن . پاڻا = جتيون .]

پرماڻ :- اِڪُ ڦِڪا نا ڳالاءِ ، سڀنا مَيِ سچا ڌڻي " .
هيئاءُ نہ ڪٺهي ڍاهہ ، مانڪ سڀ امولوي .
[فريد صاحب جو سلوڪ (١٢٩)]

جنهنجو ارٿ آهي تہ ڪنهن سان ڪوڙو نہ ڳالهاءِ جو سڀني ۾ سچو ڌڻي ويٺو آهي . ڪنهنجي دل نہ ڪاهہ ، ڇاڪاڻ تہ سڀني هردا امولڪ مانڪ آهن .

پؤڙيءَ ۾ سکيا آهي ته هر ڪنهن جيو کي پرماتما ياد ڪرڻ گهرجي. ڪرپ مؤر ته ڪرڻ گهرجي ۽ نه ڪنهنکي ممند و چوڻ گهرجي. مورکن سان وهنوار بلڪل اجوڳو آهي.

ਸਲੋਕੁ ੧

ਨਾਨਕ ਫਿਕੈ ਬੋਲਿਐ ਤਨੁ ਮਨੁ ਫਿਕਾ ਹੋਇ ॥ ਫਿਕੋ ਫਿਕਾ ਸਦੀਐ ਫਿਕੇ ਫਿਕੀ ਸੋਇ ॥ ਫਿਕਾ ਦਰਗਹ ਸਟੀਐ ਮੁਹਿ ਥੁਕਾ ਫਿਕੇ ਪਾਇ ॥ ਫਿਕਾ ਮੂਰਖੁ ਆਖੀਐ ਪਾਣਾ ਲਹੈ ਸਜਾਇ ॥੧॥ ਮਃ ੧ ॥ ਅੰਦਰਹੁ ਝੂਠੇ ਪੈਜ ਬਾਹਰਿ ਦੁਨੀਆ ਅੰਦਰਿ ਫੈਲੁ ॥ ਅਠਸਠਿ ਤੀਰਥ ਜੇ ਨਾਵਹਿ ਉਤਰੈ ਨਾਹੀ ਮੈਲੁ ॥ ਜਿਨ ਪਟੁ ਅੰਦਰਿ ਬਾਹਰਿ ਗੁਦੜੁ ਤੇ ਭਲੇ ਸੰਸਾਰਿ ॥ ਤਿਨ ਨੇਹੁ ਲਗਾ ਰਬ ਸੇਤੀ ਦੇਖਨੇ ਵੀਚਾਰਿ ॥ ਰੰਗਿ ਹਸਹਿ ਰੰਗਿ ਰੋਵਹਿ ਚੁਪ ਭੀ ਕਰਿ ਜਾਹਿ ॥ ਪਰਵਾਹ ਨਾਹੀ ਕਿਸੈ ਕੇਰੀ ਬਾਝੁ ਸਚੇ ਨਾਹ ॥ ਦਰਿ ਵਾਟ ਉਪਰਿ ਖਰਚੁ ਮੰਗਾ ਜਬੈ ਦੇਇ ਤ ਖਾਹਿ ॥ ਦੀਬਾਨੁ ਏਕੋ ਕਲਮ ਏਕਾ ਹਮਾ ਤੁਮਾ ਮੇਲੁ ॥ ਦਰਿ ਲਏ ਲੇਖਾ ਪੀੜਿ ਛੁਟੈ ਨਾਨਕਾ ਜਿਉ ਤੇਲੁ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਆਪੇ ਹੀ ਕਰਣਾ ਕੀਓ ਕਲ ਆਪੇ ਹੀ ਤੈ ਧਾਰੀਐ ॥ ਦੇਖਹਿ ਕੀਤਾ ਆਪਣਾ ਧਰਿ ਕਚੀ ਪਕੀ ਸਾਰੀਐ ॥ ਜੋ ਆਇਆ ਸੋ ਚਲਸੀ ਸਭੁ ਕੋਈ ਆਈ ਵਾਰੀਐ ॥ ਜਿਸ ਕੇ ਜੀਅ ਪਰਾਣ ਹਹਿ ਕਿਉ ਸਾਹਿਬੁ ਮਨਹੁ ਵਿਸਾਰੀਐ ॥ ਆਪਣ ਹਥੀ ਆਪਣਾ ਆਪੇਹੀ ਕਾਜੁ ਸਵਾਰੀਐ ॥੨੦॥

(١) سلوڪ محلا پهريون

صاحبن جو اپديش جتي ۽ پنڊت سڄي بلڪل ڪوڙا وچن بولڻ لڳا؛ ته تون بالڪ آهين. تون ڇا ڄاڻين جو اسان سان سوال جواب تو ڪرين. صاحبن تنهن تي فرمايو:-

(٢) مِلي آسنتُ مَشَتِ ڪرِ رهنئِي.
[مشت = مان.
[راڳُ گوڙ سري ڪبير جي شبد (١)]

جنهن جو ارت آهي ته جيڪي هين موڙ ڪري ملي ته مان ڪري ويهجي ٿو جو جيڪي هين هن سان گڏجڪو ڪجي ته نقصان پهچندو.

سکيا.

هن ٻوڙيءَ جي (١) سلوڪ ۾ ڏيکاريل آهي ته آن مها پوتر آهي، آهو ڪنهن جي چهڙ سان اپوتر ٿي نه ٿو سگهي. مليندا جيڪا آهي، سا هن جيو جي سرير ۾ آهي، جنهن ۾ اندر وچڙ ڪالهوءَ آهو پوتر آن ٿري وشٽا ٿبو پوي. پاهرئين اشنان ڪرڻ سان من جي نسچي پوترتا حاصل ٿي نه ٿي سگهي. جي جيو نام جپڻ ڪانسواءِ ڪاڏو کائين ٿا، آهي مها دوشي آهن. سلوڪ (٢) گورو صاحبن آهن پاکنڊي سنياسين کي چيو آهي، جنهن جو خيال هو ته صاحب گرهستي تي سکيا ڏيڻ جا آڌڪاري نه آهن. صاحبن گرهست آشرم ۾ ناري يعني استري ذات جي تعريف ڪئي آهي. ساري پيدائش ناريءَ دواران ئي آهي. راجا ۽ مها پرش به ناريءَ مان پيدا ٿين ٿا. ناريءَ کانسواءِ ڪو به پيدا نه ٿيو آهي. هر ڪنهن کي جي پنهنجي استري نه آهي ۽ ڏيئي نه آهي ته پيڻ هولديس ۽ جي پيڻ نه هولديس ته ماءُ ضرور. ناريءَ بدا فلاط اهو پرماتما اڄولي آهي. بيا سڀ ناريءَ جي پيدائش آهن. پوتر مسعي آهي آهن، جي پرماتما کي سديو ساراهين ٿا.

ارٿ :- جڏهين هن جڳت ۾ رهڻو ئي نه آهي، تڏهين جو هٺ ۾ پئڪاجي. اڪر پڙهي (يعني وديا پڙهي) اُن مان (اها سکيا) سمجهڻ گهرجي ته ڪنهنکي ۾ ٻرو نه چئاجي.
[گارب = هٺ. هنڌ يئي = پئڪاجي.]

پرماڻ :- "ڪها نر گربس ٿوري بات

من دس ناج ٽڪا[1] چار[2] گانٺي[3]، اڏي[4] ٽيڍو جات

اڪ رهاءُ

ٻهت پرتاپ گانئه[5] سؤ پائي، دُءِ لکه ٽڪا برات[6]

دِوَس چار ڪي ڪَرهُ صاحبي[7]، جئسي بن هر پات

نا ڪو ڏُو لئي آئو اِهُ ڏن، نا ڪو ڏُو لئي جات

راون هون تي اَڌڪ ڇترپت، کِن مهه گئي بلات[8]."

[سارنگ سري ڪبير جي شبد (١)]

موڙ ڪئي ڏال نه اُجهيئي.

ارٿ :- موڙڪه سان ڪڏهين تڪرار نه ڪاجي.
[اجهيئي = تڪرار ڪاجي.]

پرماڻ :- (١) "موڙکُه هوويئي سوسُٺي، موڙکه ڪا ڪهڻا."

[رامڪلي ڪي وار (١) پؤڙي (١٣) سلوڪ محلا (٣) نمبر (١)]

جنهنجو ارٿ آهي ته جيڪو موڙکه آهي سو ئي موڙکه جي ڳالهه ٻڌي ٿو.

١- ڏهه مڻ؛ ٢- اناج؛ ٣- روپيا؛ ٤- مغروريءَ سان؛ ٥- ڳوٺ؛ ٦- آمدني؛ ٧- ساوا پن؛ ٨- ناس ٿي.

ارٿ:- استريءَ مان ئي استري پيدا ٿي ٿئي. استريءَ بنا ڪو به پيدا ٿيو آهي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته استريءَ کان سواءِ هڪ اڪو سچو واهگورو آهي.

جِتُ مُکِ سدا سالاهيئي، ڀاڳا رَتي چارِ
نانڪ تي مُکِ اوجلي، تِتُ سچي دربارِ.

ارٿ:- جنهن جي مُنهن مان سدائين واهگوروءَ جي سارام ٿئي ٿي، اهو ڀاڳوارو ۽ سندر آهي يا انهيءَ ڀاڳ جي رتي سندر آهي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته انهيءَ نام جپڻ واريءَ جو مُنهن سچي پرماتما جي دربار ۾ اُجلو ٿئي ٿو. [چار = سندر.]

پؤڙي (١٩)

(سڀڪو پنهنجن ڪرمن جو ڦل ٿو ڀوڳي.)

سڀُڪو آکي آپڻا، جِسُ ناهي سو چُڻِ ڪڍيئي
ڪيتا آپو آپڻا، آپهي ليکا سنڍيئي

ارٿ:- هي پرميشر! سڀڪو توکي پنهنجو ڪري سڏي ٿو، جنهن جو تون نه آهين يعني جو توکي پنهنجو ڪري نه ٿو سمجهي، انهيءَ کي تون جهوني ٻاهر ڪڍين ٿو (يعني ٻالڪان ٻاهر ڪرين ٿو). سڀڪنهن کي پنهنجي ڪرمن جو ليکو پاڻ ئي ڏيڻو آهي. [سنڍيئي = پرکو، ڏيڻو، سوجهو.]

پرماڻ:- "جيسا ڪري سو تيسا پائي."

[راڳ گوڙي اشٽپديا محلا (٥) گهر (٢) ٢٢٩.]

دم انت ڏکي، تا ڪانت ڪاريه منڊيئي
سند آکيئي، ٻِوَ آکُر اهو ٻجهيئي

(٢) محلا پهلا

اُٿانڪا:- ڪئين جتي ستي ۽ پاکنڊي لوڪ صاحبن کي ڇڏڻ لڳا تہ اوهين گرهستي ٿي اسان کي اُپديش ڪريو ٿا. اسين جتي پرش تياڳي آهيون، اوهين سنسار ۾ گرفتار آهيو، ڇو جو جنهن کي ۾ ڀنڊ يعني استري آهي، اُتي ڀنڊي هلندي اچي. صاحبن تنهنتي هيٺيون سلوڪ فرمايو، جنهن ۾ اُپديش ڏنائون تہ استريءَ کي نندڻ بلڪل اجو آهي:-

ڀنڊِ جميئي ڀنڊِ نميئي، ڀنڊِ منگڻُ ويآهُ
ڀنڊهُ هووي دوستي، ڀنڊهُ چلئي راهُ

ارٿ:- استريءَ جي پيٽ اندر هي جيو ٿئي ٿو، استريءَ سان ئي پالڪ جنم وٺي ٿو ۽ استريءَ سان ئي مڱڻو ۽ وهانءُ ٿئيس ٿو. استريءَ سان ئي ماڻهوءَ جي محبت ٿئي ٿي ۽ استريءَ سان ئي سنسار جي ورتڻ هلي ٿي. [ڀنڊ = اکري معنيٰ ٿانو، استري. نميئي = ٻڌجي ٿو، ٿئي ٿو. راهُ = ورتڻ.]

ڀنڊِ مُئا ڀنڊِ ڀاليئي، ڀنڊِ هووي ٻنڌانُ
سو ڪيُ منداآکيئي، جِتُ جمهِ راجانُ

ارٿ:- جي اڳين استري مري وڃي تہ (ٻيءَ) استريءَ جي ڳولا ٿي ڪجي ۽ استريءَ جي ڪري ئي سنبنڌين سان ميلاپ ٿئي ٿو. اُنهيءَ استريءَ کي ڇو ٻرو چئجي، جنهن مان راجا (آدڪ) ڄمن ٿا. [ڀاليئي = ڳولجي؛ راجان = راجا آدڪ.]

ڀنڊهُ هي ڀنڊُ اُوپجئي، ڀنڊئي ٻاجهہ نہ ڪوءِ
نانڪ ڀنڊئي ٻاهرا، ايڪو سچا سوءِ

تنهن وقت لوڪ گندي ٻانس جي ڪري مٿس ٿڪون ڦٽيون ڪن ٿا.)

پرماڻ:- ”روپ ڏوپ سوڳنڌ ڀا، ڪاپڙ ڀوڳاڊ
ملت سڌڪ ڀاپشت ٿن، هوئي ڏرڪاد.“
[بلاول محلا (٥) شبد (٣٨)]

جنهنجو ارٿ آهي ته روپ، واس، سڳنڌ يون، ڪپڙا ۽ پدارٿ هن پاپي ٿن سان ملي گندا ٿين ٿا.

جت مکه نام نه اوچره، ٻن ناوئي رس ڪاهه
نانڪ ايوئي جا ڻيئي، تت مکه ٿڪا پاهه.

ارٿ:- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائن ٿا ته جنهن مکه سان نام نه ٿو اچارجي ۽ انجي جڳهه ٻيا ان کائجي ٿو، انهي مٺهن تي ٿڪون ٻونديون. (ڀاو- اهڙو جمو ڌڪار جو لائق آهي.) [رس = ان؛ تت = تنهن.]

پرماڻ:- (١) ”ڌرگه ڌرگه کائڻا، ڌرگه ڌرگه سوئڻا،
ڌرگه ڌرگه ڪاپڙ انگ چڙائڻا
ڌرگ سرير ڪٽنب سمت سڻه، جت هڻ خصم نه پائڻا
ٻوڙي جڙ ڪي ڦرهاٿ نه آوئي، اڪلا جنم گوائڻا.“
[بلاول محلا (٣) شبد (١)]

جنهنجو مطلب آهي ته جڳڏهن ڪي جيو مالڪ کي نه ٿو پراپت ڪري ته هنجو کائڻ، سمهڻ، ڪپڙا انگن تي پهرڻ، سڀ ڌڪار جا لائق آهن. اهڙو شخص سرير سميت ۽ ڪٽنب سوڌو ڌڪار جو لائق آهي. جڏهن هنکا جنم روپي ڏاڪڻ هٿان وڃي ٿي، تڏهن مها سنڌر مانکه جنم اجايو وڃي ٿو.

ਹਾਰੀਐ ॥ ਪੜਿਆ ਅਤੈ ਓਮੀਆ ਵੀਚਾਰੁ ਅਗੈ ਵੀਚਾਰੀਐ ॥ ਮੁਹਿ ਚਲੈ ਸੁ ਅਗੈ ਮਾਰੀਐ ॥ ੧੨ ॥

(١) سلوڪ محلا پهلا.

(دک دارون ۽ سک روڳ.)

هن پؤڙيءَ جو پهريون سلوڪ هڪ راهه ٻلار کي چيل آهي. راهه ٻلار هڪ دفعه سري گرو ناانڪ جن کي ٻيابان ۾ اڪيلو ويٺو ڏٺو. اُن وقت پاڻ هڪ سعدان ٻاسي ۾ وڃي ويٺو. گرو صاحب ڏيان ۾ هئا. جڏهن سمادي مان آٿيا، تڏهن راهه ٻلار هٿ جوڙي وينتي ڪري چيو ته "سائين، مونکي دک سک جو ڪارڻ ٻڌايو، ڇاڪاڻ ته هيڏي ٻيابان ۾ جتي دک ئي دک ڏسڻ ۾ اچي ٿو، اُتي توهين سکي ڪيئن ٿا گذاريو" صاحبن فرمايو ته "سنسار جي سکن ۾ روڳ آهي، ڇاڪاڻ ته ٻيهر وسريو ٿو وڃي ۽ انهي روڳ جو دارون يا علاج دک ئي آهي، جنهن ۾ پريو ياد پوي ٿو."

دک دارو سک روگ ڀيا، جا سک تام نه هوئي

ارٿ:- هي جيو! دک دوا آهي ۽ (وشين روپي) سک روگ يا بيماري آهي؛ جيستائين (سنساري) سک آهي، تيستائين (پرماتما جي نام جي) اڇا نه ٿي ٿئي. [تام=طمع، اڇا، خواهش.]

تون ڪرتا ڪرڻا مين ناهي، جا هؤ ڪري نه هوئي

ارٿ:- تون ڪرتار آهين، سڀني ڪم جو ڪندڙ آهين؛ مان ڪجهه به نه آهيان. مان ڪجهه به ڪٽي ڪوشش ڪريان ٿو ته اهو نه ٿو ٿئي. [ڪرڻا=ڪرت يا ڪم.]

جڏهن هي سنسار ڏٺائين ڏٺين جيون جو رچيو آهي. جن
۾ اهڙا خيال اٿين ٿين ٿا، سي توسان مليا پيا آهن، پر
جيڪي سمجهن ٿا ته سڀ ڪجهه اسانجي وس آهي،
سي توکان وڇڙيل آهن. ٻچاڙي ۾ گورو صاحب چون
ٿا "هي پرڀو! جن کي تو پنهنجي ٻُوجهه ڏني آهي، سي
گورو جي ڪرپا سان ني توکي چاڙهن ٿا؛ تو ۾ ئي
سمائجي وڃن ٿا."

ਸਲੋਕ ਮਃ ੧

ਦੁਖੁ ਦਾਰੂ ਸੁਖੁ ਰੋਗੁ ਭਇਆ ਜਾ ਸੁਖੁ ਤਾਮਿ ਨ ਹੋਈ ॥ ਤੂੰ ਕਰਤਾ ਕਰਣਾ ਮੈ ਨਾਹੀ ਜਾ ਹਉ ਕਰੀ ਨ ਹੋਈ ॥ ੧ ॥ ਬਲਿਹਾਰੀ ਕੁਦਰਤਿ ਵਸਿਆ ਤੇਰਾ ਅੰਤੁ ਨ ਜਾਈ ਲਖਿਆ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜਾਤਿ ਮਹਿ ਜੋਤਿ ਜੋਤਿ ਮਹਿ ਜਾਤਾ ਅਕਲ ਕਲਾ ਭਰਪੂਰਿ ਰਹਿਆ ॥ ਤੂੰ ਸਚਾ ਸਾਹਿਬੁ ਸਿਫਤਿ ਸੁਆਲਿਉ ਜਿਨਿ ਕੀਤੀ ਸੋ ਪਾਰਿ ਪਇਆ ॥ ਕਹੁ ਨਾਨਕ ਕਰਤੇ ਕੀਆ ਬਾਤਾ ਜੋ ਕਿਛੁ ਕਰਣਾ ਸੁ ਕਰਿ ਰਹਿਆ ॥ ੨ ॥ ਮਃ ੨ ॥ ਜੋਗ ਸਬਦੰ ਗਿਆਨ ਸਬਦੰ ਬੇਦ ਸਬਦੰ ਬ੍ਰਾਹਮਣਹ ॥ ਖਤ੍ਰੀ ਸਬਦੰ ਸੂਰ ਸਬਦੰ ਸੂਦ੍ਰ ਸਬਦੰ ਪਰਾਕ੍ਰਿਤਹ ॥ ਸਰਬ ਸਬਦੰ ਏਕ ਸਬਦੰ ਜੇਕੋ ਜਾਣੈ ਭੇਉ ॥ ਨਾਨਕੁ ਤਾਕਾ ਦਾਸੁ ਹੈ ਸੋਈ ਨਿਰੰਜਨ ਦੇਉ ॥ ੩ ॥ ਮਃ ੨ ॥ ਏਕ ਕ੍ਰਿਸਨੰ ਸਰਬ ਦੇਵਾਦੇਵ ਦੇਵਾਤ ਆਤਮਾ ॥ ਆਤਮਾ ਬਾਸੁਦੇਵਸਿ ਜੇਕੋ ਜਾਣੈ ਭੇਉ ॥ ਨਾਨਕੁ ਤਾਕਾ ਦਾਸੁ ਹੈ ਸੋਈ ਨਿਰੰਜਨ ਦੇਉ ॥ ੪ ॥ ਮਃ ੧ ॥ ਕੁੰਭੇ ਬਧਾ ਜਲੁ ਰਹੈ ਜਲ ਬਿਨੁ ਕੁੰਭੁ ਨ ਹੋਇ ॥ ਗਿਆਨ ਕਾ ਬਧਾ ਮਨੁ ਰਹੈ ਗੁਰ ਬਿਨੁ ਗਿਆਨੁ ਨ ਹੋਇ ॥ ੫ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਪੜਿਆ ਹੋਵੈ ਗੁਨਹਗਾਰੁ ਤਾ ਓਮੀ ਸਾਧੁ ਨ ਮਾਰੀਐ ॥ ਜੇਹਾ ਘਾਲੇ ਘਾਲਣਾ ਤੇਵੇਹੋ ਨਾਉ ਪਚਾਰੀਐ ॥ ਐਸੀ ਕਲਾ ਨ ਖੇਡੀਐ ਜਿਤੁ ਦਰਗਹ ਗਇਆ

جنهنجو ارٿ آهي ته ڪ جي ناڪيائي ماڪ ۾
۾ آهي يعني اسانکي جيڪا هن ماڪ ملائي لو نيڏا
هلون ٿا. اڳين ڪرمن ڪري جو ليکن ۾ ڏڪا ڪئيه
و ڏون. اها ڳاله ليڪ آهي ته جتي اسانجو داڻو اُو
اُتي ئي کائڻو پولدو.

سا اَکا تو ڏون ميل لڳه، اِتي آيُه ڏُڏ ڪُنائِڊا
سا ڪِوُ ڪريا تي جائِڊا، جتي ڏُڏ آپ پُچائِڊا
سا سهڪيءَ سچ سمائڊا

آرٿ:- ڪڙن کي ٽون ٻاڻ سان ملائيس تو ڪڙن کي ٽون ٻاڻڪان وڇوڙين ٿو. جنتي تو ٻاڻ پڇايو آهي، تنا گورو جي ڪرپا سان تو کي جاتو آهي. اُهي سوجهي يعني سيلوڪ ئي سچ ۾ سمائجي وڃن ٿا. [ڪنائِڊا = جدا ڪيو، وڇوڙيو.]

پرماڻ:- "ڪرمي آپو آپڻي ڪي نيڙي ڪي دور"
[سري جپ صاحب]

يعني پنهنجن پنهنجن ڪرمن انوسار جيون ماڻ ڪي پرميشور جي ويجهو ٿين ٿا ۽ ڪي دور.

ڀاو ارٿ

هن ٻڙائيءَ ۾ اِهو اُپديش آهي ته واهگورو سرو شڪتيوان آهي ۽ جيو هنجي ڪرپا ۽ مهر ڪري ئي شڀ ڪرمن (جهڙوڪ ڏيان، ڀڳتي وغيره) ۾ پرورتي ٿي سگهي ٿو. اهنڪار ڪري انهن جو ظن يا سمجهه ته ماڻ پنهنجي مرضيءَ موجب شڀ ڪرم ڪري سگهان ٿو، سو ليڪ نه آهي. سڀ ڪجهه ايشور جي وس آهي،

ڀاو ارٿ

هي جيو جيڪي ڪرم ڪري ٿو ٻرا يا چڱا تن جي ٺيڪ حالت واهگورو ئي ڄاڻي ٿو. جيو پاڻ فيصلو ڪري نه ٿو سگهي ته ڪهڙو ڪرم چڱو ۽ ڪهڙو ڪرم ٻرو؟ بعضي ائين به ٿئي ٿو ته ڪهڙو جيو چڱا ڪرم ڪري ٿو، پر اهنڪار سبب اُنهنجو ڦل وڃائي ٿو. ڪڏهنڪي به اوچي ذات ۽ اوچي پد ڪري پرلوڪ ۾ آدر نه ٿو ملي. آدر اُنهيءَ کي ئي ملي ٿو، جنهنجي اندر جي حالت سندر آهي. هن سلوڪ جو اُپديش اهو آهي ته ڪو به شڀ ڪرم ڪجي ته اهنڪار نه ڪجي ته مون چڱو ڪم ڪيو آهي. نمرتا ڪري پاڻ کي پريو جي مهر جي آسري ڇڏڻ گهرجي، پر ڪرمن تي ڀاري وهڻ وڏي ڀل آهي.

پؤڙي (١١)

(جيون جي آڌينتا ۽ گوروءَ دئاران پرماتما جي بخشيش.)

ڌُرِ ڪَرَمُ جنا ڪَءُ تُڌُ پائِئا، تا تِني خَصمُ ڌِئائِئا

اينا جَنتا ڪَےِ وَسِ ڪِڇُ ناهي، تُڌُ ويڪي جَڳتُ اُپائِئا

آرٿ:- هي ڪرتارا! جن لاءِ ڌُر کان ڪرمن جو ليکو لکيو آهي، تن تو خصم يعني مالڪ کي ڌيايو آهي. اُنهن جيون جي وس ڪي ڪين آهي، تو پرماتما جدا جدا نمونن جا يعني قسمين قسمين جيو جنت رچيا آهن. [ويڪي = جدا جدا.]

پرماڻ:- ”تڪ نت خصم هتِ، ڪِرتُ ڌڪي ديئه.

ڄهان داڻي تهان کاڻي نانڪا سچُ هي“.

[سورٺ کي وار پؤڙي (٢٨) سلوڪ محلا دوجا]

حوي؛ پر ڪرتار تہ سيڪي ويئو ڏسي تہ ڄگو ڪير؛ منو ڪير؟

(٢) سري گورو نانڪ صاحب حن فرمائين ٿا تہ ودي يعني بدي يا برائي جيڪا جيو ڪري ٿو، سا ظاهر ٿئي ٿي جو جو سڀڪو پرماتما اُنکي ويئو ڏسي. [ودي = حوڻ، ڀيڻيل، بدي يا ٻيڙائي؛ سر = اُما، ڄگو. وڄگ = پرگهٽ، ڄگہ ۾.]

نوٽ :- ھي ڇار ارٿ ٽيڪا ڪارن ڪيا آھن، ھن سيڏي ۾ خوبي آھي.

سا سيئي چالا ماريئا، ڪَرتا ڪري سُہ ھوءِ

ارٿ :- ھن سنسار ۾ سيئي ٿيا ڏٺا آھن (يعني گهڻيون ڪوشون ڪيون آھن تہ سڀڪجهہ اسانجي مرضيءَ موجب ٿئي)، پر جيڪي ڪرتار ڪري ٿو، سوئي ٿئي ٿو.

پرماڻ :- "ماڻس جتن ڪَرت بهہ ڀانت،

تِس ڪي ڪَرتب بِرٿي جات."

[سکمني صاحب اشٽپدي (١٧) پؤڙي (٥)]

يعني ھي جيو ڪيترن ئي نمونن جا يتن يا ڪوششون ڪٺي ڪري تہ بہ اُھي سڀ ڪم وئرٿ ٿيو پون.

سا اڪئي ذات نہ زور ھئي، اڪئي جيءِ نہ ٿوي

ارٿ :- اڳتي نہ ڪا ذات ڪم ايندي ۽ نہ ڪو زور ڪم ايندو، اُتي جيو ڪي نئون پوندو.

چنڪي ليکي پت پوئي، چنگي سيئي ڪيءِ.

آرت :- جن جي ليکي جا حساب ولڙ وقت پت رھجي اھي امرا حڳا ڪي ورلي. [ڪي = ڪي ورلي.]

ڪپٽي جيو آهن، تن کان ڀڳتي ٿي ڪين سگهندي.
پرماتما جي ڀڳتيءَ جي ڪسوٽيءَ تي اهو چڙهي سگهندو،
جنهن جيتريئي پاڻ ماري ڇڏيو آهي.

ڀاو ارٿ

اُنهيءَ سلوڪ ۾ گورو صاحب فرمايو آهي ته ڪلجڳ ۾ ڌرم جو حال ڪهڙو وڃي رهيو آهي ۽ هن سلوڪ ۾ ايا ڪهڙي ڳالهه ڪولي پڌائين ٿا. هن سمي جا راجا ۽ حاڪم ڪوڙ، ڪپٽ ۽ فريب سان ڀرپور آهن ۽ رعيت اگيان ۾ انڌي ٿي رهي آهي. اُپديشڪ دنيا جي ماڻهن کي کيل تماشا ڏيکاري ريجهائي رهيا آهن. پنڊت واد وواد ۾ ڏن ڪٺي ڪرڻ ۾ آهن. ڌرمي پرش ڪامنا ۽ اهنڪار جي وس وڃي ٿيا آهن. تياڳي پرشن کي سنياس وٺڻ جي پوري جڳتي ياد نه آهي. هو سمجهن ٿا ته گهر ٻار ڇڏي جهنگ ۾ نڪرڻ سوئي سنياس آهي. سيڪو پاڻ کي پؤرن پيو سڏائي. گورو صاحب فرمائين ٿا ته پورن سوئي آهي، جنهنجي پت ايشور جي درگاه ۾ رهجي آهي.

(٣) سلوڪ محلا پهلا.

وَدي سُ وَجِڳِ نانڪا، سَچا ويکئ سوءِ

ارٿ:- (١) سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته جيڪي پرماتما جوتي ۾ يعني سندس حڪم آهي سو پرگهٽ ٿئي ٿو ۽ سچو ويٺو اهو ڏسي.

(٢) سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته جيڪا پرميشور جي سنتيل آهي، سا پڌري آهي ۽ انهيءَ کي سچو پاڻ ويٺو ڏسي.

(٣) صاحب فرمائين ٿا ته هرڪو جڳهه ۾ پاڻ کي جڳو ٿو

جيئنجو ارٿ آهي ته "هي ڀائي! پنهنجو ڪپڙو ڇڏي ڏون جو جهنگ ۾ وڃي ٿو رهين؟ اُتي ڪنهن ڳول يعني ڳالهه ڳول ڪئين ٿو، سو ڪهڙي ڪم جو؟ هي ڀائي من جا مندا، تو اجا تائين وڪارن کي نه ڇڏيو آهي!" سنياس بابت دسمېس پنا جو هي فرمان آهي:-

"من رڪي ايسو ڪر سنياسا - بن سي سدا ن
سڀي ڪر سمجهو، من هي ماهر اداسا."[سدن ڪيدارو.]

يعني "هي ڀائي! اهڙو سنياس ڪر، جو پنهنجي گهر کي ئي بن ڪري ڄاڻ ۽ من ۾ ئي اداس رهه يعني دليا سان پريت نه جوڙ، واهگرو سان پريت جوڙ."

سيڪو ٻڙا آهي ڌرويي، ڪهت نه ڪوئي آئي
بت پرواڻ يڪيي انيٺي، تا نانڪ تولتا جاهي.

ارٿ:- سيڪو ڀاڳي پورن پيا پوتل ٿو جاڻي، گيت ڪو ڪوڙ ٿو جوالي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته سڀ جو مانو ته سڀ سامهه جي اٿي ٻڙ ۾ وجهون، تڏهن تسور جي حمر ٻولدي ان ڪير پورو آهي مطلب ته جنهنکي سڀ ڪرتار وٽ رکجي آئي، سوئي پورو آهي، پر جو پنهنجي مٿان ٻال تڪي پورو ڪوائي ٿو، سو پوتل نه آهي).

پرماڻ:- "ڪبير ڪسوٽي رام ڪي،
جهوٺا ٽڪي نه ڪوءِ
رام ڪسوٽي سو سهي، جو مر جيوا هوءِ."
[سلوڪ نمبر (٣٣).]

ڪبير صاحب فرمائين ٿا ته پرماتما جي پرکڻ واري ڪسوٽي تي ڪوڙو ٽڪي نه سگهندو، يعني جيڪي

پنڊت، پر اُنن جو پيار (مايا) ڪني ڪرڻ ۾ آهي. [واد = جهيڙو يا جنگ.]

پرماڻ:- ”پنڊت واچهِ پوٿيان، نا ٻوجهه ويچارُ
آن ڪَئُ متي دي چلهه، مايا ڪا واپارُ
ڪٿني جهوٺي جڳ ڀوي، رهڻي شبد سُ سارُ“
[سري راڳ محلا پهلا اَشٽپدي (٥).]

جنهنجو مطلب آهي ته پنڊت پوٿيون ڏاڍيان پڙهن ٿا، پر اُنهنجو ويچار يعني تت نه ٿا سمجهن. اُهي ٻين کي پر ٻوڌ ڏيندا پيا وتن پر اُهي پنهنجي سوارٿ لاءِ مايا جو واپار ڪن ٿا يعني ڌن ڪٺو ڪن ٿا: اُهي ڪوڙ ٻولِيندا جڳ ۾ ڦرن ٿا، پر رهڻي سريشٽ اُها آهي، جا ستگورو جي اُپديش انوسار آهي.

ڌرمي ڌرم ڪرهِ ڪاواڙ، منگهِ موکِ دُئار
جتي سداوهِ جُڳتِ نه جاڻهِ، ڇڏ بهِهِ گهر بار

ارٿ:- ڌرمي پرش ڌرم جا ڪرم ڪري جڏهين مڪتيءَ جو دروازو گهرن ٿا، تڏهين (سڪامي نيڪ جي ڪري) اُهو وڃائين ٿا- (ڀاو- جيڪڏهين نشڪاميتا ڌاري جت جي شڌتا ۽ پرماتما جي ڪرپا حاصل ڪن ها ته مڪتي اوس کين ملي).
ڪاڇ ۾ جيڪي جتي يعني اندريون روڪيندڙ يا سنياسي ڀاڻ کي سڏائين ٿا، تن کي تياڳ ڪرڻ جو رستوئي نه ٿو اچي. اُهي گهر بار ڇڏي وڃي (جهنگن ۾) وهن ٿا، (پر اهو سچو تياڳ نه آهي).

پرماڻ:- ”ڪرهِ تجهِ بن ڪنچ جائيتيءَ، ڇُن ڪائيتيءَ ڪندا
آجهه پڪار نه چوڏئي، پاڻي مرن مندا.“
[راڳ بلاول سري ڪبير جي شبد نمبر (٣).]

رھن رويي ۽ سچ کي چاڙهي ٻاهر رهي ميل کان صفا
کجي ۽ ٻڌايو رويي ڪيس بيهجي ڏيٺي واهکو رهڻ
جي ڀڪي هو ڀڪو رنگ متس چاڙهجي. اهو رنگ
بلڪل پڪو ٿيندو ۽ ڪڏهين به ڪوڙو لاڻابت ٿيندو.

(٢) محلا پهلا.

(ڪلجڳ جي ڪريا يا وهنوار.)

لبُ پاپُ دُه راجا مهتا، ڪوڙُ هوئا سِڪدارُ
ڪامُ نيبُ سدِ پڇيئي، ٻهِ ٻهِ ڪري بيچارُ

ارٿ:- لوب ۽ پاپ اهي ٻئي راجا ۽ پٽواري آهن ۽ ڪوڙ
ڪي هو ڏٺي يا سردار آهي. ڪام سندن نائب آهي (اهي
سيڻي ڪ ٻئي کي) سڏي پڇن ٿا ۽ ويهي ويهي ويچار
ڪن ٿا (ته ڪيئن حاجي ڪيڻ ڪريون). [سڪدار=سردار.]

اندي رئيت گيان وهُڻي، ڀاهِ ڀري مُردارُ
گيانی نچهِ وادهِ واوهِ، روپِ ڪرمِ سينگارُ

ارٿ:- گيان کان سواءِ رعيت اندي آهي يعني پرميشور
کان بي مکر آهي ۽ ترشنا روپي آگني ۽ (رشوت آدڪ)
حرام جي ڪمن ۾ پوري ٻڏي آهي. (من سمي حا) گياني
(ڪيترا) روپ ڌاري ۽ سينگار ڪري نچن ٿا ۽ وڄائين ٿا.
[رئيت = رعيت. ڀاهِ = ڀاهِ ترشنا. مردار = حرام جا ڪم.]

اوچي ڪوڪهِ وادا ڳاوهِ، جوڌا ڪا ويچارُ
موُرکِ پنڊت حڪمتِ حجتِ، سنجيءَ ڪرهِ پيارُ

ارٿ:- اوچي سرسان ڪوڪون ڪن ٿا ۽ جنگين بابت
ڳائين ٿا ۽ سورمن (جي تعريف) جو ويچار (ٻڌائين ٿا). جي
ڪر آهن سي تحقيقن ۽ دليلن ڏيکارڻ سان ٻنهي پيا آهن

کي پيائجي لائجي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا
تہ جي پريما ڀڳتي روپي مجيٺ رنگ ۾ هي جيو رنگائجي
وڃي تہ ڪوڙ جي ذري بہ ڪيس ٻوجهہ نہ رهندي. [سوء ==
خبر ٻوجهہ.]

پرماڻ :- ” ڪائِتا رَنگڻ جي ٽيئي پٽاري، پائيئي ناءِ مجيٺ
رَنَگڻَ وِالا جي رَنگيءِ صاحبُ، آئسا رَنگُ نہ ڏيٺَ. “
[هزاري دي شبد نمبر (٣) .]

جنهنجو مطلب آهي تہ ” هي پيارا، جيڪڏهين
انتهڪرڻ رنگڻ جو ٿانءُ ٿئي ۽ اُن ۾ نام روپي مجيٺ
جو رنگ. وجهجي ۽ رنگريز خود اُهو پرماتما پاڻ ٿئي
تہ اهڙو رنگ انتهڪرڻ کي چڙهي وڃي، جهڙو اڳي اسان
ڪڏهن ڪونہ ڏٺو آهي، مطلب تہ پوءِ هيءُ جيو پرماتما
ساڻ هڪ ٿي وڃي. “

ڀاو ارٿ

هن سلوڪ ۾ گورو صاحب اُپديش ڏين ٿا تہ ڪلجڳ
۾ ڌرم ڪونہ وڃي رهيو آهي يعني منمکن ۾ سچائي ذري
بہ نہ آهي. ڌرم جو داڳو نڪمو ٿي دال وانگر پري پيو
آهي. ڪلجڳ ۾ ڌرم جو فقط هڪ پير وڃي رهيو آهي.
۽ ٽي پير چٽ ٿي ويا آهن. جيون جا هردا پاپن روپي
ڪارنهن ڪري ڪارا ٿيا آهن ۽ مايا لوڪن کي کهڙو
پٽڪائي رهي آهي. هو منکہ نہ آهن، پر جيڪس ائين
چئجي تہ هو پوتن سمان آهن. هن سمي ۾ ڀڳتيءَ جي
بلڪل ضرورت آهي. واهگورو رءِ جي جپ روپي ڪنب

ڪمري تي (يعني انتهڪرڻ تي) (نام روپي) رنگ نه چڙهندو. [پاڄي = ٻياجي، ڪمري تي پاڄي لڳائيندا آهن، انهيءَ ڪري تن رنگ انتي پورو لڳي. پادرا = ڪاسواءِ.]

نوٽ:- ڪلجڳ کان اڳي ٽن جڳن ۾ يڪ مت ۽ تپ آدڪ ساڌنائن سان ماڻهن مڪتي پاتي ٿي، مگر اڄو ست ۽ جت جو سمو هاڻي نه آهي. هن ڪلجڳ ۾ ڪوڙ پيو ورتي. صاحب فرمائين ٿا ته اڳين جڳن ۾ جو يڪ تپ آدڪ ڌرم جو داڻو هو، سو ست چڙدي رهيو آهي يعني هاڻي هيون ۾ يڪ تپ آدڪ ڪرڻ جي سمرٿي نه آهي. ڪلجڳ ۾ ڌرم جا (٣) پير ويا هليا آهن، باقي هڪ پير وڃي رهيو آهي، تنهنڪري ڌرم روپي داڻو، جو پري دال تي پيو آهي، سو ٻن سمي ۾ ڦل دائڪ نه ٿيندو. ڪلجڳ ۾ ڪيول نام جو ئي آڌار ماڻهن لاءِ آهي.

پرماڻ:- " اَي ڪاڄ آئيو ري، اِڪُ نامُ ٻو وَهُ ٻو وَهُ،
انِ رُوتِ ناهي ناهي، مَتُ ٻوم ڀُوُلهِ ڀُوُلهِ.
[بسنت محلا (٥) شبد (١٨).]

يعني ته هاڻي ڪلجڳ جو سمو آهي، جنهن ۾ هڪ پرماتما جو نام ئي ٻو ڪيو. ٻي ڪا رت نام ٻو ڪرڻ جي ڪانهي. مڪان ٻو ٽن ڀرمن ۾ ڀلجي وڃو.

، ٻئي وڃ ڪُٽب ڇڏائيٽيئي، سرمُ پاهُ تن ٽوه
، نانڪ پڳتي جب رتيئي، ڪوڙيئي سوءِ نه ٽوءِ.

ارٿ:- پرميشور جي ٻڌ جي ڪُٽب ۾ (من روپي وستر کي) ڇاڙهيڪي (يعني پاپ جي ميل کان صفا ڪجي)، ۽ ٽو ڪولن ڪرڻ کان) شرم يعني ويراڳ اِها تي (روپي ڪمڙي)

(۱) سلوڪ محلا پهلا
(ڪلجگ ۾ ڌرم جي هاڃي ۽ اڌرم جو ورتارو.)

هيءَ پؤڙي ۽ راءِ ٻولار کي چيل آهي.

سچ ڪالُ ڪُوڙ وَرتيا، ڪَلِ ڪا لَکهُ بيتالَ
بِيئُ بيجُ پَتِ لَي گَئي، اَبِ ڪِئُ اُگوَي دالِ

آرٿ:- ڪلجگ ۾ سچ جو ڏڪر آهي ۽ ڪوڙ ورتاءُ رهيو آهي ۽ ڪلجگ جي پاپن روپي ڪارنهن ڪري ماڻهو اهڙا ٿي پيا آهن جهڙا ڀوت. اڳين جُڳن ۾ ماڻهو (ڌرم روپي) ٻج ٻوکي ڪرتار جي دربار ۾ پت سان ويا، هاڻي (ڌرم روپي داڻو)، جو هاڻي ٻجي دال ٿي پيو آهي، سا دال هينئر ڪيئن اُپرندي؟ [ڪال = ڏڪار. ڪالک = ڪارنهن. بيتال = ڀوت.]

پرماڻ:- "ڪَليُ آندِ ناڪا، جِنا دا آوَتارُ
پُت جِنوُرا، ڌيُ جِنوُري، جورُو جِنان دا سِڪدارُ."

[پيا گڙي کي وار پؤڙي (۲۰) سلوڪ محلا پهلا نمبر (۱).]

جنهنجو مطلب آهي ته ڪلجگ ۾ ماڻهو اهڙا آهن جهڙا جن ڀوت. پُت جن آهن، ڌيئون جنريون آهن ۽ استريون جن جون روپ آهن.

جي اِڪُ هوءِ ته اُگوَي، رُتي هوُ رتِ هوءِ
نانڪ پاهَي ٻاهرا، ڪورَي رَنگُ نه سوءِ

آرٿ:- جي ڌرم جو هڪ يا سچو داڻو هجي ته اُپري ۽ رُتين مان رُت به نيڪ هجي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته (ست سنگ روپي) پاهڻ کان سواءِ ڪوري

ڪري واهگورو جو سمرڻ ڪجي. ١٥ آتم رستو يعني سنتن جي ڏوڙ پورب جي لکئي موجب حاصل ٿي سگهي ٿي. اُن اندر ٿي پاڻو جهڙي ڪمائي هوندي. جيڪڏهين پهچجي ته مت الوسا رهو ته ڪيل ڪمائي پڻ ڪمت ٿيندي.

ਆਸਾ ਮਃ ੧

ਸਚਿ ਕਾਲੁ ਕੂੜੁ ਵਰਤਿਆ ਕਲਿ ਕਾਲਖ ਬੇਤਾਲ ॥ ਬੀਉ ਬੀਜਿ ਪਤਿ ਲੈ ਗਏ ਅਬ ਕਿਉ ਉਗਵੈ ਦਾਲਿ ॥ ਜੇ ਇਕੁ ਹੋਇ ਤ ਉਗਵੈ ਰੁਤੀਹੂ ਰੁਤਿ ਹੋਇ ॥ ਨਾਨਕ ਪਾਹੈ ਬਾਹਰਾ ਕੋਰੈ ਰੰਗੁ ਨ ਸੋਇ ॥ ਭੈ ਵਿਚਿ ਖੁੰਬਿ ਚੜਾਈਐ ਸਰਮੁ ਪਾਹੁ ਤਨਿ ਹੋਇ ॥ ਨਾਨਕ ਭਗਤੀ ਜੇ ਰਪੈ ਕੂੜੈ ਸੋਇ ਨ ਕੋਇ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੧ ॥ ਲ_ ਪਾਪੁ ਦੁਇ ਰਾਜਾ ਮਹਤਾ ਕੂੜੁ ਹੋਆ ਸਿਕਦਾਰੁ ॥ ਕਾਮੁ ਨੇਬੁ ਸਦਿ ਪੁਛੀਐ ਖਹਿ ਬਹਿ ਕਰੇ ਬੀਚਾਰੁ ॥ ਅੰਧੀ ਰਯਤਿ ਗਿਆਨ ਵਿਹੂਣੀ ਭਾਹਿ ਭਰੇ ਮੁਰਦਾਰੁ ॥ ਗਿਆਨੀ ਨਚਹਿ ਵਾਜੇ ਵਾਵਹਿ ਰੂਪ ਕਰਹਿ ਸੀਗਾਰੁ ॥ ਊਚੇ ਕੂਕਹਿ ਵਾਦਾਗਾਵਹਿ ਜੋਧਾ ਕਾ ਵੀਚਾਰੁ ॥ ਮੂਰਖ ਪੰਡਿਤ ਹਿਕਮਤਿ ਹੁਜਤਿ ਸੰਜੈ ਕਰਹਿ ਪਿਆਰੁ ॥ ਧਰਮੀ ਧਰਮੁ ਕਰਹਿ ਗਾਵਾਵਹਿ ਮੰਗਹਿ ਮੋਖ ਦੁਆਰੁ ॥ ਜਤੀ ਸਦਾਵਹਿ ਜੁਗਤਿ ਨ ਜਾਣਹਿ ਛਡਿ ਬਹਹਿ ਘਰ ਬਾਰੁ ॥ ਸਭੁ ਕੋ ਪੂਰਾ ਆਪੇ ਹੋਵੈ ਘਟਿ ਨ ਕੋਈ ਆਖੈ ॥ ਪਤਿ ਪਰਵਾਣਾ ਪਿਛੈ ਪਾਈਐ ਤਾ ਨਾਨਕ ਤੋਲਿਆ ਜਾਪੈ ॥ ੨ ॥ ਮਃ ੧ ॥ ਵਦੀ ਸੁ ਵਜਗਿ ਨਾਨਕਾ ਸਚਾ ਵੇਖੈ ਸੋਇ ॥ ਸਭਨੀ ਛਾਲਾ ਮਾਰੀਆ ਕਰਤਾ ਕਰੇ ਸੁ ਹੋਇ ॥ ਅਗੈ ਜਾਤਿ ਨ ਜੋਰੁ ਹੇ ਅਗੈ ਜੀਉ ਨਵੇ ॥ ਜਿਨ ਕੀ ਲੇਖੈ ਪਤਿ ਪਵੈ ਚੰਗੇ ਸੇਈ ਕੇਇ ॥ ੩ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਧੁਰਿ ਕਰਮੁ ਜਿਨਾ ਕਉ ਤੁਧੁ ਪਾਇਆ ਤਾ ਤਿਨੀ ਖਸਮੁ ਧਿਆਇਆ ॥ ਏਨਾ ਜੰਤਾ ਕੈ ਵਸਿ ਕਿਛੁ ਨਾਹੀ ਤੁਧੁ ਵੇਕੀ ਜਗਤੁ ਉਪਾਇਆ ॥ ਇਕਨਾ ਨੋ ਤੂੰ ਮੇਲਿ ਲੈਹਿ ਇਕਿ ਆਪਹੁ ਤੁਧੁ ਖੁਆਇਆ ॥ ਗੁਰ ਕਿਰਪਾ ਤੇ ਜਾਣਿਆ ਜਿਥੈ ਤੁਧੁ ਆਪੁ ਬੁਝਾਇਆ ॥ ਸਹਜੇ ਹੀ ਸਚਿ ਸਮਾਇਆ ॥ ੧੧ ॥

(۴) " ڏڏا ڏور ڀئيت تيري جندُ نا
ڏن تيڻو جهہ رچ اِڏا منڌُ نا
ڏن نهي ٻاڇہ، سڱ آڇہ
آتِ ٻر ٻريت ساڌ رج راڇہ."

[گؤڙي ٻاون اکري محلا (۵) ٻؤڙي (۴)]

ڏڏي اکر ڏئاران سڙي گورو ارجن ديو جن ونتي ڪري چون ٿا تہ " هي ٻر ڀو! تنهنجي سنتن جي ڌوڙ ٻوتر آهي. ڏن آهن اُهي شخص، جن جي من ۾ اِها ڌوڙ لاءِ چاهنا آهي. اُهي ڏنيوي ڏن نہ ٿا چاهين، بلڪ سرگہ جي بہ اِڇا ڪانہ اٿن. اُهي ساڌن جي چرڻن جي ڌوڙ سان تمام گهڻي ٻريت لڳائين ٿا."

ڦلُ تيو ٻهو ٻائيئي، جيو ٻهي ڪار ڪمائيئي
جي هوڻي ٻورب لِکِتا، تا ڌوڙِ تنا دي ٻائيئي

ارٿ:- ڦل اهڙوئي ٻائبو جهڙي ڪمائي ڪبي. جي ٻورب جو لکيو هوندو تہ اهڙن سنتن جي ڌوڙ ملندي.

مت ٿوڙي سيو ڪوائيئي.

ارٿ:- جيڪڏهين ٻنهنجي ٿوڙي مت موجب هلبو تہ ڪيل شبوا ٻڙ وڃائبي.

ڀاو ارٿ

هن ٻؤڙيءَ ۾ گورو صاحب سنتن جي چرڻن جي ڌوڙ جي مهما ڪن ٿا. هو فرمائين ٿا تہ سنتن جي چرڻن جي ڌوڙ ملي تہ جيڪر مستڪ تي لائجي. اُهنجي چرڻن جي ڌوڙ جو دان ئي اسين اُهن کان گهرون ٿا. اُنهنجي سنگت ڪري سنسار جي ڪوڙي لالچہ ڇڏي ڏجي ۽ ايڪاگر چت

(۴) "ڌڌا ڌُورِ پُنيت تيري جنُوئا
ڌَن تيجُو جهہ رچ اِئا منُوئا
ڌَنُ نهي باچهہ، سرگ آچهہ
اَتِ پرِ پرِيت ساڌ رج راچهہ."

[گؤڙي باون اکري محلا (۵) پؤڙي (۴)]

ڌڌي اکر ڏئاران سري گورو ارجن ديو جن ۽ ينتي ڪري چون ٿا ته "هي پربو! تنهنجي سنتن جي ڌوڙ پوتر آهي. ڌن آهن اُهي شخص، جن جي من ۾ اِنهيءَ ڌوڙ لاءِ چاهنا آهي. اُهي دنيوي ڌن نه ٿا چاهين، بلڪ سرگ جي به اِڇا ڪا نه اٿن. اُهي ساڌن جي چرنن جي ڌوڙ سان تمام گهڻي پريت لڳائين ٿا."

ڦَلُ تيو پهو پائيندءِ، جيو پهي ڪار ڪمائيندءِ
جي هووِ پورب لکيا، تا ڌوڙ تنا دي پائيندءِ

ارٿ:- ڦل اهڙوئي پائبو جهڙي ڪمائي ڪبي. جي پورب جو لکيو هوندو ته اهڙن سنتن جي ڌوڙ ملندي.

مت تُوڙي سيوَ گوائيندءِ.

ارٿ:- جيڪڏهين پنهنجي توڙي مت موجب هلبو ته ڪيل شبوا بڻ وڃائبي.

ڀاو ارٿ

هن پؤڙيءَ ۾ گورو صاحب سنتن جي چرنن جي ڌوڙ جي مهما ڪن ٿا. هو فرمائين ٿا ته سنتن جي چرنن جي ڌوڙ ملي ته جيڪر مستڪ تي لائجي. اُنهنجي چرنن جي ڌوڙ جو دان ئي اسين اُنهن کان گهرون ٿا. اُنهنجي سنگت ڪري سنسار جي ڪوڙي لالچ ڇڏي ڌڃي ۽ ايڪاگر چت

ارٿ :- سچ پلي پرڪار تڏهين ڄاڻجي، جڏهين آتما روپي تيرٿ ۾ نواس ڪجي (مطلب تہ انترمکي ورتي ڪري من جي سنڪلپ وڪلپ ۽ دُشٽ واشنائن کي روڪي ابياس ڪجي). ستگوروءَ کان اُپديش وٺي ويهي ايشور ۾ نواس ڪري يعني پنهنجي ورتي پرماتما ۾ لڳائي.

سَچُ سڀنا هوءِ دارُو، پاپَ ڪَڍيِ ڌوءِ
نانڪُ وَکاڻيِ بينتي، جِنِ سَچُ پَلَيِ هوءِ.

ارٿ :- سچ سڀني روڳن لاءِ دوا آهي، جو پاپن جي ميل کي من مان ڌوئي ڪڍي ٿو. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ اسانجي وينتي اُنهن جي اڳيان آهي، جن جي هردي روپي پلؤ ۾ سچ آهي. (ڀاو- جنکي سچ پلئي پيو آهي، تن جا اسين داس آهيون).

ڀاو ارٿ

اڳئين سلوڪ ۾ ڏيکاريل آهي تہ دنيا ڪوڙي آهي ۽ ڪوڙ ۾ رهي سچ پراپت ڪرڻ ڪٺن آهي. هن سلوڪ ۾ گورو صاحب سچ پراپت ڪرڻ جا ڪي ساڌن ٻڌائين ٿا. پهرين پهرين سچ جو پتو ئي هن جيو کي تڏهين پئجي سگهي ٿو، جڏهين هنکي ردي ۾ سچ پراپت ڪرڻ جو پريم هجي ۽ هو وشين جي ميل کي ردي مان ڌوئي ٻاهر ڪري. پيو سچ حاصل ڪرڻ لاءِ هو اٺ ئي پهر ڪالکي رهي، سچ پاڻڻ جي جُڳتي جا ڏي ۽ پاڙکي آڏ ڪاري ٻڌائي. ستگورن کان سچي سکيا پراپت ڪري، اندر ۾ پرماتما جو ڀؤ ڌاري، جيون تي ديا ڪري ۽ غريبي غربي جي سهائتا ڪري خوش ٿئي. سچ جاڻڻ جو اهو بہ ساڌن آهي تہ ستگورو کان اُپديش

ارٿ :- سچ تڏهن پلي پرڪار جاڻجي، جڏهن آتما روپي تيرٿ ۾ نواس ڪجي (مطلب تہ انترمکي ورتي ڪري من جي سنڪلپ وڪلپ ۽ دُشٽ واشنائن کي روڪي اڀياس ڪجي). ستگوروءَ کان اُپديش وٺي ويهي ايشور ۾ نواس ڪري يعني پنهنجي ورتي پرماتما ۾ لڳائي.

سچُ سڀنا هوءِ دارُو، پاپ ڪڍئي ڌوءِ
نانڪُ وکاڻئي بينتي، جن سچُ پلئ هوءِ.

ارٿ :- سچ سڀني روڳن لاءِ دوا آهي، جو پاپن جي ميل کي من مان ڌوئي ڪڍي ٿو. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ اسانجي وينتي اُنهن جي اڳيان آهي، جن جي هردي روپي پاءُ ۾ سچ آهي. (ڀاو- جنکي سچ پلئي پيو آهي، تن جا اسين داس آهيون).

ڀاو ارٿ

اڳئين سلوڪ ۾ ڏيکاريل آهي تہ دنيا ڪوڙي آهي ۽ ڪوڙ ۾ رهي سچ پراپت ڪرڻ ڪٺن آهي. هن سلوڪ ۾ گورو صاحب سچ پراپت ڪرڻ جا ڪي سادن ٻڌائين ٿا. پهرين پهرين سچ جو پتوئي هن جيو کي تڏهن پئي سگهي ٿو، جڏهن هنکي رديءَ ۾ سچ پراپت ڪرڻ جو پريم هجي ۽ هو وشين جي ميل کي ردي مان ڌوئي ٻاهر ڪري. پيو سچ حاصل ڪرڻ لاءِ هو اٺئي پهر ڪانکي رهي، سچ ٻاڌڻ جي جُڳتي جاڻي ۽ پاڻکي آڌ ڪاري بڻائي. ستگورن کان سچي سکيا پراپت ڪري، اندر ۾ پرماتما جو ٻو ڌاري، جيون ني ديا ڪري ۽ غريب غربي جي سهائتا ڪري خوش ٿئي. سچ جاڻڻ جو اِهو ٻہ ساڌن آهي تہ ستگورو کان اُپديش

ليکي پوري ڪرڻ ۾ مدد ڪو به خيال ڪو نه ٿي ٿيو
انهيءَ طرح بيحد نمرتا سان پنهنجي مردي روپي زمين
کي اڏو تيار ڪيائين، جو سياوڪ منجهس نام روپي
ٻج ڦلدائڪ ٿيو. سري گورو ارجن ديو جن کي ڀائي ڀلي
جي عجيب شيوا ڏسي گهڻي خوشي ٿي ۽ هڪ ڏينهن
ساري سنگت وٺي ڪوري ڏانهن ويا. ڀائي ڀلو پنهنجي
شيوا ۾ مشغول هو ۽ ستگورن کي ويجهو ايندو ڏسي
هڪ وڻ جي پٺيان لڪي ويٺو. پر سنگت مان هڪ ڄڻي
گورو صاحبن کي چيو ته ڀائي ڀلو وڻ پٺيان لڪل آهي.
گورو صاحب ويجهو آيا، پر ڀائي ڀلي کين پريان ئي چيو
ته "ستگورو اوهين منهنجي ويجهو نه اچو. مان گند
سان ڀريل آهيان. اوهانکي بدبوء ايندي." گورو صاحب
جهٽ کيس ڀاڪر پائي وٺي ڪڍيا ۽ سندس وشٽا سان
ڀريل ڪپڙن ۽ ميلي سرير کي نه ڏٺائون. پوءِ کيس پريم
سان چيائون ته "پيارا، تنهنجي شيوا قبول پئي. تو
منجهان اسانکي بدبوء ڪانه ٿي اچي، پر سڳند ٿي اچي.
تون سکن جو سرمور آهين. اهڙي ڪن شيوا ڪري
واهگورو سديو تو کي سکي رکندو."

سچي ڏي پر ڄاڻيئي، جا سک سڀني ليءِ
دنيا جائي جيڻ ڪي، ڪجهه پن دان ڪريءِ

ارٿ: — سچي ڀلي پرڪار تڏهين ڄاڻجي، جڏهن سڀني
سکيا وٺجي ۽ جيون ۾ دَيا ڪرڻ ڄاڻجي ۽ ڪجهه پن
دان ڪجي. [سک = سکيا.]

سچي ڏي پر ڄاڻيئي، جي آتم تيرٿ ڪري اشنان
ستگورو تو پڇي، ٻيو وڃي ڪري اشنان

ڪوڙ سنا ڪوڙ رپا، ڪوڙ پئنط هار
ڪوڙ ڪاپئا ڪوڙ ڪپڙ، ڪوڙ روپ اپار

ارٿ :- سون استر نہ آهي، روپ استر نہ آهي ۽ اُنهن جا زيور پهريندڙ بہ استر نہ آهن ۽ سرير استر نہ آهي، ڪپڙا استر نہ آهن ۽ بي انت روپ بہ استر نہ آهن. [پيڌڻ هار=پهريندڙ. ڪپڙ=ڪپڙا. اپار=بي حد، بي انت.]

ڪوڙ ميئا ڪوڙ بيبي، کپ هوئي خار
ڪوڙ ڪوڙي نيهہ لڳا، وسريا ڪرتار

ارٿ :- پرش توڙي استريون استر نہ آهن. اهي سڀ کپي ڪاڻي خوار ٿين ٿا. ڪوڙن منکن جو پيار ڪوڙن پدارٿن سان لڳو پيو آهي، جنهنڪري ڪرتار انهن کان وسري ويو آهي. [ميئا = مردار، پرش. خار= خوار.]

ڪس نال ڪيچئي دوستي، سڀ جگ چلڻهار

ارٿ :- (پوءِ) ڪنهن سان محبت ڪجي، جڏهين سڄو سنسار هلڻ هارو آهي.

پرماڻ :- "ساٿ تيري چلئي ناهي، تس نال ڪيئہ چت لائيئي
آئيسا ڪرم مولي نہ ڪيچئي، جت آنت پڇوتائيئي."
[آنند صاحب پؤڙي (١١)]

جنهنجو مطلب آهي تہ هي سنسار او هان سان سنگہ ڪين هلندو. پوءِ اُنهيءَ سان چوٿا دل رکو؟ اهڙو ڪرم مور نہ ڪجي، جو پوءِ پڇتائڻو پوي.

ڪوڙ مٺا ڪوڙ ماکئہ، ڪوڙ ڏوبي پور
نانڪ وکاڻئي بينتي، تڌ باجهہ ڪوڙو ڪوڙ.

ਮਹਿੰਡਾ ਤਲੀ ਖਾਕੁ ਜੇ ਮਿਲੈ ਤ ਮਸਤਕਿ ਲਾਈਐ॥ ਕੂੜਾ ਲਾਲਚੁ ਛਡੀਐ ਹੋਇ ਇਕ ਮਨਿ ਅਲਖੁ ਧਿਆਈਐ ॥ ਫਲੁ ਤੇਵੇਹੋ ਪਾਈਐ ਜੇਵੇਹੀ ਕਾਰ ਕਮਾਈਐ॥ ਜੇ ਹੋਵੈ ਪੂਰਬਿ ਲਿਖਿਆ ਤਾ ਧੂੜਿ ਤਿਨਾ ਦੀ ਪਾਈਐ ॥ ਮਤਿ ਥੋੜੀ ਸੇਵ ਗਵਾਈਐ ॥ ੧੦ ॥

(ا) سلوڪ محلا پهلا

ڀائي سردول سنگھ گياني پنھنجي آسا دي وار جي ٽيڪا ۾ لکي ٿو تہ ھڪ دفعہ تلونڊي، جنھن کي ھاڻي سري ننڪاڻا صاحب سڏين ٿا، تنھنجي حاڪم راءِ بولار سري گورو نانڪ صاحب جن کي پنھنجي ڪمداري آڇي ۽ چيائين تہ "او نانڪ جو پٽا ۽ اسان وٽ اچي پٽواري آھي. اسان وٽ رھي دنيا جا سک ڀوڳيو" تنھن تي صاحبن ھي شبد اچارڻ ڪيو:-

(دنيوي اوچ سڀ ڪوڙ.)

١ ڪوڙُ راجا ڪوڙُ پرجا، ڪوڙُ سڀ سنسارُ

٢ ڪوڙُ منڊپ ڪوڙُ ماڙي، ڪوڙُ ٻيسڻ ھارُ

ارٿ:- راجا استر نہ آھي، پرجا بہ استر نہ آھي ۽ سارو سنسار ئي استر نہ آھي. ماڙيون ۽ محل استر نہ آھن ۽ انھن ۾ وھڻ وارا بہ استر نہ آھن. [ٻيسڻ ھار = وھڻ وارا.]

پرماڻ:- "ڪوئو نر سمان ٿئي راجا

اي ٻڌو سڀ ڏوس ھارڪي، جولي ڪرت ڏواجا."

[راڳ بلاول باڻي سري ڪبير جي شبد (٥)]

جنھنجو مطلب آھي تہ ھري پرماتما جھڙو ڪو راجا نہ آھي. ھي دنيوي راجا سڀ چئن ڏينھن جا آھن. آھي ڪوڙا ٺڪر ويکر ڪن ٿا.

ٻٽ ٻٽ وڏا ھڻندا آھن، جي اسين وڏا گياني آھيون.
اسان سان ڪو ڪلھو نه ھڻندو. گورو صاحب چون ٿا
ته ڀيا ڀلي ته پاڻ کي وڏا چوائين، پر موکي ته نمرتا
پسند آھي. موکي ته اُنھن جي صحبت گھرجي جي ڪيون
توکي پرميشور جاڻي تنھنجو سمرن ڪن ٿا.

جڏھين اھي سري آسا جي وار جون نو (٩) پؤڙيون
شيخ برھم ٻڌيون، تڏھين اُنجي من کي آنند اچي
ويو ۽ ھن سکون کي نرنڪار جو موڪليل سمجھي
ڪين پنھنجو وڏو ڪري سمجھيو.

ਸਲੋਕ ਮਃ ੧

ਕੂੜੁ ਰਾਜਾ ਕੂੜੁ ਪਰਜਾ ਕੂੜੁ ਸਭੁ ਸੰਸਾਰੁ ॥ ਕੂੜੁ ਮੰਡਪ ਕੂੜੁ ਮਾੜੀ ਕੂੜੁ ਬੈਸਣਹਾਰੁ ॥ ਕੂੜੁ ਸੁਇਨਾ ਕੂੜੁ ਰੁਪਾ ਕੂੜੁ ਪੈਨਣਹਾਰੁ ॥ ਕੂੜੁ ਕਾਇਆ ਕੂੜੁ ਕਪੜੁ ਕੂੜੁ ਰੂਪੁ ਅਪਾਰੁ ॥ ਕੂੜੁ ਮੀਆ ਕੂੜੁ ਬੀਬੀ ਖਪਿ ਹੋਏ ਖਾਰੁ ॥ ਕੂੜਿ ਕੂੜੈ ਨੇਹੁ ਲਗਾ ਵਿਸਰਿਆ ਕਰਤਾਰੁ ॥ ਕਿਸੁ ਨਾਲਿ ਕੀਚੈ ਦੋਸਤੀ ਸਭੁ ਜਗੁ ਚਲਣਹਾਰੁ ॥ ਕੂੜੁ ਮਿਠਾ ਕੂੜੁ ਮਾਖਿਉ ਕੂੜੁ ਡੋਬੇ ਪੂਰੁ ॥ ਨਾਨਕੁ ਵਖਾਣੈ ਬੇਨਤੀ ਤੁਧੁ ਬਾਝੁ ਕੂੜੋ ਕੂੜੁ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੧ ॥ ਸਚੁ ਤਾ ਪਰੁ ਜਾਣੀਐ ਜਾ ਰਿਦੈ ਸਚਾ ਹੋਇ ॥ ਕੂੜ ਕੀ ਮਲੁ ਉਤਰੈ ਤਨੁ ਕਰੇ ਹਛਾ ਧੋਇ ॥ ਸਚੁ ਤਾ ਪਰੁ ਜਾਣੀਐ ਜਾ ਸਚਿ ਧਰੇ ਪਿਆਰੁ ॥ ਨਾਉ ਸੁਣਿ ਮਨੁ ਰਹਸੀਐ ਤਾ ਪਾਏ ਮੋਖ ਦੁਆਰੁ ॥ ਸਚੁ ਤਾ ਪਰੁ ਜਾਣੀਐ ਜਾ ਜੁਗਤਿ ਜਾਣੈ ਜੀਉ ॥ ਧਰਤਿ ਕਾਇਆ ਸਾਧਿ ਕੈ ਵਿਚਿ ਦੇਇ ਕਰਤਾ ਬੀਉ ॥ ਸਚੁ ਤਾ ਪਰੁ ਜਾਣੀਐ ਜਾ ਸਿਖ ਸਚੀ ਲੇਇ ॥ ਦਇਆ ਜਾਣੈ ਜੀਅ ਕੀ ਕਿਛੁ ਪੁੰਨੁ ਦਾਨੁ ਕਰੇਇ ॥ ਸਚੁ ਤਾ ਪਰੁ ਜਾਣੀਐ ਜਾ ਆਤਮ ਤੀਰਥਿ ਕਰੇ ਨਿਵਾਸੁ ॥ ਸਤਿਗੁਰੂ ਨੋ ਪੁਛਿ ਕੈ ਬਹਿ ਰਹੈ ਕਰੇ ਨਿਵਾਸੁ ॥ ਸਚੁ ਸਭਨਾ ਹੋਇ ਦਾਰੂ ਪਾਪ ਕਢੈ ਧੋਇ ॥ ਨਾਨਕੁ ਵਖਾਣੈ ਬੇਨਤੀ ਜਿਨ ਸਚੁ ਪਲੈ ਹੋਇ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਦਾਨੁ

اَرٿ:- ستگرن کي ڀيٽڻ جي مول يا اصل جي ٻوجهه ڪي نه آهي ۽ اڻ هوندي ڀيٽڻ ٻاڻ چالائين ٿا (مطلب ته منجهن ٻيڙ ليهڻي ڪونهي، رڳو اجايو ٻاڻ ٻيا ساراهين). هي ٻريو، مان ته نيچ ذات جو ڍاڍي يعني منگتو آهيان ۽ ٻيا جي ٻساڻ ڪي اُتم ذات جو سڏائين ٿا، سي ٻل ٻيا سڏائين. [مول = اصل يعني اُستي. ڍاڍي = منگتو. سڏائدي = سڏائين ٿا.]

ٻرهاڻ:- ”جل ڪي ڀيتِ ٻون ڪا ٿميا، رڪت ٻونڊ ڪا گارا

هاڙ ماس ناڙي ڪو ڀنجر، پنکي بسي ٻچارا

پراڻي ڪيا ميرا ڪيا تيرا، جيسي ترور پنکي بسيرا.“

[سورٺه سري روداس جي شبد (٩)]

جنهنجو اَرٿ آهي ته هي سرير روپي مڪان جل جي ڀيتين (پاڻي) جي ٺهيل ۽ رت ۽ ويرج جي گاري جو ٺهيل آهي. ۽ ڍوڙ ان ماس ۽ لهضن جو پڃرو آهي، جنهن ۾ آتما روپي پکي رهي ٿو. هي پراڻي! ڇا تنهنجو آهي ۽ ڇا منهنجو آهي؟ جيئن پکي جو وڻ تي آکيرو آهي، تيئن اسانجو وڻ ۾ پکيڙو آهي.

ٻيو مثال ڏنهن ڏيندي،

اَرٿ ته هي ايڪو جي تونکي ڏٺو آهي، تون جو ستگر مان ڳڻ نه.

ڀاو اَرٿ

هي ٻاٻا! ٻاڪت تونکي پسند آهن. اُهي ڪير تنهنجي در سوالي ٿيا آهن، جن تي تنهنجي مهر ٿي آهي، سي تنهنجي دروازي اڳيان بيهي سگهن. انهن کي شانت ڏيڻي پئي آهي، ته

چپ چاپ ڪري وهڻ، جتي نه پائڻ، ڪنڌ يون شيون ڪائڻ، مٽي ۾ رکي وڃهي وار پٽڻ- اهي سڀ ڪرم نسڦل آهن. نام ڪاسواءِ اند رکي شانتي نه ٿي اچي. جو پرش ستگو روءِ ڏناران نام مَن ۾ وسائي ٿو، سوئي سُکي ٿي سگهي ٿو. هو مئي، جا جيو کي پٽڪائيندڙ آهي، تنهنکي ستگو روءِ جو شبد ئي پسم ڪري سگهي ٿو، پوءِ هي جيو آسن ۽ چپ چاپ کان چٽي شانتي سروور ۾ تپي هڻي ٿو.

پئوڙي (٩)

(پگت ڪير ۽ منمک ڪير؟)

پگت تيري مَن ڀاوَ ڏي، ڏرِ سوهن ڪيرت گاوَ ڏي
نانڪ ڪرما ٻاهري، ڏرِ ڍوءِ نه لهني ڌاوَ ڏي

آرت :- هي پرماتما! پگت تنهنجي مَن کي وڻن ٿا، ۽ تنهنجي ڌربار ۾ ڪيرتن گائي سونهن ٿا. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته جن تي تنهنجي مهر جي نظر نه آهي، تن کي تنهنجي ڌربار ۾ دخل نه ٿو ملي ۽ اهي جونين ۾ پيا ڀٽڪن. [ڀاوڏي = وڻن ٿا. ڌر = ڌربار. ڪيرت = ڪيرتن، جس. ڪرما ٻاهري = مهر کان ٻاهر يعني خالي. ڍوءِ = دخل. ڌاوڏي = ڊوڙن ٿا، ڀٽڪن ٿا.]

پرماڻ:- " نانڪ ندري پائيئي، ڪوڙي ڪوڙي ٺيس"
[جپ صاحب پئوڙي (٣٢).]

سري گورو نانڪ ديو فرمائين ٿا ته پرميشور جي ڪرپا ڌرشٽيءَ سان ئي اُن کي چا ڳجي ٿو، ٻيون سڀ ڪوڙن جون ڪوڙيون ڳالهيون آهن.

اِڪ مول نه ٻجهن آپڻا، اڻ هو دا آپ ڪٽائدي
هئُم ڍاڍي ڪا نيچ ذات، هور اُتم ذات سدائدي

انڊن کي (ايشور جي ڪا) ٻوجهه نه آهي، اُهي نيت ٻيچاٻُهندا.
[بيبان = بيابان.]

سَت گُرُ پيتي، سو سُکُ پائي
هرڪا نامُ، مَنِ وسائي

ارت :- سک تہ اُهي ٿا پائن، جي ستگورو سان ملي هريءَ جو نام من ۾ وسائين ٿا.

گورو واڻيءَ ۾ فرمايل آهي تہ:-

"سي داڙيان سچيان، جه گور چرنِي لڳن
اَنَ ڏِنَ سيوُن گورُ آپڻا، انَ ڏِنُ آنند رهن
نانڪ سي مُهه سوهڻي، سچي در ڏسن."

[سلوڪ محلا ليحا نمبر (۵۲)]

يعني اُهي ڏاڙهيون سچيون آهن، جي ستگورو جي چرنن ۾ لڳن ٿيون. اُهي ٻرش رات ڏينهن پنهنجي ستگورو جي شيوا ڪن ٿا ۽ رات ڏينهن آنند ۾ گذارين ٿا. صاحب فرمائين ٿا تہ دي سچي دربار جي در تي ڏسڻ ۾ اچن ٿا، تن جا مُنهن سهڻا آهن.

نانڪ نَدر ڪري، سو پائي
آس انديشي تي نِهڪيوَلُ، هومَي شبدِ جلائي.

ارت :- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جن تي واهگورو مهر جي نظر ڪري ٿو، سي ئي نام پائين ٿا. اُهي آسائن ۽ ڏب دا کان حتل رهن ٿا ۽ گورو جي اُپديش دواران هومي کي ساڙي حذبن ٿا. [نهڪيول = حتل.]

ياو ارت

کهڻيون پهڻيون ٻڌڻ، تيرٿن تي ڀٽڪڻ، ٿهڻيون ڏيڻ سريرَ کي ڏک ڏيڻ، اکيون رهڻ، آن نہ کائڻ،

ارٿ :- جي جيو ڪن جن ڪائين ٿا ۽ مٿي ۾ رکي وڃن ٿا، سي آندا موري ڪري ٻنهيجي ٻت وڃائين ٿا. (اشارو آهي جين ڌرم جي سريوري ذات جي ماڻهن ڏانهن، جي گندو پاڻي پيئڻ ۽ جوليون روتيون ڪائڻ ڌرم سمجهن ٿا ۽ رکي جون جيتيون وڃڻ مٿي جا وار کوهين ٿا.) نام ٻنا ڪوڙ ڙ ٿا پائين يعني پيا ٻٽڪن. [آل مل == ڪن جن. جائي == ڏوڙ. وڻ == ڪانسواءِ. ٿاءِ == جڳهه، ٿر ٿان پو. ناوئي == نالو.]

نوٽ :- جين ڌرم جي ماڻهن جو بيان سچي پاتشاهه سري گورو نانڪ ديو مالڄهه وار پؤڙي (٢٦) سلوڪ (١) ۾ ڏنو آهي، جنهنجون پهريون چار تڪون هت ڏجن ٿيون :-

"سِرُ کوهاءِ پيئهِه مَلوا ڻي، جوُٺا منگِ منگِ کاهي
ڦولِ فَديهتِ مُهِهِ لَئِين ڀڙاسا، پاڻي جوُٺا سگاهي
ڀيڏا والِـکي سِرُ کوهائِنِ، ڀرِيتنِ هت سُماهي
مائوُ پيئوُ ڪِرتُ گوائِنِ، ٽبر روون ڌاهي."

جنهنجو ارٿ آهي ته جين ڌرم جا ماڻهو وار پٽائين ٿا، گندگيءَ سان پريل پاڻي پيئن ٿا. اُهي وشٽا ڦولي ڦولي بدبوءِ سنگهن ٿا، ۽ پاڻي ڏسي ڪؤپيا ڪائين، اُهي رڍن وانگي مٿي جا وار پٽائين ٿا ۽ وارن پٽيندڙن جا هت رکي سان ڀريل هوندا آهن. اُهي آباڻي ڪرت ڦٽي ڪن ٿا ۽ سندن ٻار ٻچا دانهون ڪري پيا رون.

رهئي بيباڻي، مڙي مساڻي
آنڌُ نه جاڻئي، ڦِرِ پڇتاڻي

ارٿ :- جي بيابان، مڙهين ۽ مساڻن ۾ وڃي رهن ٿا، تن

ارٿ :- جي جيو ڪن ڄن کائين ٿا ۽ مٽي ۾ رکي وڃن ٿا، سي آندا مورکي ڀوتن جي ڀت وڃائين ٿا. (اشارو آهي جين ڌرم جي سريوري ذات جي ماڻهن ڏانهن، جي گندو پاڻي پيئڻ ۽ جوئيون روٽيون کائڻ ڌرم سمجهن ٿا ۽ رکي جون جيتيون وجهي مٽي جا وار کوهين ٿا.) نام بنا ڪو ٽر نه ٿا پائين يعني بيا پئڪن. [آل مل == ڪن ڄن. جائي == ڏوڙ. وڻ == کانسواءِ. ٿاءِ == جڳهه، ٽر ٿانءِ. ناوئي == نالو.]

نوٽ :- جين ڌرم جي ماڻهن جو بيان سچي پاتشاهه سري گورو نانڪ ديو مهاراج جي وار پؤڙي (٢٦) سلوڪ (١) ۾ ڏنو آهي، جنهن جون پهريون چار تڪون هت ڏجن ٿيون :-

"سِرُ کو داهِ پيئهِ مَلوا ڻي، جوُٺا مَنگِ مَنگِ کاهي
ڦولِ ڦديهتِ مهُ لين ڀڙاسا، پاڻي جوُٺا سَگاهي
ڀيڊا والکي سِرُ کو هائِنِ، ڀريئِن هٿ سُئاهي
ماڻُو پيئُو ڪِرتُ گوائِنِ، ٽبر روون ڌاهي."

جنهن جو ارٿ آهي ته جين ڌرم جا ماڻهو وار پٽائين ٿا، گند کي سان ڀريل پاڻي پيئن ٿا. اُهي وِشٽا ڦولي ڦولي بدبوءِ سنگهن ٿا، ۽ پاڻي ڏسي ڪؤ پيا کائين، اُهي رڍن وانگي مٿي جا وار پٽائين ٿا ۽ وارن پٽيندڙن جا هٿ رک سان ڀريل هوندا آهن. اُهي اباڻي ڪرت ڦٽي ڪن ٿا ۽ سندن ٻار ٻچا دانهون ڪري پيا روئن.

رهئي بيباڻي، مڙي مساڻي
آنڌُ نه جاڻئي، ڦِرِ پڇتاڻي

ارٿ :- جي بيابان، مڙهين ۽ مساڻن ۾ وڃي رهن ٿا، تن

نہ آهي تہ ڪٿي ڪيتريون ٻہ پوٿيون ڪٺيون ڪجن، پستڪن سان گاڏيون ڀريون ڪٿي ڀرائجن، تن مان ڪو فائدو ڪونہ ٿيندو، تنهنڪري وديا پڙهي اُنکي چڱيءَ ڀاسي لڳائجي يعني وديا پراپت ڪري اُنکي عمل ۾ آڻجي. پڙهڻ هڪ ساڌن آهي، جنهنڪري هردي ۾ روشنائي جاڳي ٿي، سو جيڪڏهين پڙهي اسانجو هردو وادڪو روح جي طرف نہ مايل ٿيو تہ پڙهڻ مان ڇا وريو؟

(٢) سلوڪ محلا پهلا

(ڀيکن ۾ ڪو سکہ ڪونهي.)

لکہ لکہ پڙنا، تيتا ڪڙنا
بهہ تيرٿ ڀونا، تيتو لونا

ارٿ:- جيترو گهڻو لکن ٿا ۽ پڙهن ٿا، تيتروئي وڌيڪ ڏکي ٿين ٿا. جيترا گهڻا تيرٿ ڪن ٿا، اوتروئي وادي ٿين ٿا يعني بڪواد ڪن ٿا. [ڪڙنا == دکي ٿين ٿا. لونا == بڪواد ڪن ٿا.]

بهہ ڀيکہ ڪيتا، ديهي دکہ ديتا
سهہ وي جيئا، آپڻا ڪيتا

ارٿ:- جيترا گهڻا ڀيکہ ڪن ٿا، اوتروئي سرير کي دک ڏين ٿا. هاڻي هي جيو، پنهنجو ڪيتو لوڙ. [سهہ == ڀوڳہ.]

آن نہ کائيتا، ساد گوائيتا
بهہ دکہ پائيتا، دوجا ڀائيتا

ارٿ:- آن نہ ٿا کائين انهيءَ ڪري رسنا جو سواد وڃائين ٿا. ڀيائي ڪري گهڻو دک سهن ٿا. [دوجا ڀائيتا == دئيت ڀاءُ، ڀيائي.]

پڙھيئہ جيتي برس برس، پڙھيئہ جيتي ماس

پڙھيئي جيتي آرجا، پڙھيئہ جيتي ساس

ارٿ:- ڪيترا ئي ورهين جا ورهيہ ۽ مهينن جا مهينا ڪٽي پڙهي، جيتري عمر هجيس سا پڙهڻ ۾ لڳائي ۽ جيترا سواس کڻي سي سڀ پيو پڙهي. [برس = ورهيہ. ماس = مهينو. آرجا = عمر.]

نانڪ ليکي اِڪ ڳل، هور هؤمي جهکڻا جها ڪر.

ارٿ:- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائن ٿا تہ ڪي ۾ تہ فقط (نام جي) هڪ ڳالھہ ايندي، ٻيو تہ اجايا هؤميءَ جي ڪري جکر مارڻا آهن. [ڳل = ڳالھہ. جهکڻا جها ڪر = جکر مارڻ، واد ڪرڻ.]

پرماڻ:- "بيد ڪتيب سمرت سڀ ساسَت، اِن پڙھيا مُڪت نہ هوئي

ايڪ اکر جو گورمکِ جاپي، تاڪي نرمل سوئي."

[راڳ سورٺي محلا (٥) گهر (٧) شبد ۲/۵]

سري گورو ارجن ديو جن فرمائين ٿا تہ ويدن، ڪتابن، سمرتين ۽ سڀني شاسترن پڙهڻ ڪري مڪتي ڪانہ ٿي ملي، پر جيڪو پرمشور جي نام جو هڪ اکر گوروءَ جي سکيا سان وٺي ٿو، تنهنجي پوتر پڪي ٿئي ٿي.

ڀاو ارٿ

ڪيئي ماڻهو ائين سمجهندا آهن تہ پڙهڻ مڪتيءَ جو ساڌن آهي. انهيءَ تي گورو صاحب اُپديش ڏين ٿا تہ پڙهڻ ڏکيو سئلو آهي، جڏهن تہ سائنس هڪ ڳالھہ بہ هجي يعني نام. نام سان ڪڏ پڙهڻ سڦلو آهي، جي نام

ਪਹਿਰੈ ਅਹਿਨਿਸਿ ਕਹਿਰੈ ॥ ਮੰਨਿ ਵਿਗੂਤਾ ਕਿਉ ਜਾਗੈ ਗੁਰ ਬਿਨੁ ਸੂਤਾ ॥ ਪਗ ਉਪੇਤਾਨਾ ਅਪਣਾ ਕੀਆ ਕਮਾਣਾ ॥ ਅਲੁ ਮਲੁ ਖਾਈ ਸਿਰਿ ਛਾਈ ਪਾਈ ॥ ਮੂਰਖਿ ਅੰਧੈ ਪਤਿ ਗਵਾਈ ॥ ਵਿਣੁ ਨਾਵੈ ਕਿਛੁ ਥਾਇ ਨ ਪਾਈ ॥ ਰਹੈ ਬੇਬਾਣੀ ਮੜੀ ਮਸਾਣੀ॥ ਅੰਧੁ ਨ ਜਾਣੈ ਫਿਰਿ ਪਛੁਤਾਣੀ ॥ ਸਤਿਗੁਰੁ ਭੇਟੇ ਸੋ ਸੁਖੁ ਪਾਏ ॥ ਹਰਿ ਕਾ ਨਾਮੁ ਮੰਨਿ ਵਸਾਏ ॥ ਨਾਨਕ ਨਦਰਿ ਕਰੇ ਸੋ ਪਾਏ ॥ ਆਸ ਅੰਦੇਸੇ ਤੇ ਨਿਹਕੇਵਲੁ ਹਉਮੈ ਸਬਦਿ ਜਲਾਏ ॥੨॥ਪਉੜੀ॥ ਭਗਤ ਤੇਰੈ ਮਨਿ ਭਾਵਦੇ ਦਰਿ ਸੋਹਨਿ ਕੀਰਤਿ ਗਾਵਦੇ॥ ਨਾਨਕ ਕਰਮਾ ਬਾਹਰੇ ਦਰਿ ਢੋਅ ਨ ਲਹਨੀ ਧਾਵਦੇ ॥ ਇਕਿ ਮੂਲੁ ਨ ਬੁਝਨਿ ਆਪਣਾ ਅਣਹੋਦਾ ਆਪੁ ਗਣਾਇਦੇ॥ ਹਉ ਢਾਢੀ ਕਾ ਨੀਚ ਜਾਤਿ ਹੋਰਿ ਉਤਮ ਜਾਤਿ ਸਦਾਇਦੇ ॥ ਤਿਨ ਮੰਗਾ ਜਿ ਤੁਝੈ ਧਿਆਇਦੇ ॥ ੯ ॥

(١) سلوڪ محلا پهلا

(رڳو پڙهڻ ۾ شانتي نہ آهي .)

دنيا جا سڀ آچار وهنوار ودیا سان سڌرندا آهن . وديا ڪري منش جو جس ٿيندو آهي . وديا منش کي ديوتا سمان بنائيندي آهي ، پر وويڪ ۽ ويچار بنا فقط وديا پڙهڻ ڪري واهگورو هٿ نہ ڌو اچي سگهي .
گورو صاحب فرمائين ٿا تہ :-

پڙهِ پڙهِ گڏي لد ڀڄهہ ، پڙهِ پڙهِ ڀرِ ڀڄهہ سات
پڙهِ پڙهِ ٻيڙي پائيجهہ ، پڙهِ پڙهِ گڏ ڀڄهہ کات

ارٿ :- ڪو پڙهي پڙهي ڪٽي پستڪن سان گاڏيون لڏي ۽ پڙهي پڙهي ڪٽي وهٽن جا سات ڀري . پڙهي پڙهي ٻيڙيون ڪٽي پستڪن سان ڀرائي ۽ پڙهي پڙهي کڏون ڪٽي انهن سان ڀري . [گڏي = گاڏيون . سات = وهٽن جي لڏ . کات = کڏون .]

[illegible] آهي [illegible] پهريون [illegible] وچان آهي.

سري گرنٿ صاحب جي [illegible] ٻؤڙي شبد (١٠)
[illegible]

[illegible]

[illegible] . [illegible]

[illegible] آهي، [illegible]
[illegible]؟

[illegible] پؤڙي (٨) جو

[illegible] آهي. جنهن ۾ [illegible] ڪري [illegible]، [illegible] ڪو [illegible] وڏاڻ [illegible] ڪري [illegible] گرو صاحب [illegible] (مطلب ته [illegible]).

ਸਲੋਕ ਮਃ ੧

ਪੜਿ ਪੜਿ ਗਡੀ ਲਦੀਅਹਿ ਪੜਿ ਪੜਿ ਭਰੀਅਹਿ ਸਾਥ ॥ ਪੜਿ ਪੜਿ ਬੇੜੀ ਪਾਈਐ ਪੜਿ ਪੜਿ ਗਡੀਅਹਿ ਖਾਤ ॥ ਪੜੀਅਹਿ ਜੇਤੇ ਬਰਸ ਬਰਸ ਪੜੀਅਹਿ ਜੇਤੇ ਮਾਸ ॥ ਪੜੀਐ ਜੇਤੀ ਆਰਜਾ ਪੜੀਅਹਿ ਜੇਤੇ ਸਾਸ ॥ ਨਾਨਕ ਲੇਖੈ ਇਕ ਗਲ ਹੋਰੁ ਹਉਮੈ ਝਖਣਾ ਝਾਖ ॥੧॥ ਮਃ ੧ ॥ ਲਿਖਿ ਲਿਖਿ ਪੜਿਆ ॥ ਤੇਤਾ ਕੜਿਆ ॥ ਬਹੁ ਤੀਰਥ ਭਵਿਆ ਤੇਤੋ ਲਵਿਆ ॥ ਬਹੁ ਭੇਖ ਕੀਆ ਦੇਹੀ ਦੁਖੁ ਦੀਆ ॥ ਸਹੁ ਵੇ ਜੀਆ ਅਪਣਾ ਕੀਆ ॥ ਅੰਨੁ ਨ ਖਾਇਆ ਸਾਦੁ ਗਵਾਇਆ ॥ ਬਹੁ ਦੁਖੁ ਪਾਇਆ ਦੂਜਾ ਭਾਇਆ ॥

اڪال پُرک پنهنجي ڪرپا ڪري، جيو جي هردي ۾ پنهنجي گيان جو پرڪاش وجهي ڪيس نماڻو ٿو بڻائي، تيسين هن جيو جا ڪم سڀ نسڦل ٿين ٿا.

پؤڙي (٨)

(سچو پرماتما ستگوروءَ دُئاران ملي ٿو.)

سچا صاحبُ ايڪُ تون، جِنِ سچو سچُ وَرتائِئا
جِسِ تون ديهِ تِسُ مِلَي سچُ، تا تِني سچُ ڪمائِئا

ارٿ:- هي ڪرتارا! تون هڪ ئي سچو صاحب آهين، جنهن سچ ئي سچ ورتايو آهي. اهو سچ جنهن کي تون بخشين ٿو، تنهن کي ئي ملي ٿو؛ تڏهين اهو سچ جو ابياس ڪري ٿو يعني سچو نالو جپي ٿو.

ستِگورِ مِلِئي سچُ پائِئا، جِنِ ڪي هِردَي سچُ وسائِئا
مورکَ سچُ نَ جاڻني، مَنمُکي جنمُ گنوائِئا

ارٿ:- جنهن ستگوروءَ جي هردي ۾ سچ وسي رهيو آهي، تنهن جي ملڻ سان سچ روپي پرماتما پراپت ٿئي ٿو. مورک سچ جي مهما نٿا ڄاڻن، انهن منمکن (اموالڪ) جنم اجايو وڃايو آهي. [منمکي = پنهنجي من جي مت موجب هلندڙ.]

وِچِ دُنيا ڪاهي آئِئا.

ارٿ:- اهي دنيا ۾ ڇو آيا؟ (يعني انهن جو اچڻ وئرٿ آهي).

پرماڻ:- ”ڀائي ري ڀڳت هيڻُ ڪاهي جگِ آئِئا
پوري گُرُ ڪي سيو نَ ڪيني، بِرٿا جنمُ گوائِئا.“
[سري راڳ محلا تيجا اشٽپدي (١)]

جنهنجو مطلب آهي ته ڀڳتيءَ بنا جيڪي جيو آهن، سي هن سنسار ۾ ڇو آيا آهن؟ انهن پوري گوروءَ جي شيوا

[illegible] رخ مهه جنهه براڻ

[illegible] ڪين [illegible] ٻانهن ڀراڻ

[illegible] ۽ ڏاڙهي ۽ ٽوپي ڪٿي جڳهه [illegible] سرنجون اٿس، لنڍ گهڻا ۽ [illegible] ڪري. [سورلئ == بهادري. [illegible] == [illegible] . سوني == [illegible].]

[illegible] آهي ۽ جو [illegible] ۽ [illegible] ويندو.

[illegible] اوڙ داغ.

[illegible] [illegible] نشان.

[illegible] ڪراڙي ۽ وڏا وڃي آهي، تنهن جهون [illegible] اڏيا ۽ وڃي لڳي [illegible] آهي (يعني [illegible] [illegible] [illegible] جو ڏکر [illegible]). [illegible] گورو [illegible] صاحب [illegible] فرمائيس [illegible] (مثي [illegible]) [illegible] آهي، [illegible] جي ڪرائي (جهر مرڻ ڪان [illegible] [illegible] نشاني آهي. [ڪرڙا == [illegible]، مثي == [illegible]. [illegible] == [illegible].]

ياوارت

[illegible] گورو صاحب [illegible] سکيا [illegible] مشهور [illegible] نشاني آهي. ڪٿي ڪو لڪين [illegible] ڪندو، شاسترن موجب [illegible] ڪندو، تيرت [illegible] ڪندو، جنگ جي ميدان ۾ بهادري [illegible] ڪندو، [illegible] شاسترن جو [illegible] ڪندو، [illegible] واري ڪيس [illegible] [illegible] شب [illegible] ويندا، [illegible]

ون. تون ئي ڪيول هڪ ڪرتار جي آپاشنا
۽ ٻئي جي مهان شڪتي ڏاران ساري سنسار
ڪري ٿو. جو پاڻ پيدا ڪري ٿو ۽ پاڻ ئي آهن
سنڀال لهي ٿو. هنڪي ئي اسان سڀني جو فڪر
ڪري جو اسان جو ٻڌي جيءَ آهي ۽ نمسڪار جو
آهي. هنجو ڌيان ڪريو ۽ هنڪي ئي ڏيو اهو ڏيو.
جي او هنجي الا شڪر نه آهي ته جنهن پاڻ ۽ تنهن
ڏيڻ مان ڇا ورندو؟

(٢) محلا پهلا

(ڪرپا بنا پيا ساڌن جوڻا.)

اُٿانڪا :- شيخ برهم پڇڻ لڳو ته "سوامي ! لکين پرش ڏاڍا پرڪارن جا چڱا ڪم ڪندا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، تنهنڪي سندن ڪرمن جو ڦل ڇيڪ ڇيڪ ملي سگهي ٿو؟ ستگورو فرمائين ٿا ته جيڪي سچائي سان ڪن ٿا تنهنکي چڱو ڦل ملي ٿو، پر جيڪي پرش چڱا ڪرم ڪري اهنڪار ڪن ٿا، تنهنکي پورو ڦل نه ملي ٿو. ڪيپي ايشور جي ڪرپا، سا نمرتا ڀاوَ سان ئي ملي سگهندي.

لک نيڪيا چنگائيان، لک پنا پروانُ
لک تپ اُپر تيرٿان، سهج جوگ بيباڻُ

ارٿ :- لک نيڪيون، لک چڱا ڪم ۽ لک ڀيرا جي شاسترن ۾ ٻڌايل آهن اُهي ڪٺي ڪو ڪري، تيرٿن جي ڪنارن تي ويهي لک تپ ڪري ۽ بيابان ۾ ويهي سهج يوگ ڪري.
[بروان==قبول، پسند پيل يا شاسترن ۾ ٻڌايل. بيباڻ== بيابان، اُجاڙ.]

نوٽ:- يوگ ٻن قسمن جا آهن (١) هٺ يوگ (٢) سهج يوگ. هٺ يوگ ۾ سريرکي پيڙائون ڏيندا آهن ۽ سهج يوگ ۾ سماڌي لڳائيندا آهن.

[illegible] ورتائی ... [illegible]

ارتھ:- (واہگورو جی) وڈائی یعنی استت [illegible] کری (ست پرکھ) وڈی ہو سکتا کی یاتو آئی۔

ਆਸਾ ਮਃ ੧

ਖਾਂ ਬਿਰਖਾਂ ਤੀਰਥਾਂ ਤਟਾਂ ਮੇਘਾਂ ਖੇਤਾਂਹ ॥ ਦੀਪਾਂ ਲੋਆਂ ਮੰਡਲਾਂ
ੜਾਂ ਵਰਭੰਡਾਹ ॥ ਅੰਡਜ ਜੇਰਜ ਉਤਭੁਜਾਂ ਖਾਣੀ ਸੇਤਜਾਂਹ ॥ ਸੋ
ਤਿ ਜਾਣੈ ਨਾਨਕਾ ਸਰਾਂ ਮੇਰਾਂ ਜੰਤਾਹ ॥ ਨਾਨਕ ਜੰਤ ਉਪਾਇਕੈ
ਮਾਲੇ ਸਭਨਾਹ ॥ ਜਿਨਿ ਕਰਤੈ ਕਰਣਾ ਕੀਆ ਚਿੰਤਾ ਭਿ
ਰਣੀ ਤਾਹ ॥ ਸੋ ਕਰਤਾ ਚਿੰਤਾ ਕਰੇ ਜਿਨਿ ਉਪਾਇਆ ਜਗੁ ॥
ਤਸੁ ਜੋਹਾਰੀ ਸੁਅਸਤਿ ਤਿਸੁ ਤਿਸੁ ਦੀਬਾਣੁ ਅਭਗੁ ॥ ਨਾਨਕ
ਸਚੇ ਨਾਮ ਬਿਨੁ ਕਿਆ ਟਿਕਾ ਕਿਆ ਤਗੁ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੧ ॥
ਲਖ ਨੇਕੀਆ ਚੰਗਿਆਈਆ ਲਖ ਪੁੰਨਾ ਪਰਵਾਣੁ ॥ ਲਖ ਤਪ
ਉਪਰਿ ਤੀਰਥਾਂ ਸਹਜ ਜੋਗ ਬੇਬਾਣ ॥ ਲਖ ਸੂਰਤਣ ਸੰਗਰਾਮ
ਰਣ ਮਹਿ ਛੁਟਹਿ ਪਰਾਣ ॥ ਲਖ ਸੁਰਤੀ ਲਖ ਗਿਆਨ ਧਿਆਨ
ਪੜੀਅਹਿ ਪਾਠ ਪੁਰਾਣ ॥ ਜਿਨਿ ਕਰਤੈ ਕਰਣਾ ਕੀਆ ਲਿਖਿਆ
ਆਵਣ ਜਾਣੁ ॥ ਨਾਨਕ ਮਤੀ ਮਿਥਿਆ ਕਰਮੁ ਸਚਾ ਨੀਸਾਣੁ ॥੨॥
ਪਉੜੀ ॥ ਸਚਾ ਸਾਹਿਬੁ ਏਕੁ ਤੂੰ ਜਿਨਿ ਸਚੋ ਸਚੁ ਵਰਤਾਇਆ ॥
ਜਿਸੁ ਤੂੰ ਦੇਹਿ ਤਿਸੁ ਮਿਲੈ ਸਚੁ ਤਾ ਤਿਨੀ ਸਚੁ ਕਮਾਇਆ ॥
ਸਤਿਗੁਰਿ ਮਿਲਿਐ ਸਚੁ ਪਾਇਆ ਜਿਨ ਕੈ ਹਿਰਦੈ ਸਚੁ ਵਸਾਇਆ ॥
ਮੂਰਖ ਸਚੁ ਨ ਜਾਣਨੀ ਮਨਮੁਖੀ ਜਨਮੁ ਗਵਾਇਆ ॥ ਵਿਚਿ
ਦੁਨੀਆ ਕਾਹੇ ਆਇਆ ॥ ੮ ॥

(ا) سلوک محلا پہلا۔

(ساری سرشٹی جی سار لین دی بابت۔)

ارتھ:- [illegible] "[illegible]"

[illegible]

سري گورو گوبند سنگهه صاحب راڳ رامڪلي ۾ فرمائين ٿا:-

" الپ آهار سُلپ سي نِندرا، ديا ڇما تن پريت
سيل سنتوکھ سدا نِرباهبو، هوئبو ترگڻ اتيت."

يعني ٿورو کائڻ، ٿوري ننڊ ڪرڻ ۽ دَيا ۽ ڪَميا سان پريت رکو. سيل ۽ سنتوک سان ورتاءُ ڪريو پوءِ اوهين ٽن گڻن کان ڇٽي پوندا.

تون بخشيشي اڳلا ات ديهِ چڙهه سوائيا

ارٿ:- هي واهگورو، تون گهڻيون ٻيون وڏيون بخششون ڪندڙ آهين ۽ (انيڪ جيون کي تون) هر روز دان ڏين ٿو، جو سوايو ٿيو پيو وڌي. [اڳلا = گهڻيون، وڏيون، هن لفظ جي معنيٰ ڪن ليکڪن "گهڻي وقت کان" پڻ ڪئي آهي.]

پرماڻ:- (١) ديندا دي لَيندي ٿڪ پاهه
جُگا جُگنتر کاهي کاهه [سري جپ صاحب]

(٢) " جيهڙا پراڻ تن ڏن ديها، ديني رمن ڀوگر
کرهه منڊ رُت آسو ديئي، رچ ٻلي سنجوگر
سُت بنتا ساجن سيوک ديئي، پرڀ ديوَن جوگر."
[وار جيتسري محلا (٥) پؤڙي (٣)]

جنهن جو مطلب آهي ته هي پريو! تون مهربان آهين تو اسان کي جيو آتما، پران، تن ڌن ۽ انيڪ ڀوڳ ڀوڳڻ لاءِ ڏنا آهن. تو ڪرمن جي پلي سنجوگ ڪري اسان کي گهر، محلات، رٿ ۽ گهوڙا ڏنا آهن. تو اسان کي پٽ، استري، دوست ۽ نوڪر ڏنا آهن. پريو تون ئي ڏيڻ وارو آهين ٻيو ڪو ڪونهي.

نوٽ:- "ڏوهي ڏيرگهه روڳ ڏي، دارو ڀي اُس ماڻ". هن تُڪ ۾ ڪي ٽيڪاڪار "ماڻ" جي معنيٰ "۾" ڪري هن رِيت ارٿ ڪن ٿا ته "ڏوهي ۾ ڏيرگهه مرض آهي ۽ علاج به انهي ۾ آهي، مطلب ته جيئن هن جيو کي ملڻ اهنڪار آهي، تيئن ئي پڇتڪي ۾ جڏهن ست گورو جي ڪرپا سان شبد اهنڪار اٿڻ ڏينهن تي تڏهن هنئن مرط جي ڏک ڪاڻ ڇٽي ٿو - شبد اهنڪار آهي پڻ پنهنجي سروپ جي پڇاڻ".

ناڪ ڪهڙي سُطهُ مهُ، اٿُ سنجير ڏکُ جاءِ.

ارٿ:- سري گورو ناڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته هي ڳالهه هڪدم ته اهي ٻڌو سان ڏوهي جو ڏک اهي وڃي ٿو.

پؤڙي (۷)

(ست پرشن جي رهت.)

سبو ڪيتي سنتوکيئي، جني سچو سچ ڌيائيا
اوني منڌي پير نه رکيو، ڪر سڪرت ڌرم ڪمائيا

ارٿ:- (۱) جن سچ ٿي سچ روپي پرماتما ڌيايو آهي تن (سچي ڀڳتي) سيوا ڪئي آهي ۽ اهي سنتوشي آهن (۲) سنتوشي پرش، جن سچ ٿي سچ روپ پرماتما کي ڌيايو آهي، تن ٿي سچي سيوا ڪئي آهي. انهن ڪڏهن برائيءَ ڏانهن پير نه کنيو آهي ۽ شڀ ڪرم ڪري ڌرم ڪمايو آهي.
[سڪرت = شڀ ڪرم.]

اوني دنيا توڙي بندنا، اَنُ پاڻي ٿورا کائيا

ارٿ:- اهي دنيا جا بندن توڙي ڇڏين ٿا ۽ ان پاڻي ۾ ٿورو ٿا کائين.

جي پيل ڪرمن انوسار جيون کي ڦيرائي ٿي. (يعني جيسين
هي جيو هؤمئِ رکي ڪم ڪن ٿا يعني سڪام ڪرم ڪن
ٿا، تيسين ڪرمن ۾ ٻيا پتڪن يعني جونيون ٻيا ڀوڳين).

هؤمئِ دِيرگهه روڳ هئِ، دارُو ڀي اِس ماهِ
ڪِرپا ڪري جِهِ آپڻي، تا گور ڪا شبد ڪماهِ

آرٿ:- هؤمي آهي وڏو مرض، پر علاج ۾ انهيءَ جو آهي.
(اهو هي آهي ته) جيڪڏهين واهگورو پنهنجي ڪرپا ڪري
ته هي جيو ستگورُ جو شبد ڪمائي (يعني گورن جو اپديش
من ۾ درڙ ڪري). [ديرگهه = ڏگهو، وڏو. دارُو = دوا،
علاج. اِس ماهِ = انهي جو.]

سري گورو امر ديو صاحب جن پڙ راڳ وڏ هنس
جي شبد (١) ۾ فرمائين ٿا ته

" اِس مَن ڪَئُ هو رُ سنجم ڪوئي، وڻ ستگور ڪي سرڻاءِ
ستگور مِلئي اُلٽي ڀئي، ڪهڻا ڪِڇوُ نه جاءِ
پڻت ناڪ ستگور، ڪئُ مِلد مرئِ، گور ڪئِ شبدِ ڦِر
جيو ئِ ڪوءِ
ممتا ڪي مَلُ اُتري، اِهُ مَنُ هڇا هوءِ."

يعني ستگور روءَ جي سرڻ پوڻ کانسواءِ من جيو جي
چنڊڻ جو ٻيو ڪو علاج نه آهي. جڏهين ستگورو ملي
ٿو، تڏهين من جيو جي ٻڌي ڦري ٻي طرح جي ٿي پوي
ٿي، جنهنجو بيان ڪرڻ مشڪل آهي. ستگورو فرمائين
ٿا ته جڏهين هي جيو ستگوروءَ سان ملي پنهنجو اهنڪار
ماري ٿو، ۽ وري گوروءَ جي شبد ڪري جيوت پاءِ وارو
ٿئي ٿو، تڏهين هنجي اهنتا ممتا جي ميل دور ٿئي ٿي
۽ هنجو من شڌ ٿي پوي ٿو.

تهڙيطرح ڪنهن ٻئي ٻرش کي ٻهڻ ٻالسان محي ته تون ٻهه اٿيءَ ڏاڻهن ٻهڙي نگاهه نه ڪر جو جو اٿيءَ ڪري ٺنکي دکه ٿيندو. انگريزيءَ ۾ به جوڙي آهي ته تون ٻيس سان اما هلت ڪر، جهڙي تون چاهين ته اهي توسان هلت ڪن).

(۲) محلا دوجا.

(هؤمي جيون کي ٻنڪائيندڙ آهي، ٻر علاج ٻه اٿس.)

نوٽ:- هتي سري گورو ارجن ديو جن ٻئي پاتشاه سري گورو انگد صاحب جن جو "هؤمي" بنسبت سلوڪ ورتو آهي.

هؤمي ايها جاتِ هئي، هؤمي ڪَرَم ڪماهِ
هؤمي ايئي ٻنڌ نا، ڦِرِ ڦِرِ جوني پاهِ

آرت:- هؤمي جي اها ٻڇاڻ يعني نشاني آهي جو (هؤمي ڪندڙ جيو) هؤمي جا ڪرم ڪري ٿو. هؤمي ئي ٻنڌن روپي ڦاسي آهي، جنهنڪري وري وري جونيون پائيندو ٿيون. [جات = گيان يا ٻڇاڻ.]

ٻرماڻ:- "اهنبدِ ٻنڌن پري، ناڪ ناهِ چِتار."
[ٻاون اکري محلا (۵) ٻؤڙي (۲۴) سلوڪ.]

يعني اهنڪار جي ٻڌيءَ سبب جيو ٻنڌن ۾ پيا آهن. گورو صاحب فرمائين ٿا ته، ناهي ئي آهن جو ڇوٽڪارو ڪندو.

هؤمي ڪِتهُ اُوپَجي، ڪِتُ سَنجَمِ اِهَ جاءِ
هؤمي ايهو حُڪمُ هئي، ٻئِي ڪِرتِ ڦِراهِ.

ارت:- هؤمي ڪٿان ٻيدا ٿي ٿئي؟ ڪهڙي اُپاءَ سان اها ؟ هؤمي ٻاب اهو ٻرماتما جو نيم آهي ته هؤمي ٻورب

هُنَ وِچِ مائِنا هُنَ وِچِ ڄائِنا
هؤمي ڪرِ ڪرِ جنت آپائِنا

ارٿ:- هؤمي ڪري هي جيو مايا ۾ ڦاسي ٿو ۽ هؤمي ڪري آوديا ۾ رهي ٿو. هؤمي ڪري جيو اُپايا وڃن ٿا. (جڏهن تہ جيسين هؤمي نورت ڪري، هي جيو نرمل نہ ٿيندو، تيسين هو جنم مرڻ کان ڪين ڇٽندو). [ڄائِنا == اوديا.]

هؤمي ٻُوجهئِ، تا دَرُ سُوجهئِ
گِيان وِهوڻا، ڪَٿِ ڪَٿِ لُوجهئِ

آرٿ:- (١) جڏهين هن جيو کي هؤمي جي پوري ٻُوجهہ يا سمجهہ پوي ٿي، تڏهين اُنکي درگاه جي سوجهي پوي ٿي. (٢) جڏهن وقت هن جيو جي هؤمي روپي اگني وسامي وڃي ٿي يا ناس ٿئي ٿي، تڏهن وقت هنکي اندر جي سوجهي پوي ٿي. گيان کان جي خالي آهن، سي واد ڪري (يعني اجايا بحث ڪري) جهڳڙن ٿا يا جان ٿا. [ٻوجهئِ == (١) سمجهي، (٢) وسامي. وِهوڻا == خالي. لوجهئِ == جهڳڙن ٿا يا سڙن ٿا.]

نانڪ حُڪمي لِکيئِ ليکُ
جيها ويکهِ تيها ويکُ.

ارٿ:- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ پرڀوءَ اِهو ليکُ لکيو آهي يعني اهو قاعدو ٺاهي ڇڏيو آهي تہ جهڙيطرح تون پاڻ کي ڏسين ٿو، تهڙيطرح تون ٻين کي ڏس. (پاو-پنهنجي سکہ دکہ مان ٻين جو سکہ دکہ ڄاڻ. مثلا جيڪڏهين ڪو توسان مٺو ڳالهائي ٿو تہ توکي خوشي پراپت ٿئي ٿي، تهڙيطرح توکي بہ ٻين سان مٺو ورتاءُ گهرجي، تہ اُنهنکي آنند ٿئي. سمجهو تہ توکي پيڙ پاڻسان آهي ۽ پيو پرش هن ڏانهن ٻچڙي نگاهہ ڪري ٿو، انهي ڪري ضرور توکي دکہ ٿيندو،

ارٿ :- ڌڻيءَ ڪري پنهنجي ذات ۽ ڪل ڪوهي يعني وئرت ڪري ٿو. (ڀاو- ڌڻيءَ ڪري پنهنجي اصل سروپ ڪان پاڻهي وڃي ٿو). [جاتي = ذات. جنسي = ڪل.]

ڳُنَهَه ويهِ، موڙڪُ، تَنَه ويهِ سيماڻا

ارٿ :- ڌڻيءَ ڪري ئي ٻي جيو موڙڪ بڻجي ٿئو ۽ ڌڻيءَ ڪري ئي سياڻو بڻجي ٿئو. (ڀاو- ڌڻيءَ ڪري ئي جيو آهي ڪم ڪري ٿو، جنهنڪري موڙڪ ليکجڻ ۾ اچي ٿو ۽ ڌڻيءَ ڪري سياڻو پنهنجي سياڻپ جو نمر ڪري ٿو).

موڙڪ مُڪتِ ڪي سار نہ جاڻا

ارٿ :- ڌڻيءَ ڪندڙ موڙڪ ۽ مڪت جي سار نہ ٿو جاڻي. [سار = خبر يا سوجهي.]

نوٽ :- موڪير ۽ مڪتي ۾ ڪي تفاوت آهي. موڪير = موڙڪ = ڪيول چوڻڪار، اهو گياوانن کي ملندو آهي، جئن طرح گورواڻيءَ ۾ فرمايل آهي :-

"جِتُ جَلِ مَهِ جَلُ آءِ کٽانا

تِتُ جوتي سنگِ جوت سماڻا."

[گؤڙي سکمني محلا (٥) اشٽپدي (١١)]

يعني جئن پاڻي پاڻيءَ ۾ ملي وڃي ٿو، تئن گياوان جي آتما جوتي سروپ سان سمائجي وڃي ٿي.

مڪتيءَ جا چار قسم آهن :- (١) سالوڪيہ يعني پنهنجي اشٽ جي لوڪ ۾ رهڻ (٢) ساميپيہ يعني پنهنجي اشٽ جي ويجهو رهڻ (٣) سارُوپيہ يعني پنهنجي اشٽ جو روپ بڻجڻ ۽ (٤) سايُجيہ يعني پنهنجي اشٽ سان لين ٿيڻ.

ارٿ :- ڪي جيو هؤمئي ڪري ئي نرڪ ۽ سرڳ ۾ وڃي ٿو (مطلب تہ هؤمئي رکي چڱا ڪرم ڪري ٿو تہ کيس سرڳ ملي ٿو. سندس ڪرم ڪي نسڦل نہ ٿا ٿين، پر جڏهين نسڪام ٿي ٻاجهہ جا ڪم ڪري ٿو، تڏهين جنم مرڻ کان ڇٽي سگهي ٿو. ساڳي طرح پاپ ڪرڻ سان نرڪ وڃي ٿو).

هئُن وِچِ هسيُ، هئُن وِچِ رووي

ارٿ :- هؤمئي ڪري کلي ٿو ۽ هؤمي ڪري روئي ٿو. (مطلب تہ ڪامنا رکي ڪرم ڪري ٿو، تنهنڪري جڏهين ڪامنا پوري ٿي ٿئيس، تڏهين خوش ٿئي ٿو ۽ جڏهين نہ ٿي پوري ٿئيس تڏهين روئي ٿو.

هئُن وِچِ ڀريئي، هئُن وِچِ ڌووي

ارٿ :- هؤمئي ڪري ئي پاپن سان ڀرجي ٿو (يعني ملين ٿئي ٿو) ۽ هؤمئي ڪري ئي (پنهنجي ساکر ڪيڻ لاءِ تيرٿن تي اشنان ڪري) پاڻ کي ڌوئي ٿو. (پر درحقيقت هنجي اندر جي ميل انهيءَ طرح دور نہ ٿي ٿئي.) (ڀريئي == ملين ٿئي ٿو.]

سري گورو تيغ بهادر صاحب سلوڪ (٤٦) ۾ فرمائين ٿا :-

”تيرت برت اَردانَ ڪر، مَنِ مئِ ڌري گُمانُ
نانڪ نهڦل جات تهہِ، جئُن ڪُنچر اِشنانُ.“

يعني جو جيو تيرٿ، ورت ۽ دان ڪري دل ۾ اهنڪار ڌاري ٿو، تنهن جيو جا اُهي ڪرم هاٿيءَ جي اشنان وانگي اجايا وڃن ٿا (ڇاڪاڻ تہ هاٿي اشنان ڪري وري پاڻ کي مٽيءَ سان ڀريندو آهي).

هئُن وِچِ جاتي جِنسي کووي

ਕੂੜਿਆਰੁ ॥ ਹਉ ਵਿਚਿ ਪਾਪ ਪੁੰਨ ਵੀਚਾਰੁ ॥ ਹਉ ਵਿਚਿ ਨਰਕਿ ਸੁਰਗਿ ਅਵਤਾਰੁ ॥ ਹਉ ਵਿਚਿ ਹਸੈ ਹਉ ਵਿਚਿ ਰੋਵੈ ॥ ਹਉ ਵਿਚਿ ਭਰੀਐ ਹਉ ਵਿਚਿ ਧੋਵੈ ॥ ਹਉ ਵਿਚਿ ਜਾਤੀ ਜਿਨਸੀ ਖੋਵੈ ॥ ਹਉ ਵਿਚਿ ਮੂਰਖੁ ਹਉ ਵਿਚਿ ਸਿਆਣਾ ॥ ਮੋਖ ਮੁਕਤਿ ਕੀ ਸਾਰ ਨ ਜਾਣਾ ॥ ਹਉ ਵਿਚਿ ਮਾਇਆ ਹਉ ਵਿਚਿ ਛਾਇਆ ॥ ਹਉਮੈ ਕਰਿ ਕਰਿ ਜੰਤ ਉਪਾਇਆ ॥ ਹਉਮੈ ਬੂਝੈ ਤਾ ਦਰੁ ਸੂਝੈ ॥ ਗਿਆਨ ਵਿਹੂਣਾ ਕਥਿ ਕਥਿ ਲੂਝੈ ॥ ਨਾਨਕ ਹੁਕਮੀ ਲਿਖੀਐ ਲੇਖੁ ॥ ਜੇਹਾ ਵੇਖਹਿ ਤੇਹਾ ਵੇਖੁ ॥ ੧ ॥ ਮਹਲਾ ੨ ॥ ਹਉਮੈ ਏਹਾ ਜਾਤਿ ਹੈ ਹਉਮੈ ਕਰਮ ਕਮਾਹਿ ॥ ਹਉਮੈ ਏਈ ਬੰਧਨਾ ਫਿਰਿ ਫਿਰਿ ਜੋਨੀ ਪਾਹਿ ॥ ਹਉਮੈ ਕਿਥਹੁ ਉਪਜੈ ਕਿਤੁ ਸੰਜਮਿ ਇਹ ਜਾਇ ॥ ਹਉਮੈ ਏਹੋ ਹੁਕਮੁ ਹੈ ਪਇਐ ਕਿਰਤਿ ਫਿਰਾਹਿ ॥ ਹਉਮੈ ਦੀਰਘ ਰੋਗੁ ਹੈ ਦਾਰੂ ਭੀ ਇਸੁ ਮਾਹਿ ॥ ਕਿਰਪਾ ਕਰੇ ਜੇ ਆਪਣੀ ਤਾ ਗੁਰ ਕਾ ਸਬਦੁ ਕਮਾਹਿ ॥ ਨਾਨਕੁ ਕਹੈ ਸੁਣਹੁ ਜਨਹੁ ਇਤੁ ਸੰਜਮਿ ਦੁਖ ਜਾਹਿ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਸੇਵ ਕੀਤੀ ਸੰਤੋਖੀਈ ਜਿਨੀ ਸਚੋ ਸਚੁ ਧਿਆਇਆ ॥ ਓਨੀ ਮੰਦੈ ਪੈਰੁ ਨ ਰਖਿਓ ਕਰਿ ਸੁਕ੍ਰਿਤੁ ਧਰਮੁ ਕਮਾਇਆ ॥ ਓਨੀ ਦੁਨਿਆ ਤੋੜੇ ਬੰਧਨਾ ਅੰਨੁ ਪਾਣੀ ਥੋੜਾ ਖਾਇਆ ॥ ਤੂੰ ਬਖਸੀਸੀ ਅਗਲਾ ਨਿਤ ਦੇਵਹਿ ਚੜਹਿ ਸਵਾਇਆ ॥ ਵਡਿਆਈ ਵਡਾ ਪਾਇਆ ॥ ੭ ॥

(١) سلوڪ محلا پهلا

(سارو سنسار هومي ۾ قاتل.)

شيخ برهم صاحب کان پڇيو تہ سائين! هومي ڇا جي ڪري ٿي ٿئي؟ ڪيئن دور ٿي سگهندي؟ ان جي جواب ۾ صاحب هيٺيون سلوڪ اُچاريو:-

هئُو وِچِ آئِا، هئُو وِچِ گئِا

ارٿ:- هي جيو هومي جي ڪري سنسار ۾ اچي ٿو؛ هومي ڪندو ڪندو سنسار مان وڃي ٿو.

پؤڙي (٦)

(ستگوروءَ جي مهما.)

اُٿانڪا:- شيخ برهم گورو صاحبن کان پڇڻ لڳا تہ "سوامي! پرڀو ڪهڙي طرح ملي سگهي ٿو؟" تڏهن تي صاحبن فرمايو تہ ستگوروءَ ذريعي پرڀو ملي ٿو، هيءَ پؤڙي اچاريائون:-

بِنُ سَتِگُر ڪنهِي نہ پائيو، بِنُ سَتِگُر ڪنهِي نہ پائيا
سَتِگُر وِچِ آپُ رکِئونُ، ڪرِ پرگٽُ آکھِ سُڻائيا

ارٿ:- ستگوروءَ جي ملڻ کان سواءِ ڪنهن بہ پرڀوءَ کي نہ لڌو آهي ۽ نہ ڪنهن لڌو ئي. ستگوروءَ جي ملڻ کان سواءِ ڪنهن پاتو آهي. پرماتما پاڻ کي ستگوروءَ جي اندر رکيو آهي، جنهن ستگوروءَ اُپديش ڪرڻ سان پرماتما کي ظاهر ڪيو آهي.

سَتِگُر مِلِئي سدا مُڪتُ هي، جِنِ وِچهُ موهُ چُڪائيا
اُتمُ ايهُ بيچارُ هي، جِنِ سچي سِءُ چتُ لائيا
جگجيوَنُ داتا پائيا.

ارٿ:- جنهن ستگوروءَ اندران ئي موھ دور ڪيو آهي، تنهن جي ملڻ ڪري سدائين مڪتي پراپت ٿئي ٿي. اِهوئي ويچار سڀ کان اُتم آهي تہ جن سچي پرماتما سان من لڳايو آهي، تن ئي جڳ جي جيون داتا واهگوروءَ کي پاتو آهي.

ਸਲੋਕ ਮਃ ੧

ਹਉ ਵਿਚਿ ਆਇਆ ਹਉ ਵਿਚਿ ਗਇਆ ॥ ਹਉ ਵਿਚਿ ਜੰਮਿਆ ਹਉ ਵਿਚਿ ਮੁਆ ॥ ਹਉ ਵਿਚਿ ਦਿਤਾ ਹਉ ਵਿਚਿ ਲਇਆ ॥ ਹਉ ਵਿਚਿ ਖਟਿਆ ਹਉ ਵਿਚਿ ਗਇਆ ॥ ਹਉ ਵਿਚਿ ਸਚਿ

"پُڇڻ کِل ايمان دِي، قاضي مُلا اِڪٺي هوئي
وڏا سانگ ورتائيا، لکہ نہ سڪي قُدرتِ ڪوئي
پُڇڻ قول ڪتاب نُون، وڏا هندو ڪِ مسلمانوئي؟
بابا آکي حاجيئان، شُبِ عملان باجهون دووئي روئي
هندو مسلمان دوءِ، درگهہ اندر لڀن نہ ڍوهي
ڪچا رنگہ ڪُسنڀ کا، پاڻي ڌوتي ٿِرنہ رهوئي
ڪرن بخيلي آپ وِچ، رام رحيم ڪٿاءِ کلوئي
راهِ شيطاني دُنيا گوئي."

ڏات پرچ

جڏهين سري گورو نانڪ صاحب جن مڪي ۾ وياءِ ته هين قاضي ملا گڏ ٿي، صاحبن کان مذهب جون ڳالهيون پڇڻ لڳا. گورو صاحب فرمائڻ لڳا تہ خدا صاحب وڏو پسارو دنيا جو ورتايو آهي ۽ هنجي قدرت ڪسي کو جاڻي نہ ٿو سگهي. حاجي ڪتاب کولي پڇڻ لڳا تہ وڏا هندو آهن ڪين مسلمان؟ تنهن تي گورو صاحبن ڪين چيو تہ شب ڪرمن کانسواءِ هندو توڙي مسلمان کي ڏڪِي جي درگاهہ ۾ روئڻو پوندو. هندو توڙي مسلمان فقط هندو ۽ مسلمان چوائڻ ڪري درگاهہ ۾ ڪا عزت نہ پائيندا. جئن ڪسنڀ جو ڪچو رنگ پاڻيءَ سان ڌوئڻ ڪري هليو وڃي ٿو، تئن شب ڪرمن کانسواءِ فقط هندو ۽ مسلمان چوائڻ ڪري ڪو نيستارو نہ ٿيندو. هندو ۽ مسلمان مذهب جي ڳالهين ٿي پاڻ ۾ جهڳڙا ڪن ٿا، پوءِ رام ۽ رحيم ڪهڙي جاءِ تي ڪڙا ٿي ويهندا؟ (يعني سندن سهائتا نہ ڪندا). ڪوڙي رستي ۾ دنيا خراب ٿي ويئي آهي.

مِٽي مُسلمان ڪي، پيڙي پئي ڪُمهار

ارٿ :- مسلمان جي مرڻ کان پوءِ، اُن جي مٽي ڪنڀر جي وس پئي ٿي (يعني اُنهيءَ مٽيءَ مان ڪنڀر ٿانءُ ٺاهي ٿو). [ڪمهار = ڪنڀار، پيڙي = پاڙ، وس.]

پرماڻ :- ”جي ٿرمنا پيڙي پاءِ - تؤ ڪڙوتڻ ڇوڪيس ماهه“ [سارنگ ڪي وار پؤڙي (١٥) سلوڪ محلا پهلا (٢)]

يعني هي ڀائي! جي نام روپي ميناج پلي پئي، ته ڪوڙاڻ (جهڙن پدارٿن جي) دور ٿي وڃي.

گهڙ ڀانڊي اِٽا ڪيا، جلدي ڪري پڪار

ارٿ :- اُنهيءَ مٽيءَ مان ڪنڀر ٺلا ۽ سرون ٺاهي ٿو (پوءِ جڏهن اُهي ڪوري ۾ ڪنڀر پچائي ٿو)، تڏهن اها مٽي سڙندي پڪار ڪري ٿي. [ڀانڊي = ٺلا. اِٽا = سرون. جلدي = سڙندي.]

جل جل رووي ٻپڙي، جهڙ جهڙ پوهي آنگيار
نانڪ جن ڪرتي ڪارڻ ڪيا، سو جاڻي ڪرتار.

ارٿ :- جڏهن ٽانڊا (ڪاٺين مان) مٿانس ڪرن ٿا، (تڏهن اها مٽي) سڙي سڙي ويچاري ويٺي روئي ٿي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته جنهن ڪرتار هي سنسار رچيو آهي، سو ڪرتار ئي اصل ڀيد کي ڄاڻي ٿو. مطلب ته تنهنڪري ئي سڌ آهي ته ڪهڙي ڪير ٿيندو ۽ ڪهڙي ڪبر. [جهڙ جهڙ = ڪري ڪري. جل جل = سڙي سڙي. ٻپڙي = ويچاري. ڪارڻ = سنسار، سرشٽي.]

نوٽ :- هن سان لاڳو پڙهو ڀائي گورداس صاحب جي وار (١) پؤڙي (٣٣)

ارٿ:- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته سنتن کي تنهنجي نام جي ساراهڻ جي بک آهي ۽ انهن جو سچي نام تي ئي آڌار آهي. اهي سنت سدا ڏينهن رات آنند ۾ رهن ٿا ۽ مان اهڙن گڏوانن جي پيرن جي خاڪ گهران ٿو.
[گڏونتيا == گڏوان؛ پا == پير؛ ڇار == خاڪ.]

سري گورو نانڪ صاحب جن پڙ راڳ آسا ۾ فرمائين ٿا ته
"ساچي نام ڪي لاڳئ ڀوک
اُت ڀوکئ کاءِ چليئهه دوک."

يعني مونکي سچي نام جي بک لڳي پيئي آهي. انهيءَ بک جي ڪري سنسار جا دک کائي وڃن ٿا مطلب ته نام جپڻ ڪري سنسار جا دک هلاڪ ته ٿا ڪن.

سري گورو ارجن ديو جن پڙ سري راڳ جي شبد $\frac{19}{89}$ ۾ فرمائين ٿا ته
"ميري مَنِ تَنِ بُکَ اتِ آگلي، ڪوئي آنِ ملاوئِ ماءِ."

يعني منهنجي من تو ڙي تن کي نام جي گهڻي بک لڳي پيئي آهي. هي ڀائي! ڪير آهي جو مونکي پرماتما سان آڻي ملائي؟

(٢) محلا پهلا.

